ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 30 اپريل 2026ع 12 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويهه شمارو (255)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران هوش سان ڪم وٺي، نئين آڇ تي مطمئن ناهيان (صدر ٽرمپ) ايران جو تجويزن تي سپريم ليڊر سان مشاورت جو فيصلو

آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري تڪرار جي وچ ۾ ممڪن ڳالهين جي حوالي سان هڪ نئين لاڳيرائي، صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سنڌس قومي سلامتي ٽيم، جو ايران پاران پيش ڪيل هڪ نئين تجويز تي غور

تجويز ۾ هرمز جي آبنائي کي ٻيهر کولڻ جي آڇ شامل، جنگ ختم ڪرڻ جو شرط، ايران جي ايٽمي پروگرام تي ڳالهين کي بعد جي مرحلي تائين ملتوي ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي

ايران آمريڪا کي آگاهه ڪيو آهي ته اهو سخت دٻاءُ ۾ آهي ۽ جلد کان جلد آبنائي هرمز کي کولڻ چاهي ٿو پر انهن آڇ سان مڪمل طور تي مطمئن نه آهي: آمريڪي صدر جو جواب

آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو، ايران جي آڇ کي ماضي کان بهتر قرار ڏنو پر هن واضح ڪيو ته ڪو به آخري معاهدو يقيني بڻائيندو ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل نه ڪري سگهي

صدر ٽرمپ پنهنجن صلاحڪارن کي هدايت ڪئي آهي ته ايران تي اقتصادي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ ايراني بندرگاهن جي ڊگهي بندش لاءِ تيار رهن ته جيئن تهران کي يورينيم جي افزودگي کي روڪڻ تي مجبور ڪيو وڃي: وال اسٽريٽ جنرل

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري تڪرار جي وچ ۾، | ممڪن ڳالهين جي حوالي سان هڪ نئين اڳڀرائي سامهون آئي آهي. وائيٽ هائوس | تصديق ڪئي آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس قومي سلامتي ٽيم ايران پاران پيش | ڪيل هڪ نئين تجويز تي غور ڪيو آهي، جنهن جو مقصد جنگ کي ختم ڪرڻ ۽ | خطي ۾ تڪرار گهٽائڻ آهي، ميڊيا رپورٽ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي امڪاني سخت گرمي جي لهر سان منهن ڏيڻ لاءِ هنگامي قدمن جو اعلان

ڪي ايم سي جي انتظام هيٺ سمورن اسپتالن ۾ فوري خاص هيٽ ويو وارڊ قائم ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايت تي بلديه | عظمىٰ ڪراچي شهر ۾ متوقع سخت گرمي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

آمريڪا-ايران جنگ اسان جي ٻن سالن جي محنت کي نقصان پهچايو، خطي ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين: شهباز شريف

تيل جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن، سياڻي قيمتن بابت ٻيهر فيصلو ڪنداسين: وزيراعظم

پاڪستان وچ اوڀر ۾ جنگ بندي ۽ امن جي قيام لاءِ مسلسل ڪوششون ڪيون جيڪي اڃا تائين جاري آهن، جنگ جي ڪري اسان جي معاشي ترقيءَ جو سفر رڪجي ويو

سئلا جبل بڻجي سامهون بيٺا آهن پر ڏکئي وقت مان سرخرو ٿي نڪرنداسين، سعودي عرب جي سهڪار سان ساڍا ٽي ارب ڊالرن جو پرڏيهي قرض لاهي ڇڏيو، بچت مهم جاري رهندي

گذريل هفتن دوران اهم واقعا ٿيا، آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ پاڪستان ڳالهين جو ميزبان ٻه ڏينهن سلسلو 11 اپريل جي رات شروع ڪرايو هو اهو 21 ڪلاڪ ڊگهو هو جنهن لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير همت نه هاري ۽ ڏينهن رات ڪوششون ڪيون، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار به پنهنجن هم منصبن سان مصروف رهيو، اسان جي ڪوششن سان جنگ بندي ۾ واڌ ٿي

عالمي منڊي ۾ وڌندڙ قيمتن سبب غيرمعمولي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جنگ کان اڳ پاڪستان جو هڪ هفتي جو بل 30 ڪروڙ ڊالر هو جيڪو هاڻي 80 ڪروڙ ڊالر تائين پهچي ويو آهي: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته تيل جا اگهه | آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن، جمعي تي قيمتن بابت ٻيهر فيصلو | ڪنداسين. وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي اجلاس دوران ڳالهائيندي | چيو ته پاڪستان وچ اوڀر ۾ جنگ بندي ۽ امن جي قيام لاءِ مسلسل ڪوششون ڪيون | جيڪي اڃا تائين جاري آهن، جنگ جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ملڪ جي پهرين نيشنل ايگريڪلچر بائيو ٽيڪنالاجي، سيڊ ۽ اسڪاڻ ڊيولپمينٽ پاليسين جي منظوري

وزيراعظم وفاقي ڪابينا کي وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش تي اعتماد ۾ ورتو

وزيراعظم ڪابينا ميمبرن کي پاڪستان پاران وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ سفارتي ڪوشش کان آگاهه ڪيو

15 کان 20 سيڪڙو زرعي پيداوار ۾ اضافي ۽ عالمي معيار جي سيڊ ڪمپنيز سان حصيداري جي لاءِ قدم کنيا ويندا: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي ڪابينا ملڪ ۾ ويڪسين جي تياري جي پاليسي، | ملڪ جي پهرين نيشنل ايگريڪلچر بائيو ٽيڪنالاجي پاليسي، نيشنل سيڊ پاليسي ۽ | بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اي پي پي ڪرپشن ڪيس: گرفتار مڪ ملزم ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي

عدالت ملزم کي جمعي ڏينهن (اڄ) ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم به جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ احمد شهزاد گوندل اي پي پي | ميگا ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار سرڪاري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

انٽرپول ملڪ رياض ۽ سنڌس پٽ جا ريڊ وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا، هئي جلد گرفتار ٿيندا: نيب

ملڪ رياض خلاف 900 ارب رپين کان وڌيڪ ماليت جي جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي: ڊي جي آپريشنز نيب

مني لانڊرنگ جا 4 ڪيس عدالتن مان ختم ٿي چڪا آهن، نيب وٽ 289 ريفرنس، 205 انويسٽيگيشن ۽ 745 انڪوائريز التوا ۾ آهن

بحريا ٽائون سميت مختلف هائوسنگ منصوبن تي جاچ جاري آهي، سنڌ ۾ ملير، ڪورنگي، ڪلفٽن ۽ گل احمد مان زمين خالي ڪرائي وئي آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انٽرپول قومي احتساب بيورو (نيب) جي درخواست | تي پراپرٽي ٽائيڪون ملڪ رياض ۽ سندس پٽ علي رياض ملڪ جا ريڊ وارنٽ جاري | ڪري ڇڏيا. نيب چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جانورن خلاف ٿيندڙ ظلمن جي خاتمي بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ هڪ شخص بجلي جي هاءِ ٽينشن لائين واري ٿنڀ تي چڙهي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني فور ڪي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا طور خانگي اسڪول جي ڇت تان ڪرڻ سبب زخمي ٿيل شاگرديائي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌي نوجوان جي مالڪي ڪرڻ تي عطا تارڙ جي واڪاڻ، سنڌ حڪومت تي سوال اٿڻ لڳا

سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ خيرپور سان واسطو رکندڙ تعليم يافته نوجوان اظهر ميمڻ سان ملاقات ڪئي

ڪيس آفيس گهرائي پنهنجي سيٽ تي ويهارڻ، نوڪري فراهم ڪرڻ جي خاطري، عطا تارڙ ايڪس تي ملاقات جي هڪ وڊيو به شيئر ڪئي

ڪجهه ڏينهن اڳ اظهر ميمڻ جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگي جي ڏکين حالتن کي بيان ڪيو هو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ خيرپور سان | واسطو رکندڙ تعليم يافته نوجوان اظهر ميمڻ سان ملاقات ڪئي ۽ کيس نوڪري | فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي عطا بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ٿر جو ڪوئلو ملڪي توانائي ۽ معاشي استحڪام لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ ٿنڀ بڻجي اڀريو آهي: وڏو وزير

ٿر ڪول اينڊ انرجي جي 30هين اجلاس ۾ مائننگ وڌائڻ، ريل ۽ گرڊ رابطن ۽ ايندڙ قدمن جو جائزو ورتو ويو

مقامي توانائي جي ترقي کي تيز ڪرڻ، ڪوئلي تي ٻڌل صنعتڪاري کي وسعت ڏيڻ عزم

صوبائي حڪومت سستي بجلي پيدا ڪرڻ ۽ درآمد جي دارومدار کي گهٽائڻ لاءِ پرعزم آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي مقامي توانائي واري شعبي ۾ اهم اڳڀرائي | ڪي ظاهر ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ | (TCEB) جي 30 هين اجلاس جي صدارت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي مير اعجاز جکراڻي سان پٽ جي وفات تي تعزيت

بلاول ڀٽو زرداري جي آمد دوران جيڪب آباد شهر اندر سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

نوجوان پٽ جي وڇوڙي تي بلاول ڀٽو مير اعجاز جکراڻي کي آٿت ڏني، مير حارث ۽ رافع سان ملاقات بعد واپس روانو

سردار محمد بخش مهر، مير ممتاز حسين جکراڻي، مير طاهر حسين کوسو، مير غضنفر علي جکراڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

جيڪب آباد (ع ر) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي مان خصوصي اڏام | ذريعي جيڪب آباد جي شهباز ايئربيس تي پهتو جتي پ پ پ ايم پي اي شير محمد | مغيري ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي جي ميمبر مير اعجاز جکراڻي سان سندس پٽ مير زيد حسين جکراڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي. صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر پڻ موجود آهي

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ پاران سنڌي شعبي ۾ شاگردن جون داخلائون بند ڪرڻ سنڌ دشمني آهي: زين شاهه

يونيورسٽي تعصب جي بنياد تي اهڙا سنڌ دشمني ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف قدم کڻندي رهي آهي

وي سي کان سخت ٻچاءُ ڪري فوري طور تي سنڌي شعبي جون داخلائون بحال ڪيون وڃن

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر سيد زين شاهه پاران وفاقي اردو يونيورسٽيءَ پاران سنڌي شعبي ۾ شاگردن جون داخلائون بند ڪرڻ واري | عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت. سيد زين شاهه پنهنجي مذمتي بيان چيو ته وفاقي اردو يونيورسٽي مسلسل تعصب جي ور چڙهيل آهي، مختلف وقتن تي تعصب جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ چوڪيدار جي مدد سان سوناري جي دڪان مان 20 ڪروڙن جي سون جي ڦرلٽ چوري

هٿياربند جوابدارن چوڪيدار کي يرغمال بڻائي ڪيس پاڻ سان شامل ٿيڻ لاءِ 50 هزار رپين جي لالچ ڏني

جوابدارن چوڪيدار جي مدد سان دڪان جو شٽر ڪٽي 20 ڪروڙ رپين جي ماليت جي ڦرلٽ چوري ڪئي وئي

جوابدار چوڪيدار کي پئسا ڏيڻ کان سواءِ فرار ٿي ويا، پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي صدر واري علائقي ۾ چورن سوناري جي دڪان | تي انوکيو واقعي ۾ چور ڪروڙين رپين جي ڦيجوڙي ڪئي فرار ٿي ويا. ايس ايس پي | ذڪر جي مطابق اهو واقعو صبح جو 5:30 وڳي پيش آيو جتي ٻه جوابدار ڪٽر سان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عورتون بينظير انڪم سپورٽ جي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ قطار ۾ بيٺل آهن

نائب وزيراعظم جي برطانوي پرڏيهي وزير سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻنهي اڳواڻن مستقبل ۾ به ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار | برطانوي پرڏيهي وزير ايويٽ ڪوپر سان بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين سان ازبڪ وفد جي ملاقات، علائقائي ۽ اقتصادي تعاون تي اتفاق

نورئي ريجن جي گورنر نورمت تورسونوف ۽ ڊپٽي گورنر البيڪ غفاروف وفد سان گڏ پهتا

وچ ايشيا کي پاڪستان سان ڳنڍيندڙ واپاري راهداري خطي جي ترقي لاءِ اهم آهي: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان | ازبڪستان جي نورئي ريجن جو گورنر بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پين تي تنقيد کان اڳ شاهد خاقان پنهنجي دور جي ناڪام معاشي پاليسين جو حساب ڏئي: سعديه جاويد

"عوام پاڪستان پارٽي" ڊرائنگ روم تائين محدود آهي عوامي مسئلن جي ڪا ڄاڻ ناهي

پارٽي منصوبن تي سياست ڪرڻ بدران وفاق کان سنڌ جو جائز حصو وٺڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد اڳوڻي وزيراعظم شاهد | خاقان عباسي جي پريس ڪانفرنس تي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هيٽ ويو جي تجربي کي پاليسي سڌارن ۾ شامل ڪيو وڃي: ماهر

پي ڊي ايم اي سنڌ ۽ گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ورڪشاپ ٿيو

جديد موسمي مانيٽرنگ جي ذريعي اسان 3 کان 5 ڏينهن اڳ خبرداري جاري ڪري سگهون ٿا: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ڊي ايم اي سنڌ ۽ گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر | آرگنائيزيشن (FAO) جي سهڪار سان بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: فوڊ سيڪيورٽي جو وفاقي وزير رانا تنوير حسين چيئرمين پي اي آر سي ڊاڪٽر سيد مرتضيٰ حسن اندرابي سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

گڏيل قومن جي اعليٰ سطحي وفد جي سنڌ جي صوبائي وزيرن سان اهم ملاقات

ملاقات ۾ صوبي اندر جاري انوار متحده جي ترقياتي منصوبن ۽ فلاحي پروگرامن تي غور ويچار

ثقافتي ورثي جي تحفظ، اڦرادي قوت جون مهارتون وڌائڻ ۽ روزگار جا وسيع موقعا پيدا ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اقوام متحده جي هڪ اعليٰ سطحي وفد سنڌ جي صوبائي | وزيرن سان اهم ملاقات ڪئي، جنهن ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڻي جي ڪوٽ ناهي، پر فراهمي جو وڏو مسئلو آهي: شاهد خاقان عباسي

ٽينڪر ذريعي مهانگي اگهه تي پاڻي جو خرچ ڪاڏي ۽ اسڪول جي خرچن جي برابر ٿي ويو آهي

حڪومت کي جواب ڏيڻ گهرجي ته يونيورسٽي روڊ جو اڃا تائين تعمير نه ٿي سگهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوام پاڪستان پارٽي جي سربراهه شاهد خاقان عباسي چيو | آهي ته ڪراچي ۾ پاڻي جي ڪوٽ ناهي، پر بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نصيرآباد ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ٽائي اندر جهيڙو، عورت سميت 14 ڄڻا زخمي

گوٺ الهداد چانڊيو ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد لڳ ڳوٺ الهداد | بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر هيٺان سٽل ۾ نوجوان ڊرائيور پاران اوچتو گاڏي هلائڻ تي چيپاڄجي فوت ٿي ويا

لانڍي اسپتال چورنگي، جنرل ٽائر پرسان پيش آيل افسوسناڪ حادثي ۾ فوت ٿيلن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي

واقعي بعد ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، پوليس پاران ڳولا شروع

فوت ٿيل ٻنهي 25 ۽ 30 ورهين جي نوجوانن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا، سڃاڻپ جو عمل جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لانڍي اسپتال چورنگي، جنرل ٽائر پرسان پيش آيل | افسوسناڪ حادثي ۾ به ڄڻا فوت ٿي ويا. شروعاتي جاچ موجب بني ساڻهو روڊ | ڪناري هڪ ٽريلر هيٺ سمهي پيا هئا ته بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ چنگچي رڪشا تي وڏي مقدار ۾ بوهه کڻي منزل ڏانهن ليو پيو وڃي

ڊي ايس پي پارس بڪراڻي حيدرآباد جي بي وي سيل جي انچارج مقرر

عورتن، ٻارن، اقليتن ۽ ٽرانسجينڊرز بابت معاملن جون ذميواريون کيس ڏنيون ويون

ٽرانسجينڊر ڪميونٽي پاران سنڌس مقرري جي آجيان، گلدستا پيش ڪيا ويا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايس ايس پي حيدرآباد نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڊي ايس | پي ڪينٽ پارس بڪراڻي کي حيدرآباد ۾ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ٽرانسجينڊر برادري پاران ڊي ايس پي پارس بڪراڻي کي جي بي وي سيل جو انچارج ٿيڻ تي گلدستو پيش ڪيو پيو وڃي

وڏي وزير پاران فيڪٽري ۾ ڦاٿل ماڻهن کي فوري ۽ محفوظ طريقي سان ٻاهر ڪڍڻ جي هدايت

نوري آباد ۾ ٽيڪسٽائل فيڪٽري کي باهه، ڪپهه جا ٽي گودام سڙي رک، ويجها علائقا خالي ڪرايا ويا

ايڪسل ٽيڪسٽائل فيڪٽري ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جيڪا پرپاسي جي ڪارخانن تائين پکڙجي وئي

باهه سبب ڪپهه جا ٽي گودام مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا، فوري طور تي فائر برگيڊ کي طلب

ريسڪيو ٽيمون طرفان باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف، علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

نوري آباد (رپورٽ: شمس پالاري) نوري آباد علائقي ۾ واقع ايڪسل ٽيڪسٽائل جي | گودام ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن ۾ فيڪٽري جي ڪن ڪپهه جي گدام مڪمل | سڙي ويا باهه پرپاسي جي ڪارخانن تائين بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران چيني ڪمپنين کي پاڪستان ۾ ترجيحي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

چين جي دوري دوران هانگزو جن جيانگ گروپ جي سي اي او وانگ جيان ۽ صدر زرداري ۾ ملاقات ٿي

پاڪستان واٽر ٽريٽمينٽ، برقي گاڏين جي بيٽري سسٽمز ۽ متبادل توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جو خواهشمند آهي: صدر

سنڌ حڪومت صوبي ۾ سيڙپڪاري ڪندڙ پرڏيهي ڪمپنين خاص طور تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هر ممڪن سهولتون فراهم ڪندي

سانيا (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چين جي دوري دوران هانگزو جن جيانگ | گروپ جي سي اي او وانگ جيان سان اربع ڏينهن هتي ملاقات ڪئي ۽ ڪمپني کي | پاڪستان ۾ متبادل توانائي پاڻي صاف بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

هائينان: صدر آصف علي زرداري سان هانگزو جنجيانگ گروپ جو سي اي او وانگجيان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

جناح هائوس حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪنن جي عارضي ضمانتن ۾ واڌ

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي ڌر خاص عدالت 9 مئي جناح هائوس بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لنڊن: سيڙپڪاري بورڊ وارو وفاقي وزير قيصر احمد شيخ يو ڪي ڊفينس اينڊ سيڪيورٽي فورم کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايران پاران روس ۽ چين لاءِ اڏامون ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان

ايراني فضائي ڪمپنين سان سهڪاري ڪمپنين تي پابنديون لڳنديون: آمريڪا

تهران (اي پي پي) ايران ٻيهر روس ۽ چين لاءِ فضائي اڏامون بحال ڪرڻ جو اعلان | ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ايران 60 بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سمورن روٽ پرمٽس ۽ وهيڪل فٽنس سرٽيفڪيٽس کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو حڪم

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي پاران سمورن لاڳاپيل ادارن کي باضابطا طور تي هدايتون جاري

فيصلي تحت 30 جون کانپوءِ هٿ سان لکيل پرمٽس ۽ فٽنس سرٽيفڪيٽ غير موثر تصور ڪيا ويندا

صوبائي حڪومت ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏئي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ هڪ ٻيو اهم ۽ فيصلائتو قدم | کڻندي سڄي صوبي ۾ سمورن روٽ پرمٽس ۽ وهيڪل فٽنس سرٽيفڪيٽس کي مڪمل طور تي ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو حڪم | جاري ڪري ڇڏيو آهي سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي سڄي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

منشيات نوجوان نسل کي تباهه ڪري رهي آهي، سماج جي هر فرد کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: فريال ٽالپر

پوليس منشيات جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻي ٻي ترتيب ۽ مڪمل ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي

صوبي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌوڙهارين خلاف آپريشن ۾ پوليس آفيسرن جي همت ۽ بهادري ساراهه جوڳي آهي

ڊرگ مافيا خلاف تيز ٽرائل لاءِ هڪ خاص عدالت قائم ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي: ضياءُ لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ڪراچي ۾ چيئرپرسن فريال ٽالپر جي | صدارت ۾ اسٽينڊنگ ڪميٽي آف انٽيريئرنس جو هڪ اهم اجلاس ٿيو اجلاس | ۾ منشيات، اسٽريٽ ڪرائم امن امان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر جي صدارت ۾ صوبائي اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وڏي وزير پاران صنعتي ۽ گهٽ آمدني وارن علائقن کي سستي بجلي ڏيڻ لاءِ تجويزون جوڙڻ جي هدايت

ڪي اليڪٽرڪ چيئرمين شهريار چشتي سان ملاقات دوران پٺتي پيل علائقن ۾ لوڊشيڊنگ تي ڳڻتي جو اظهار

ڪراچي ۾ بجلي جي واهپيدارن لاءِ ٽارگيٽڊ سبسڊي پروگرام تي هڪ مطالعو ڪيو وڃي

ملاقات ۾ سستي قيمت، اڻ ڪٽ فراهمي ۽ گهٽ آمدني وارن واهپيدارن جي مدد تي ويچاريو ويو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه توانائي کاتي | ۽ ڪي- اليڪٽرڪ کي هدايت ڪئي آهي ته اهي گڏيل طور تي ڪراچي ۾ بجلي جي | واهپيدارن لاءِ هڪ ٽارگيٽڊ سبسڊي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سان نيپال جي سفير جي ملاقات

ٻطرفي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ

پاڪستان نيپال سان ثقافتي رابطن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي: اورنگزيب کچي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي ورثي ۽ ثقافت واري وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي | سان پاڪستان ۾ نيپال جي سفير ريتا بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: روسي سفير البرٽ پي خوريف وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي کي تحفو ڏئي رهيو آهي

ڪراچي ۾ مبينا طور خانگي اسڪول جي ڇت تان ڪرڻ سبب زخمي ٿيل شاگرديائي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون جي گبول ڪالوني ۾ واقع خانگي اسڪول جي ڇت تان ڪري شاگرديائي جي موت جو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي حوالا هنڊي ۾ ملوث ٽي جوابدار گرفتار

گجهي اطلاع تي ٽيم کي ايم سي ايڇ ايس سوسائٽي ايسٽ ۾ ڇاپو هنيو

جوابدار اشفاق احمد، انس اشفاق ۽ شارق سوکيا، 56 لک 52 هزار 920 رپيا هٿ آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) غير قانوني حوالا/ هنڊي نيٽ ورڪ خلاف ايف آءِ اي جي وڏي | ڪارروائي فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: شاگرديائيون بارهين ڪلاس جا پيپر حل ڪري رهيون آهن

ڪراچي ۾ هڪ شخص بجلي جي هاءِ ٽينشن لائين واري ٿنڀ تي چڙهي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني فور ڪي چورنگي جي ويجهو هڪ نامعلوم شخص اوچتو هاءِ ٽينشن لائن جي ٿنڀ تي چڙهي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير جام ڪمال خان سان تاجڪ سفير جي ملاقات، واپار ۽ ٽرانزٽ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ ٻه طرفي واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ علائقائي رابطا مضبوط بڻائڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وفاقي وزير واپار نجي شعبي جي رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ بزنس فورم منعقد ڪرڻ جي تجويز به پيش ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان تاجڪستان جي | سفير شيف زاده يوسف توڙ اربع ڏينهن هتي ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان | ۽ تاجڪستان وچ ۾ واپار ۽ ٽرانزٽ تعاون بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ واپاري کان 25 لک رپين ڦر جو ڪيس 17 ڏينهن کان پوءِ داخل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهه ڀٽو تي واپاري کان 25 لک رپين جي ڦر جو ڪيس 17 ڏينهن کان پوءِ ٿيڻ داخل ڪيو ويو. بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن طرفان تعليمي ادارن ۾ شاگرديائين جي حراسمنٽ خلاف ڌرڻو

شاگردن هاسٽلن کان ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪرڻ بعد مک گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو ويو

تعليمي ادارن ۾ حراسمنٽ ڪندڙن خلاف فوري طور قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

ڄامشورو (ع ر) مهراڻ يونيورسٽي سميت تعليمي ادارن ۾ شاگرديائين کي حراسمنٽ | واقعن خلاف مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن طرفان هاسٽلن کان ريلي ڪڍي حراسمنٽ | واقعن خلاف سخت نعريبازي ڪرڻ بعد مک گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگرد اڳواڻن جو چوڻ هو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

شڪارپور شهر ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ٽن ڌار ڌار واقعن ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا

اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حد ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ دڪان تي ويٺل عزيز الله شر مارجي ويو

لوڌران ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم هٿيارٻندن فائرنگ ڪري بشير احمد بروهي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

انڊس هاءِ وي تي مسافر ڪوچ جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر سبب خليل سولنگي ٿلهي تي دم ڏئي ڇڏيو

شڪارپور (ع ر) شڪارپور شهر ۾ ٽن ڌار ڌار واقعن ۾ ٽي ڄڻا پنهنجي جان وڃائي ويا | پوليس موجب سمورن واقعن جون جاچون شروع ڪيون ويون آهن جڏهن ته ضروري | قانوني ڪارروائي پڻ جاري آهي. تفصيل بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: مارجي ويلن جا لاش ۽ سندن حياتي جون تصويرون

جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جو سهرو الله بخش لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جو سهرو الله بخش لاڙڪاڻي ۾ 90 سالن جي ڄمار ۾ انتقال ڪري ويو صوبائي ترجمان مجاهد چنا موجب مرحوم جي جنازي نماز بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 شهباز شريف

ڪري اسان جي معاشي ترقيءَ جو سفر رڪجي ويو پيٽروليم شين جا اگها آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن مسئلا جبل بڻجي سامهون بيٺا آهن پر ڏکئي وقت مان سرخرو ٿي نڪرنداسين هن چيو ته سعودي عرب جي سهڪار سان ساڍا ٽي ارب ڊالرن جو پرڏيهي قرض لاهي چڪيون بجيٽ پاليسي جا قدم جاري رهندا. وزيراعظم ڪابينا ميمبرن کي صورتحال تي اعتماد ۾ وٺندي چيو ته گذريل هفتن دوران اهم واقعا ٿيا، آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ پاڪستان ڳالهين جو جيڪو ڏکيو سلسلو 11 اپريل جي رات شروع ڪرايو هو اهو 21 ڪلاڪ طويل هو هن جو چوڻ هو ته اهو ميراٿن سيشن هو جنهن لاءِ تمام ڳهڻيون ڪوششون ڪيون ويون فيلڊ مارشل سيد عاصم منير همت نه هاري ۽ ڏينهن رات ڪوششون ڪيون نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار به پنهنجن هم منصبن سان مصروف رهيو اسان جي تمام ڳهڻين ڪوششن سان جنگ بندي ۾ واڌ ٿي جيڪا اڃا تائين جاري آهي. وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته هن چيو ته جنگ اسان جي ٻن سالن جي گذريل ڪوشش کي نقصان پهچايو ان صورتحال ۾ عالمي منڊي ۾ تيل جي اگهن ۾ واڌ ٿي وڌندڙ قيمتن سبب غيرمعمولي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي سندس چوڻ هو ته جنگ کان اڳ پاڪستان جو هڪ هفتي جو بل 30 ڪروڙ ڊالر هو جيڪو هاڻي 80 ڪروڙ ڊالر تائين پهچي ويو آهي عالمي منڊي ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن معاشي استحڪام جي ڪوششن تي اثر وڌو آهي.

بقايا 2 منظوري

نيشنل اسڪلز ڊيولپمينٽ پاليسي جي منظوري ڏني ڇڏي جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي ڪابينا کي وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن تي اعتماد ۾ ورتو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ڪالهه اربع ڏينهن ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم ڪابينا ميمبرن کي پاڪستان پاران وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ سفارتي ڪوششن کان آگاهه ڪيو وزيراعظم عالمي سطح تي پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن جي بحران جي باوجود عوامي سهولت جي لاءِ صورتحال کي هر ممڪن بهتر انداز ۾ سنڀالڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو بيان موجب وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ايجنڊا تي موجود مختلف شعبه جاتي پاليسيز جي پڻ منظوري ڏني وئي وفاقي ڪابينا ملڪي سطح تي ويڪسين جي تياري جي پاليسي منظوري ڏني ان ڏس ۾ ڊريپ جي نگراني هيٺ قيمتن جي تعين ۽ معيار کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ خصوصي ڪميٽي جوڙڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي پاليسي جو مقصد ويڪسين جي مد ۾ درآمدات تي دارومدار گهٽ ڪرڻ قيمتي پرڏيهي ناڻي جي بچت ۽ ملڪ کي ويڪسين جي تياري ۾ پاڻيرو ڪرڻ آهي وفاقي ڪابينا وفاقي نظامت تعليم ۾ ڊهاڙي اجرت تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ گريڊ 1 کان 15 جي استادن جي حوالي سان سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ انهن جي اهليت موجب وفاقي نظامت تعليم وزٽنگ فيڪلٽي ريگيوليشنز 2025ع تحت انهن جون خدمتون بطور وزٽنگ فيڪلٽي وٺڻ جي منظوري ڏني وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ نيشنل اسڪلز ڊيولپمينٽ پاليسي جي پڻ منظوري ڏني وئي پاليسي تحت ملڪي صنعت ۽ واپار جي ضرورتن ۽ جديد دور جي گهرجن موجب افرادي قوت جي صلاحيت کي هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. وڌيڪ اهو ته ٻاهرين ملڪ ويندڙ پاڪستانين جي لاءِ عالمي معيار جي تربيت ۽ سرٽيفڪيشن جي لاءِ خصوصي قدم پڻ پاليسي جو حصو آهن وفاق ۽ سمورا صوبا ان ڏس ۾ گڏيل تعاون سان ڪم ڪندا، نجي شعبو به ان پاليسي تي عملدرآمد جو اهم حصو هوندو ڪابينا ملڪ جي پهرين نيشنل ايگريڪلچر بائيو ٽيڪنالاجي پاليسي جي پڻ منظوري ڏني جنهن جو مقصد قومي غذائي تحفظ، زرعي پيداوار ۾ خاطرخواهه اضافي ۽ زرعي شعبي ۾ تحقيق ۽ ترقي ۽ موثر حڪمت عملي کي يقيني بڻائڻ آهي اجلاس ۾ نيشنل سيڊ پاليسي 2025ع جي پڻ اصولي منظوري ڏني وئي پاليسي جو مقصد غذائي تحفظ ۽ آبادگارن کي بااختيار بڻائڻ آهي پاليسي تحت 15 کان 20 سيڪڙو زرعي پيداوار ۾ اضافي ۽ عالمي معيار جي سيڊ ڪمپنيز سان حصيداري جي لاءِ قدم کنيا ويندا. ان کانسواءِ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ نيپرا جي ساليانو رپورٽ 2025ع ۽ اسٽيٽ آف انڊسٽري رپورٽ 2025ع پڻ پيش ڪئي وئي اجلاس ۾ غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير عمران احمد شاهه جي والده جي لاڏاڻي تي فاتحه خواني پڻ ڪئي وئي.

بقايا 3 ملاقات

شهباز شريف سان پاڪستان ريلوي ۾ عوامي سهولتن ۽ محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ ريلوي ۾ مال برداري جي خدمتن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ريلوي جي وفاقي وزير محمد حنيف عباسي اربع ڏينهن هتي ملاقات ڪئي محمد حنيف عباسي وزيراعظم کي ريلوي سان لاڳاپيل معاملن ۽ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وزيراعظم پاڪستان ريلوي ۾ عوامي سهولتن ۽ محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ مال برداري جي خدمتن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو وزيراعظم ريلوي پاران مسافرن جي سهولتن لاءِ کنيل قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 4 حوالي

ملزم معظم جاويد ڪوڪر کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو عدالت ملزم کي جمعي ڏينهن (اڄ) ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم به جاري ڪري ڇڏيو. گذريل ڏينهن ٻڌڻيءَ دوران ايف آءِ اي عملدارن عدالت ۾ مؤقف اختيار ڪيو ته ملزم کان وڌيڪ جاچ ۽ اهم ثبوت گهربل آهن ان لاءِ سندس 7 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏنو وڃي جاچ آفيسر موجب ملزم تي الزام آهي ته هن جعلي چيڪس تي صحيحيون ڪري قومي خزاني کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچايو ٻئي طرف اي پي جي نمائندگي ڪندڙ نالياوارو قانوندان راڻا روحيل ايڊووڪيٽ عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ مؤقف اختيار ڪيو ته ملزم ايف آءِ اي ۾ گهربل آهي ۽ سندس خلاف ڪوئي شاهد موجود آهن. تنهنڪري وڌيڪ جاچ اڻ ٿر آهي دليل ٻڌڻ کانپوءِ عدالت ايف آءِ اي جي گذارش منظور ڪندي ملزم کي ٻن ڏينهن لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ايندڙ ٻڌڻيءَ تي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي واضح رهي ته گذريل ڏينهن اسپيشل جج سينٽرل همايون دلاور ملزم معظم جاويد ڪوڪر جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي جنهن کان پوءِ ايف آءِ اي ملزم کي عدالت جي اڳيان مان گرفتار ڪري ورتو واضح رهي ته ايف آءِ اي پي بي ۾ مبينه طور تي سوا ارب روپين جي ماليت جي فراڊ جي الزام ۾ 16 ملازمن خلاف ڪيس داخل ڪري رکيو آهي ۽ ان ڪيس ۾ گهربل ڪيترائي ملزم اڳ ئي سينٽرل جيل اڊيالا ۾ قيد آهن

بقايا 5 نيب

(ر) نذير احمد بٽ ميڊيا کي ٻڌايو ته نيب جي درخواست تي انٽرپول ملڪ رياض ۽ علي رياض جا وارنٽ جاري ڪيا آهن ۽ انهي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ڊي جي آپريشنز نيب امجد مجيد اولک موجب ملڪ رياض خلاف 900 ارب روپين کان وڌيڪ ماليت جي جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي هن ٻڌايو ته گذريل سال نيب 89 ارب روپيا رڪوري ڪئي جڏهن ته هن وقت مني لانڊرنگ سان لاڳاپيل 37 هاءِ پروفائل ڪيسن تي ڪارروائي جاري آهي سندس موجب مني لانڊرنگ جا 4 ڪيس عدالتن مان ختم ٿي چڪا آهن جڏهن ته هن وقت نيب وٽ 289 ريفرنس، 205 انويسٽيگيشن ۽ 745 انڪوائريز التوا ۾ آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته هلندڙ سال جنوري کان مارچ تائين 8 هزار 563 شڪايتون مليون جن مان 8 هزار 214 اڪلايون ويون جڏهن ته 475 تي ڪارروائي جاري آهي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته بحريا ٽائون سميت مختلف هائوسنگ منصوبن تي جاچ جاري آهي سنڌ ۾ ملير ڪورنگي، ڪلفٽن ۽ گل احمد ملز سان زمين خالي ڪرائي وئي آهي جڏهن ته پنجاب ۾ 9 لک ايڪڙ کان وڌيڪ زمين واپس حاصل ڪئي وئي آهي خالي ڪرايل زمين جي نگراني لاءِ صوبائي سطح تي ٽاسڪ فورس به قائم ڪئي وئي آهي واضح رهي ته ملڪ رياض جي عمر 72 سال آهي ۽ هو بحريا ٽائون جو باني ۽ چيئرمين آهي جڏهن ته سندس 48 ورهين جو پٽ علي رياض ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي.

بقايا 6 چڙهي ويو

چورنگي جي ويجهو هڪ نامعلوم شخص اوچتو هاءِ ٽينشن لائن جي ٿنڀ تي چڙهي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو ادارن جون ٽيمون فوري طور تي موقعي تي پهچي ويون، جڏهن ته وڏي تعداد ۾ تماشائي پڻ گڏ ٿي ويا. ريسڪيو ٽيمون ٿنڀ تي چڙهندڙ شخص کي محفوظ طور تي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ٿنڀ تي چڙهندڙ شخص منشيات جو عادي نظر اچي ٿو بهرحال اڃا تائين سندس سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي حفاظتي قدمن کي نظر ۾ رکندي، لاڳاپيل اختيارين کي ڪنهن به ممڪن حادثي کان بچڻ لاءِ بجلي جي فراهمي معطل ڪرڻ بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو آهي.

بقايا 7 فوت

گبول ڪالوني ۾ واقع خانگي اسڪول جي ڇت تان ڪري شاگرديائي جي موت جو واقعو 21 اپريل تي پيش آيو جنهن کان پوءِ چوڪري فوت ٿي وئي فوت ٿيل جي سڃاڻپ ڪنزا حسين جي نالي سان ڪئي وئي آهي پوليس اختيارين موجب اسڪول جي پرنسپل چيو ته چوڪري ڏاڪڻين تان ڪري پئي هئي ۽ حادثي کان پوءِ کيس اسپتال به پهچايو ويوايس ايس پي ويسٽ چيو ته چوڪري جا والدين پهريان پوليس ٿاڻي ويا پر قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ان سان گڏ انهن کي ٻڌايو ته چوڪري ٽئين منزل تان ڪري پئي آهي ايس ايس پي ويسٽ موجب والدين هاڻي اسڪول انتظاميا خلاف قانوني ڪارروائي چاهين ٿا، جڏهن ته اسڪول انتظاميا ۽ والدين جي وچ ۾ معاملو خوش اسلوبي سان حل ٿي چڪو آهي پوليس واقعي جي جاچ به ڪئي جڏهن ته واقعي وقت موجود ٻين شاگردن کان معلومات ورتي وئي، جنهن مان ظاهر ٿيو ته چوڪري ڇت ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻين تان ڪري پئي هئي.

بقايا 8 سوال اٿڻ لڳا

ڊارڙ ايڪس تي ملاقات جي هڪ وڊيو به شيئر ڪئي جنهن ۾ هن اظهر ميمڻ کي پنهنجي سيٽ تي ويهاريو ان موقعي تي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا ۽ نوجوان پنهنجي احساسن تي قابو نه رکي سگهيو وڊيو ۾ هو جذباتي ٿيندي چوي ٿو ته اهي لمحا سندس لاءِ انتهائي خاص آهن پنهنجي پيغام ۾ عطا تارڙ لکيو ته اظهر ميمڻ سان ملاقات هڪ انتهائي جذباتي ۽ متاثر ڪندڙ لمحو هو ڪجهه ڏينهن اڳ اظهر ميمڻ جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگي جي ڏکين حالتن ۽ جدوجهد جو احوال بيان ڪيو هو اظهر ميمڻ ڪراچي يونيورسٽي مان ايم بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته هن اظهر ميمڻ کي اسلام آباد گهرايو سندس حوصلا افزائي ڪئي ۽ کيس روزگار جي مناسب بندوبست جي خاطري ڪرائي آهي سوشل ميڊيا تي واهپيدارن طرفان عطا تارڙ جي ان قدم کي ساراهيو پيو وڃي.

بقايا 9 تعزيت

سينيٽر محمد اسلم ابڙو ۽ ٻين استقبال ڪيو پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي آمد دوران جيڪب آباد شهر اندر سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا ۽ وڏي انگ ۾ پوليس کي هاءِ الرٽ ڪري بيهاريو ويوبلاول ڀٽو زرداري ايئرپورٽ کان جکراڻي هائوس تي پهتو جتي هن پ پ پ ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس پٽ مرحوم مير زيد حسين جکراڻي جي وفات تي ساڻس تعزيت ڪئي نوجوان پٽ جي وڇوڙي تي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مير اعجاز حسين جکراڻي کي آٿت ڏني ۽ سندس ٻن پٽن مير حارث جکراڻي ۽ مير رافع حسين جکراڻي کي حوصلو ڏنو ان موقعي تي سردار محمد بخش مهر ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي،چيئرمين ضلع ڪائونسل مير طاهر حسين کوسو،مير غضنفر علي جکراڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪجهه دير جکراڻي هائوس تي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سندن ٻن پٽن مير حارث جکراڻي ۽ مير رافع حسين جکراڻي سان بند ڪمري ۾ ڪجهه دير تائين ملاقات ڪرڻ بعد ٻيهر ڪراچي لاءِ روانو ٿي ويو

بقايا 10 زين شاهه

بنياد تي اهڙا سنڌ دشمني ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه خلاف پنهنجون حڪمت عمليون اختيار ڪندي رهي آهي جنهن سبب سنڌي ٻولي ۽ شاگردن جو تدريسي عمل متاثر ٿي رهيو آهي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي گادي واري شهر ۾ سنڌ خلاف ٿيندڙ هي پهريون عمل ناهي مختلف وقتن تي اهڙا واقعا سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور قرار نه ڏيڻ سبب پيش اچي رهيا آهن سيد زين شاهه چيو ته صوبي ۾ سمورين يونيورسٽين سنڌ حڪومت جي وزير اعليٰ جي ماتحت آهن پر پيپلزپارٽي ان عمل تي ڌيان ڏيڻ بجاءِ سنڌ بانهن ٻيلي بڻيل آهي سيد زين شاهه چيو ته وفاقي اردو يونيورسٽي جي انتظاميا خاص طور تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ضابطا ڪي شنواري کان سخت پڇاڻو ڪرڻ گهرجي ته سنڌي شعبي ۾ داخلائون بند ڪرڻ جو سبب ڇو آهي ۽ اهڙي عمل بند ڪرڻ جي هدايت ڪنهن جي طرفان ملي آهي سيد زين شاهه مطالبو ڪيو ته فوري طور تي سنڌي شعبي جون داخلائون بحال ڪيون وڃن ۽ ٻيهر اهڙي ڪنهن به عمل کي دهرايو نه وڃي جنهن سان تعصب جي فضا قائم ٿئي، سنڌي شاگردن جو مستقبل متاثر ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۾ ڪو خلل پيدا ٿئي

بقايا 11 چوري

رڳي پيش آيو جتي ۾ جوابدار ڪٽر سان دڪان جو شٽر ڪٽي اندر داخل ٿيا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار پهريان اتي موجود چوڪيدار کي بندوق جي زور تي يرغمال بڻايو ۽ پوءِ ان کي پاڻ سان شامل ٿيڻ لاءِ لالچ ڏنو ۽ پاڻ سان ملايو چوڪيدار پوليس کي ڏنل پنهنجي بيان ۾ انڪشاف ڪيو ته جوابدار کيس مدد جي بدلي ۾ 50,000 هزار روپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو جوابدار چوڪيدار جي مدد سان دڪان جي ڳري تيجوڙي کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پوءِ واعدي موجب پئسا ڏيڻ کان سواءِ تيجوڙي کڻي فرار ٿي ويا. تيجوڙي ۾ مبينا طور تي 20 ڪروڙ روپين جي ماليت جو سامان موجود هو پوليس جو چوڻ آهي ته جيولرز جي پاران نقصان جو حتمي اندازو ۽ ايف آءِ آر جي درخواست اڃا تائين نه ملي آهي جڏهن ته پوليس ٽيمون واقعي واري هنڌ تي موجود آهن ۽ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ٻئي طرف سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ فوري طور تي ڊي آءِ جي ڏکڻ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي آهي گهرو وزير پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته چورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ فوري طور تي پوليس ٽيمون متحرڪ ڪيون وڃن ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. ضياءَ الحسن لنجار وڌيڪ زور ڏنو آهي ته جوابدارن کي ڳولهڻ ۽ انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي وڃي ته جيئن واپارين جي نقصان جو ازالو ڪري سگهجي ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکي سگهجي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ واقعي واري هنڌ کان ثبوت گڏ ڪيا پيا وڃن

بقايا 12 مقرر

جي بي وي سيل جي انچارج مقرر ڪيو آهي، سندس ذميوارين ۾ عورتن، ٻارن، ٽرانسجينڊرز ۽ اقليتن بابت قائم ڊيسڪن جي نگراني ڪرڻ ۽ انهن جي حوالي سان معاملن کي حل ڪرڻ شامل آهي، ٻئي طرف ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جي هڪ وفد زوبيرا خانزادو جي قيادت ۾ ڊي ايس پي پارس بڪراڻي کي نئون عهدو ملڻ تي گلدستو پيش ڪري مبارڪباد ڏني جڏهن ته جينڊر انٽر ايڪٽو الائنس جي ڊائريڪٽر بنديا راڻا پڻ حيدرآباد ۾ پهريون پيرو صنفي بنياد تي امتيازي سلوڪ جي خاتمي لاءِ قائم ڪيل سيل ۽ ان جو ڊي ايس پي پارس بڪراڻي کي انچارج مقرر ڪرڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي کيس مبارڪباد ڏني

بقايا 13 فوت ٿي ويا

اوچتو ٽريلر ڊرائيور گاڏي هلائي ڇڏي، جنهن سبب ٻئي ڄڻا ٽريلر هيٺ اچي موقعي تي ئي چيڀاٽجي فوت ٿي ويا. اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ لاشن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ايمبولينس ذريعي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر منتقل ڪيو ويو.ريسڪيو ذريعن موجب فوت ٿيل ماڻهن جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته سندن عمرون لڳ ڀڳ 25 کان 30 ورهين جي وچ ۾ ٻڌايون پيون وڃن.پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ٽريلر ڊرائيور جي ڳولا جاري آهي، جيڪو حادثي بعد موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.مقامي ماڻهن موجب مذڪوره هنڌ تي رات جي وقت ٽرانسپورٽ گاڏين جي اچ وڃ گهڻي هوندي آهي ۽ ڪيترائي بي گهر ماڻهو روڊ ڪناري يا گاڏين هيٺ پناهه وٺي سمهندا آهن، جنهن ڪري اهڙن حادثن جو خطرو وڌيل رهندو آهي.شهري حلقن انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اهڙن هنڌن تي حفاظتي قدم کنيا وڃن ۽ بي گهر ماڻهن لاءِ محفوظ پناهه گاهن جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن قيمتي جاني نقصان کان بچي سگهجي.

بقايا 14 شاهد خاقان عباسي

فراهمي جو وڏو مسئلو موجود آهي شهر جي ڪنهن به علائقي ۾ وڃو ته ساڳي صورتحال نظر اچي ٿي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته شهر ۾ پاڻي موجود هجڻ باوجود ٽينڪر ذريعي مهانگي اگهه تي ملي رهيو آهي جڏهن ته پاڻي جو خرچ ماڻهن لاءِ ڪاڏي ۽ اسڪول جي خرچن جي برابر ٿي ويو آهي. هن حڪومت کان سوال ڪيو ته ڪراچي وارن کي باقاعده پاڻي ڪڏهن فراهم ڪيو ويندو، شاهد خاقان عباسي چيو ته موجوده حڪومت کي جواب ڏيڻ گهرجي ته يونيورسٽي روڊ جو اڃا تائين تعمير نه ٿي سگهيو آهي، جيڪا شهر جي سڀ کان مصروف شاهراهه مان هڪ آهي. هن چيو ته سالن اڳ به هن روڊ لاءِ منصوبا ٺاهيا ويا، ٺيڪو به ڏنو ويو پر 5 سال گذرڻ باوجود ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ سڙڪن، ٽرانسپورٽ ۽ پاڻي جي نظام ۾ خرابيون وڌي ويون آهن ۽ جيسيتائين ڪراچي ترقي ڪندو نه پاڪستان به ترقي ڪندو، شاهد خاقان عباسي جو چوڻ هو ته هن روڊ تي روزانو لکين ماڻهو سفر ڪن ٿا ۽ هزارين ڪاروباري مرڪز موجود آهن پر ان باوجود به حڪومت هن اهم منصوبي کي مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هن چيو ته گرين لائين ۽ ڪي فور منصوبن لاءِ وفاقي حڪومت پاران فنڊ جاري ڪيا ويا هئا، پر 9 سال گذرڻ باوجود اهي پئسا مڪمل طور استعمال نه ٿي سگهيا.

بقايا 15 ملاقات

ترقياتي ۽ فلاحي منصوبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پاڪستان ۾ اقوام متحده جي ريزيڊنٽ ۽ هيومينيٽرين ڪوآرڊينيٽر محمد يحيى، وفد جي اڳواڻي ڪئي. اجلاس ۾ صوبائي وزير آبپاشي ۽ منصوبا بندي جام خان شورو، وزير محنت ۽ افرادي قوت سعيد غني، وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي مالڪاڻي شرڪت ڪئي. ان کان علاوه سنڌ ۾ يونيسڪو جي سربراهه فواد پاشائيف، UN Women جي ڪنٽري نمائندي جمشيد قاضي، يو اين آر سي او جي پارٽنرشپس ايڪسپرٽ جيان لي، عمران خان لغاري، پريم چند ۽ ٻين عملدارن پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته آرٽس ڪائونسل جي صدر سيد احمد شاهه پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. اجلاس دوران سنڌ ۾ جاري اقوام متحده جي ترقياتي منصوبن ۽ فلاحي پروگرامن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، جڏهن ته اقوام متحده ۽ حڪومت سنڌ وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي موقعن تي به غور ڪيو ويو. ٻنهي ڌرين پائيدار ترقي، عوامي ڀلائي ۽ سماجي بهتري لاءِ گڏيل عزم جو اظهار ڪيو. ڳالهه ٻولهه دوران ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ واڌاري، افرادي قوت جي مهارتن کي وڌائڻ ۽ روزگار جا وسيع موقعا پيدا ڪرڻ تي به زور ڏنو ويو. آبپاشي نظام جي بهتري، پاڻي جي موثر استعمال ۽ زرعي شعبي جي ترقي بابت اهم نڪتا پڻ زير بحث آيا. ان کان علاوه لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز شعبي ۾ جديد طريقن جي واڌاري ۽ پيداوار ۾ اضافي جي اهميت تي به ڳالهه ڪئي وئي. يونيسڪو پاران نوڪوٽ قلعو عمرڪوٽ قلعو ۽ ڪوٽ ڏيجي قلعو پنهنجي لسٽ ۾ شامل ٿيڻ تي ساراهه ڪئي وئي، جڏهن ته سنڌ جي ٻين قديم ۽ تاريخي ماڳن کي به جلد عالمي ورثي جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ٿي.

بقايا 16 ماهر

ڪراچي ۾ هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو ، جنهن ۾ هن ڳالهه تي بحث ڪيو ويو ته گرمي جي لهرن (هيٽ ويوز) سنڌ ۾ خوراڪ جي سلامتي، انساني صحت ۽ زراعت تي ڪيئن اثرانداز ٿي رهيون آهن هن ورڪشاپ ۾ پاڪستان موسميات کاتو (PMD)، زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ کاتا، علمي ادارا ۽ انسانيت دوست ۽ ترقياتي پائيدار شرڪت ڪئي ورڪشاپ ۾ خاص زور ان ڳالهه تي ڏنو ويو ته ڪرگر بيسڊ ابتدائي خبرداري نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي، هڪ اهڙو ڪاڻيمر لائين تيار ڪيو وڃي جيڪو گرمي جي لهرن جي بحرانن کي سڀني شعبن ۾ ڏکي ۽ اڳواٽ ڪارروائين (Anticipatory Actions) ڏانهن وڌيو وڃي، پروفيسر ڊاڪٽر اسماعيل ڪنڀر ان موقعي تي چيو ته هارين جي آگاهي ۽ موسمي ڄاڻ زرعي مضبوطي لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿيون

بقايا 17 سعديه جاويد

سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته هو نئين پارٽي ٺاهي پراڻي تنقيد وڪڻڻ جي ڪوشش نه ڪن. سعديه جاويد چيو ته ڪراچي جي فڪر ڇڏين پهريان قوم کي ايل اين جي ڪيس جو حساب ڏين هن وڌيڪ چيو ته شاهد خاقان عباسي جي گفتگو حقيقتن کان منهن موڙڻ ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي برابر آهي. هن چيو ته ٻين تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ شاهد خاقان عباسي پنهنجي دور حڪومت جي ناڪام معاشي پاليسين جو حساب ڏين "عوام پاڪستان پارٽي" رڳو ڊرائنگ روم سياست تائين محدود آهي ۽ ان کي عوامي مسئلن جي ڪا ڄاڻ ناهي. سعديه جاويد موجب ڪراچي جي رستن تي پيپلز پارٽي جو ڪم پاڻ ڳالهائي رهيو آهي، تنقيد ڪندڙن کي پنهنجا چشما بدلائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا آهن جن جي ماضي ۾ مثال نٿي ملي. هن زور ڀريو ته پاڻي منصوبن تي سياست ڪرڻ بدران وفاق کان سنڌ جو جائز حصو وٺڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي. سعديه جاويد چيو ته شاهد خاقان عباسي کي ڪراچي رڳو پريس ڪانفرنسن لاءِ ياد اچي ٿي

بقايا 18 اتفاق

نورمت ترسونوف ۽ علائقائي جي ڊپٽي گورنر البيڪ غفاروف بلاول هائوس پهچي ملاقات ڪئي وفد ۾ پاڪستان ۾ ازبڪ سفير عليشر تورختايف ۽ سيڪنڊ سيڪريٽري روشن جمانوف به شامل هئا. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ازبڪستان جي نوائي ريجن جي گورنر نورمت ترسونوف علائقائي ۽ اقتصادي تعاون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ازبڪستان جي نوائي ريجن جي گورنر نورمت ترسونوف معدنيات ۽ توانائي جي منصوبن ۾ تعاون ۽ پائيداري جي امڪانن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وچ ايشيا کي پاڪستان سان ڳنڍيندڙ واپاري راهداري خطي جي ترقي لاءِ اهم آهي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ازبڪستان جي نوائي ريجن جي گورنر نورمت ترسونوف سان ڳالهه ٻولهه پاڪستان دوست ملڪ آهي ٻنهي تعاون جا موقعا وڌندا آهن خطو ان مان فائدو حاصل ڪندو، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ازبڪستان جي نوائي ريجن جي گورنر نورمت ترسونوف سان ڳالهه ٻولهه ڪئي

بقايا 19 ڳالهه ٻولهه

ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي برطانوي پرڏيهي وزير ايويٽ ڪوپر خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش ۽ ان سلسلي ۾ پاڪستان جي مستقل تعاون کي ساراهيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڊار ڏين جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه سفارتڪاري ۽ تعميري رابطن کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ٻنهي اڳواڻن مستقبل ۾ به ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 20 فيصلو

موجب، ايران جي هن تجويز ۾ هرمز جي آبنائي کي ٻيهر کولڻ جي آڇ شامل آهي بشرطيڪ جنگ ختم ڪري وڃي، جڏهن ته ايران جي ايٽمي پروگرام تي ڳالهين کي بعد جي مرحلي تائين ملتوي ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي بهرحال ٻنهي ملڪن طرفان هن تجويز جي مڪمل تفصيل اڃا تائين ظاهر نه ڪئي وئي آهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي هڪ بيان ۾ چيو ته ايران آمريڪا کي آگاهه ڪيو آهي ته اهو سخت دٻاءَ ۾ آهي ۽ جلد کان جلد آبنائي هرمز کي کولڻ چاهي ٿو ٽرمپ اشارو ڏنو ته هو اڃ سان مڪمل طور تي مطمئن نه آهي هتي ٻئي طرف، آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ايران جي آڇ کي ماضي کان بهتر قرار ڏنو پر هن واضح ڪيو ته ڪو به آخري معاهدو يقيني بڻائيندو ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل نه ڪري سگهي ايران اڳ ۾ بار بار ايٽمي هٿيار ٺاهڻ جي پنهنجي ارادن کي رد ڪري چڪو آهي

بقايا 21 دعوت

ڪرڻ ۽ برقي گاڏين جي بيٽري سسٽمز سميت ترجيحي شعبن ۾ چيني سيڙپڪاري وڌائڻ جي دعوت ڏني ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، ملاقات دوران صدر کي ٻڌايو ويو ته گروپ اڳ ۾ ئي پاڪستان ۾ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ چين جي ناليوارين 100 ڪاروباري گروپن ۾ شامل آهي ان جون سرگرميون گڏيل صنعت، پاڻي، تيل ۽ گئس، ڪوئلي جي گئسيفڪيشن، قابل تجديد توانائي، زراعت ۽ آبپاشي جهڙن شعبن ۾ پکڙيل آهن صدر چيو ته پاڪستان مختلف شعبن خاص طور تي واٽر ٽريٽمينٽ، برقي گاڏين جي بيٽري سسٽمز ۽ متبادل توانائي جي شعبن ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪري رهيو آهي هن چيو ته اهڙي قسم جون ڀائيواريون پائيدار ترقي ۽ صنعتي اڳڀرائي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون صدر آصف علي زرداري چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ سيڙپڪاري ڪندڙ پرڏيهي ڪمپنين خاص طور تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هر ممڪن سهولتون فراهم ڪندي ملاقات ۾ سينيٽر سليم مانڊوي والا، سنڌ جو سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن بابت وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ پڻ موجود هئا

بقايا 22 واڌ

حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ٻين ڪارڪنن جي عارضي ضمانتن ۾ 21 مئي تائين واڌ ڪندي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي جاچ آفيسر کي ڪيس جو رڪارڊ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت جي ايڊمن جج منظر علي گل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي پي ٽي آءِ جي علي امتياز وڙائچ سميت ٻيا ملزم عدالت ۾ حاضريءَ لاءِ پيش ٿيا. ٻڌڻيءَ دوران پراسيڪيوشن ڪيس جو رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ مهلت طلب ڪئي، جنهن تي عدالت هدايت ڪئي ته ايندڙ ٻڌڻيءَ تي ڪيس جو مڪمل رڪارڊ پيش ڪيو وڃي جڏهن ته وڪيل به دليلن لاءِ پيش ٿين عدالت جن ملزمن جي عارضي ضمانتن ۾ واڌ ڪئي انهن ۾ علي امتياز وڙائچ اويس يونس سميت ٻيا به شامل آهن

بقايا 23 اعلان

ڏينهن جي وقفي کان پوءِ روس ۽ چين لاءِ اڏامون ٻيهر شروع ڪيون آهن گذريل ڏينهن قومي فضائي ڪمپني ايران ايئر به پنهنجين اڏامن جي بحالي لاءِ آمادگي ظاهر ڪئي هئي ٻئي پاسي آمريڪا جي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ خبردار ڪري چڪو آهي ته ايراني فضائي ڪمپنين سان سهڪار ڪندڙ ڪمپنين تي آمريڪي پابنديون لڳي سگهن ٿيون اسڪاٽ بيسنٽ چيو هو ته پرڏيهي حڪومتون يقيني بڻائين ته سندن دائري اختيار ۾ ايندڙ ڪمپنيون ايراني جهازن کي ڪا به سهولت فراهم نه ڪن جنهن ۾ جهازن لاءِ گيس جي فراهمي، ڪيٽرنگ سروس هوائي اڏن تي لينڊنگ فيس يا جهازن جي سار سنڀال شامل آهي هن چيو هو ته آمريڪي ناڻي وزارت ڪنهن به اهڙي ٽئين ڌر خلاف ڪارروائي ۾ ڪنهن به گهٻراهٽ جو مظاهرو نه ڪندي جيڪا ايراني ادارن سان ڏي وٺ ڪندي يا ان کي سهولت فراهم ڪندي

بقايا 24 حڪم

صوبي ۾ روٽ پرمٽس ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن جي لاءِ 30 جون 2026 آخري تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته روٽ پرمٽس ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن جي لاءِ 30 جون 2026 آخري تاريخ مقرر ڪندي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي پاران سمورن لاڳاپيل ادارن کي باضابطا طور تي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن دستاويزن جي تصديق کي سگهارو ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ ريگيوليٽري نظام کي مڪمل طور تي پاڻ هرتو ۽ ڊجيٽل بڻايو پيو وڃي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سڄي صوبي ۾ ڪمرشل گاڏين جي سمورن روٽ پرمٽس ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس کي ڊجيٽل نظام ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي. هر گاڏي مالڪ ۽ ٽرانسپورٽر کي تصديق ڪرڻي پوندي ۽ آن لائن دستياب دستاويز فراهم ڪيا ويندا. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اختيارين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجن پنهنجن اختيارين جي دائري ۾ هن عمل کي فوري طور تي مڪمل ڪن هن هدايتون ڏنيون ته سمورن ٽرانسپورٽرز کي وقت سر آگاهه ڪيو وڃي ته جيئن اهي رجسٽريشن جو عمل شروع ڪري سگهن هن چيو ته فيلڊ آفيسن کي روزانو 1000 داخلائون مڪمل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن نون حڪمن تحت 30 جون 2026 کانپوءِ مينيوئل (هٿ سان لکيل) روٽ پرمٽس ۽ فٽنس سرٽيفڪيٽس غير موثر تصور ڪيا ويندا، مقرر ڪيل تاريخ کانپوءِ ڊجيٽل ڪاغذ ئي قبول ڪيا ويندا، ڇيڪوئي ڪندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏئي رهي آهي ڊجيٽلائيزيشن سان شهرين ۽ ٽرانسپورٽرز جي لاءِ سهولت به پيدا ٿيندي، جعلسازي جي به حوصلا شڪني ٿيندي

بقايا 25 فريال ٽالپر

ڪچي جي آپريشن ۽ سنڌ فارينسڪ سائنس ليبارٽري سميت اهم معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرپرسن فريال ٽالپر چيو ته منشيات اسان جي نوجوان نسل کي تباهه ڪري رهي آهي جنهن خلاف سماج جي هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن هدايت ڪئي ته پوليس کي منشيات جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻڻ گهرجن ۽ منشيات مافيا خلاف بي ترتيب ۽ مڪمل ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي هن زور ڏنو ته سرحدي علائقن ۾ سخت ۽ منظم چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته بي ترتيب چيڪنگ جو مقصد منشيات جي فراهمي کي روڪڻ گهرجي هن چيو ته ڪريڪ ڊائون اهڙي طرح ڪيو وڃي ته پوليس منشيات فروشن لاءِ خوف جي علامت بڻجي وڃي فريال ٽالپر ڪچي آپريشن ۾ سنڌ پوليس جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته آفيسرن جي همت ۽ بهادري ساراهه جوڳي آهي هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان قائم ڪرڻ ماڻهن کي پرامن ماحول فراهم ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتون بحال ڪرڻ موجوده حڪومت جي ترجيح آهي جنهن لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا اجلاس کي بريفنگ ڏيندي سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو ته ڊرگ مافيا خلاف تيز ڪارروائي لاءِ هڪ خاص عدالت قائم ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي جنهن جو مقصد جوابدارن کي جلد کان جلد مثالي سزا ڏيڻ آهي هن چيو ته سڄي صوبي ۾ منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي جڏهن ته سرحدي علائقن ۾ اي اين ايف، ڪسٽمز ايڪسائيز ۽ پوليس تي مشتمل هڪ گڏيل ڪئمپ سرگرم آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪچي آپريشن صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي هدايتن تي شروع ڪيو ويو جنهن جا مثبت نتيجا مليا آهن ڊاڪوئن ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف سخت آپريشن جاري آهن ۽ انهن کي تقريبن ختم ڪيو ويو آهي

بقايا 26 هدايت

پروگرام تي مطالعو ڪن جنهن جو مقصد متاثر گهراڻن کي رليف فراهم ڪرڻ آهي هن گهٽ آمدني وارن علائقن ۽ صنعتي علائقن کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته اونهاري جي شروعات سان گڏ غريب علائقن ۾ لوڊشيڊنگ گهٽائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن اهي هدايتون اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ چيئرمين ڪي-اليڪٽرڪ شهريار چشتي سان ملاقات دوران جاري ڪيون ملاقات ۾ ڪي- اليڪٽرڪ جي سي اي او سيد طحٰا ۽ ٻين شرڪت ڪئي وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري توانائي شهاب انصاري پڻ ملاقات ۾ شريڪ هئا. پڻيل پيل علائقن ۾ بجلي جي ڊگهي بندش تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي وڏي وزير چيو ته اونهاري جي شروعات سان گڏ گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ سختيون وڌي ويون آهن ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته خاص طور غريب علائقن ۾ لوڊشيڊنگ گهٽائڻ لاءِ هڪ عملي حل ڳولڻ گهرجي وڏي وزير چيو ته اسان چاهيون ٿا ته لوڊشيڊنگ گهٽجي خاص ڪري گهٽ آمدني وارن علائقن ۾، ۽ هڪ پائيدار حل ڪڍڻ گهرجي ته جيئن غريب طبقي تي ڊگهي لوڊشيڊنگ جو بار نه پوي ملاقات دوران مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته ڪراچي ۾ بجلي جي واهپيدارن لاءِ ٽارگيٽڊ سبسڊي پروگرام جو هڪ مطالعو ڪيو وڃي، جنهن جو مقصد مستحق گهراڻن کي رليف فراهم ڪرڻ آهي ڊگهي مدي واري حل تي بحث ڪندي وڏي وزير سستي بجلي پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو خاص طور تي ٿر ڪول فيلڊ جي ڪوئلي کي استعمال ۾ آڻڻ ذريعي ۽ تجويز ڏني ته ٿر مان پيدا ٿيندڙ گهٽ قيمت واري بجلي ڪي-اليڪٽرڪ کي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن اها غريب علائقن کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي سستي اگهن تي فراهم ڪري سگهجي

بقايا 27 ملاقات

ڏتيال گڏيل ڏينهن سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران ثقافت، ورثي ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ ٻه طرفي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفاقي وزير نيپال جي سفير جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان عوامي رابطن کي سفارتي ناتن جو بنياد سمجهي ٿو هن ٻنهي ملڪن جي ثقافتي ادارن وچ ۾ موسيقي، فنون، نوادرات ۽ ٻين ثقافتي سرگرمين ۾ سهڪار جي اهميت تي زور ڀريو وفاقي وزير وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويژن موجب دوست ملڪن سان سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته پاڪستان نيپال سان ثقافتي رابطن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي هن ان نوعيت جي پائيداري، گڏيل ورثي جي تحفظ ۽ قومن وچ ۾ گڏيل فهم کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي وفاقي وزير پاڪستان جي شاندار ٻڌمت ورثي کي اجاگر ڪندي چيو ته حڪومت مذهبي سياحت کي هٿي وٺرائڻ جي وسيع پاليسي تحت ٻڌمت تهذيب کي نمايان ڪرڻ لاءِ نئين ڪوشش جي هدايت ڪئي آهي هن چيو ته پاڪستان قيمتي ٻڌمت نوادرات جو امين آهي جن ۾ ناليواري فاسٽنگ ٻڌ مجسما به شامل آهن حڪومت ان تاريخي ورثي جي تحفظ ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي هن نيپالي سفير کي آثار قديمه جي کاتي ۽ عجائب گهر جي دوري جي دعوت به ڏني جيڪا وزارت تحت ڪم ڪندڙ اهم اداري خاص ڪري ٻڌمت ورثي بابت نوادرات جو مرڪز آهي سفير پاڪستان ۽ نيپال وچ ۾ پراڻن ناتن کي ساراهيو جيڪي گڏيل احترام، خير سڳالي ۽ سهڪار تي ٻڌل آهن هن واپار تعليم ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ ٻه طرفي ناتن ۾ مسلسل اڳڀرائي کي اجاگر ڪيو جڏهن ته علمي ميڊيا، راندين ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ ڏي وٺ جي اهميت تي زور ڀريو هن وفاقي وزير جي قيادت ۾ ثقافت، فنون، عجائب گهرن ۽ ٻڌمت ثقافتي ورثي کي هٿي وٺرائڻ تحفظ ۽ سارسنڀال لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيو سفير ٻه طرفي ثقافتي سهڪار جي اهم سنگ ميل جو به ذڪر ڪيو جن ۾ مئي 1970ع ۾ طئي ٿيل ثقافتي معاهدو ڪٽمنڊو ۾ نيپال پاڪستان فرينڊشپ اينڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن جي سرگرميون ۽ 2018ع ۾ نيپال اڪيڊمي ۽ اڪيڊمي آف ليٽرز وچ ۾ مفاهمتي يادداشت شامل آهي جنهن تحت ادبي تخليقن جهڙوڪ دي وائسز آف نيپالي پوئٽس جو ترجمو ممڪن ٿيو

بقايا 28 گرفتار

(ايف آءِ اي) جي ڪمرشل بينڪنگ سرڪل ڪراچي غير قانوني حوالا/هنڊي نيٽ ورڪ خلاف اهم ڪارروائي ڪندي ٻه جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن. ترجمان ايف آءِ اي موجب ڳجهي اطلاع تي ايف آءِ اي ٽيم ڪي ايم سي ايڇ ايس سوسائٽي، ڪراچي ايسٽ ۾ ڇاپو هنيو جتان اشفاق احمد، انس اشفاق ۽ شارق کي حراست ۾ ورتو ويو. جوابدار غير قانوني حوالا/هنڊي جي ڪاروبار ۾ ملوث مليا.ڪارروائي دوران جوابدارن وٽان 56 لک 52 هزار 920 روپيا نقد رقم هٿ ڪئي وئي، جڏهن ته ڇهه موبائل فون ۽ حوالا/هنڊي جي ڏي وٺ جو رڪارڊ (ليجر) به قبضي ۾ ورتو ويو.

بقايا 29 فوت

واقعو 21 اپريل تي پيش آيو جنهن کان پوءِ چوڪري فوت ٿي وئي فوت ٿيل جي سڃاڻپ ڪنزا حسين جي نالي سان ڪئي وئي آهي پوليس اختيارين موجب اسڪول جي پرنسپل چيو ته چوڪري ڏاڪڻين تان ڪري پئي هئي ۽ حادثي کان پوءِ کيس اسپتال به پهچايو ويوايس ايس پي ويسٽ چيو ته چوڪري جا والدين پهريان پوليس ٿاڻي ويا پر قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ان سان گڏ انهن کي ٻڌايو ته چوڪري ٽئين منزل تان ڪري پئي آهي ايس ايس پي ويسٽ موجب والدين هاڻي اسڪول انتظاميا خلاف قانوني ڪارروائي چاهين ٿا

بقايا 30 چڙهي ويو

ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو ادارن جون ٽيمون فوري طور تي موقعي تي پهچي ويون، جڏهن ته وڏي تعداد ۾ تماشائي پڻ گڏ ٿي ويا. ريسڪيو ٽيمون ٿنڀ تي چڙهندڙ شخص کي محفوظ طور تي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ٿنڀ تي چڙهندڙ شخص منشيات جو عادي نظر اچي ٿو بهرحال اڃا تائين سندس سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي حفاظتي قدمن کي نظر ۾ رکندي، لاڳاپيل اختيارين کي ڪنهن به ممڪن حادثي کان بچڻ لاءِ بجلي جي فراهمي معطل ڪرڻ بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو آهي.

بقايا 31 اتفاق

واڌاري تي اتفاق ڪيو ويو جڏهن ته ٻه طرفي واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ علائقائي رابطا مضبوط بڻائڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هن چيو ته لاجسٽڪس حب ۽ جديد ٽرانسپورٽ نظام سان خطي ۾ رابطا مضبوط ٿيندا هن نجي شعبي جي رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ بزنس فورم منعقد ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي جام ڪمال خان چين سان سهڪار کي علائقائي رابطن لاءِ اهم قرار ڏنو ۽ ڪيترن واپاري رستن کي فعال رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. هن روانگي واپار ۽ آمدني واپاري ادارن وچ ۾ سڌي ريت رابطن جي تجويز به پيش ڪئي . تاجڪستان جي سفير پاڪستان جي علائقائي رابطن جي قدمن کي ساراهيو هن تاجڪستان طرفان سستي ۽ قابل اعتماد ٽرانزٽ روٽس جي اهميت تي ڳالهيون ڪيون . هن چيو ته تاجڪستان توانائي سميت ٻين شين جو پاڪستان سان واپار ڪري سگهي ٿو هن چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ايلومينيم جي واپار ۽ صنعتي سهڪار جا موقعا موجود آهن . هن گڏيل اقتصادي ڪميشن جي پليٽ فارم کي موثر بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ۽ پاڪستان ۽ تاجڪستان وچ ۾ ويجها رابطا برقرار رکڻ جي عزم جو پڻ اظهار ڪيو.

بقايا 32 ڊرٽو

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نيائين کي حراسمنٽ جا واقعا وڌي رهيا آهن اهڙن واقعن جي ڪري نيائين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي هن چيو حراسمنٽ ڪندڙن خلاف فوري طور قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن اهڙن واقعن ۾ واڌ نه ٿئي

بقايا 33 مارجي ويا

موجب گذريل ڏينهن شڪارپور شهر ۽ پرسان ٻه واقعا ناهن جا پيش آيا ان سلسلي ۾ پهريون واقعو اسٽوڊ گنج ٿاڻي جي حد ۾ ناڪي پرسان پيش آيو جتي نامعلوم هٿيارٻند ماڻهن هڪ دڪان تي ويٺل شخص مٿان فائرنگ ڪئي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي مارجي ويو پوليس موجب مارجي ويل جي سڃاڻپ عزيز الله شر جي نالي سان ٿي آهي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته جوابدارن جي ڳولا جاري آهي. ٻيو واقعو ساڳي ٿاڻي اسٽوڊ گنج جي حد ۾ انڊس هاءِ وي تي پيش آيو جتي هڪ تيز رفتار مسافر ڪوچ موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار موقعي تي دم ڏئي ڇڏيو پوليس موجب فوتي جي سڃاڻپ خليل سولنگي جي نالي سان ٿي آهي پوليس مسافر ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جنهن جي ڳولا جاري آهي

بقايا 34 اعلان

جي لهر سان منهن ڏيڻ لاءِ هنگامي قدمن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ڪي ايم سي جي انتظام هيٺ سمورن اسپتالن ۾ فوري طور تي خاص هيٽ ويو وارڊ قائم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ميئر ڪراچي سينئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل هيلٿ اينڊ سروسز ۽ سڀني ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽن کي هدايت ڪئي آهي ته سخت گرمي سبب شهرين خاص طور تي ٻزرگن ٻارن ۽ کليل ماحول ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي صحت جا سنگين خطرا پيش اچي سگهن ٿا، تنهن ڪري سڀني اسپتالن ۾ هيٽ ويو متاثر مريضن جي بروقت ۽ مؤثر علاج لاءِ خاص انتظام ڪيا وڃن هيٽ ويو وارڊز ۾ بنا وقفي بجلي جي فراهمي ۽ مؤثر ڪولنگ سسٽم (پنکا ۽ ايئر ڪنڊيشنر) کي هر صورت فعال رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي جڏهن ته ضروري دوائن آءِ وي فلوئڊز ۽ او آر ايس ۽ ٻين هنگامي طبي سامان جي دستيابي پڻ يقيني بڻائڻ جي هدايت ڏني وئي آهي

بقايا 35 وڏو وزير

ڪئي جنهن ۾ مائننگ وڌائڻ ريل ۽ گرڊ ڪنيڪٽيويٽي، ٽريف کي بهتر بڻائڻ ۽ سيڙپڪاري جي نون قدمن جو جائزو ورتو ويو ته جيئن ٿر ڪول فيلڊ کي قومي توانائي ۽ صنعتي مرڪز طور ترقي ڏئي سگهجي هن مقامي توانائي جي ترقي کي تيز ڪرڻ، ڪوئلي تي ٻڌل صنعتڪاري کي وسعت ڏيڻ ۽ درآمدي ٻارڻ تي ملڪ جي انحصار کي گهٽائڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ وفاقي بورڊ جي ميمبرن ۾ وزير رٿابندي احسن اقبال، وزير توانائي اويس لغاري، ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب، ۽ قانون بابت وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ (وڊيو لنڪ ذريعي) سان گڏ صوبائي بورڊ ميمبرن بشمول تعليم وارو وزير سيد سردار شاهه آبپاشي وارو وزير جام خان شورو، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف ۽ ٽي سي اي بي (TCEB) طارق شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي بورڊ ٿر ڪول جي جاري منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ٽريف سان لاڳاپيل اهم معاملن جي منظوري ڏني ۽ ٿر ڪول فيلڊ ۾ مائننگ، بجلي جي پيداوار ۽ ڊائون اسٽريم صنعتي سرگرمين کي وسعت ڏيڻ لاءِ سيڙپڪاري جي نين تجويزن تي غور ڪيو

بقايا 36 باهه

ڦهلجڻ ڪري وڏي نقصان جو خدشو ظاهر ڪيو پيو .باهه پنج ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت جاري رهي جنهن جي ڪري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ريسڪيو ذريعن موجب، باهه تيزي سان پکڙجي وئي ۽ ويجهي ڪريسنٽ اسٽيل ملز ڏانهن وڌي ، جنهن کان پوءِ فوري طور تي فائر برگيڊ کي طلب ڪيو ويو ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون آهن ۽ باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن جڏهن ته وڌيڪ نقصان کان بچڻ لاءِ ويجهي علائقن کي خالي ڪرايو پيو وڃي شروعاتي رپورٽن موجب باهه لڳڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 37 وفات

سپائي خميس 30 اپريل (اڄ) صبح 7 وڳي جنازي گاهه مسجد باقراڻي ڪاور روڊ تي ۾ ادا ڪئي ويندي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان نائب امير لياقت بلوچ جنرل سيڪريٽري اميرالعظيم اڳوڻي صوبائي امير اسدالله ڀٽو ڊاڪٽر معراج الهدى، محمد حسين محنتي سميت جماعت اسلامي سنڌ جي عهديدارن ۽ صوبائي دفتر جي ڪارڪنن ڪاشف سعيد شيخ سان سهري جي لاڏاڻي تي دلي تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ سوڳوار خاندان جي لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 38 زخمي

چانديو ۾ چانديا ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو جيڪو وڌي نصيرآباد ٿاڻي اندر جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو جتي ٻنهي ڌرين هڪٻئي تي سرن ۽ لٺين سان حملو ڪري ڇڏيو جهيڙي دوران هڪ عورت سميت 14 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين کي نصيرآباد پوليس پاران فوري طور تي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري آهي

بقايا 39 داخل

پوليس موجب ايف آءِ آر نمبر 503/26 ڪمپني مينيجر ڪاشف منظور پاران داخل ڪرائي وئي. مدعي مطابق ڪمپني جو مالڪ حفيظ الرحمن 11 اپريل جي رات ساڍي 12 وڳي آفيس مان نڪتو ۽ ڊفينس ۾ پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ شاهراهه ڀٽو تان سفر ڪري رهيو هو. مدعي ٻڌايو ته رات 1:12 وڳي شاهراهه ڀٽو تان لهندي ئي پٺيان ايندڙ ڪار سندس گاڏي کي ٽڪر هنئي جنهن بعد هو گاڏي مان لهي جائزو وٺڻ لڳو ته اوچتو 4 موٽر سائيڪل سوار اچي پهتا. ملزمان هٿيارن جي زور تي حفيظ الرحمن کي يرغمال بڻائي تشدد جو نشانو بڻايو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو
ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر

فون: 9410911-74-92+، فيڪس: 4752538-074-92+ پي آءِ بي ايڪس: 9410717
www.smbbmu.edu.pk, info@smbbmu.edu.pk

No. SMBBMU/XEN/49 "SAY NO TO CORRUPTION" Dated. 27/04/2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، لاڙڪاڻو سمورن دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن کي اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي هيٺين ڪم لاءِ پرسنٽيج/آئٽم ريٽ ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ لاءِ مهر بند ٽينڊر/آڇن جي دعوت ڏئي ٿي.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ٽينڊر في (روپيا)	سوڻي رقم	ڪم مڪمل ڪرڻ جو وقت
.1	چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ۾ اسٽيڊيم جي مرمت ۽ بحالي جو ڪم.	5,000	5%	02 مهينا
.2	چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي سينٽرل ڪينٽين جي مرمت ۽ سارسنڀال جو ڪم.	5,000	5%	02 مهينا

لازمي قابليت:

1. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جو لاڳاپيل ڪيٽيگري يا ان کان مٿي جو صحيح سرٽيفڪيٽ.
2. انڪم ٽيڪس (FBR) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان صحيح رجسٽريشن.
3. فرم وٽ مرمت ۽ بحالي جي ڪمن ۾ (05) سالن جو تجربو هجي.
4. فرم وٽ گذريل 03 سالن جا ٽيڪس ريٽرن هجن.
5. سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور گذريل 05 سالن دوران ڪوٽ ڪيل رقم جي برابر هجي.
6. گذريل 03 سالن دوران ڪوٽ ڪيل رقم جي برابر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳي نوعيت جو مرمت/بحالي جو ڪم مڪمل ڪيل هجي.
7. موجوده وقت ۾ بليڪ لسٽ نه هجڻ جو سرٽيفڪيٽ/ايفيڊيوٽ (جيڪڏهن فرم ماضيءَ ۾ بليڪ لسٽ هو پر هاڻي لسٽ مان نڪتل آهي ته اهڙو فرم حصو وٺي سگهي ٿو).
   i. جاري ٿيڻ: دستاويز اشاعت جي تاريخ کان 04-05-2026 کان 19-05-2026 صبح 10:30 وڳي تائين جاري ڪيا ويندا.
   ii. جمع ڪرائڻ: آڇن جي تاريخ 19-05-2026 صبح 11:00 وڳي تائين هوندي.
   iii. کولڻ: ٽينڊر 19-05-2026 تي صبح 11:30 وڳي کوليا ويندا.

خريداريءَ جو طريقو: (هڪ مرحلي تي هڪ لفافي).

شرط ۽ ضابطا:

الف. هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:
   i. آڇون جن سان گڏ بڊ سيڪيورٽيءَ گهربل دستاويز نه هوندا.
   ii. مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيندڙ آڇون.
   iii. جيڪڏهن واڪ ڏيندڙ آن لائن (E-PADS) ذريعي حصو نه ورتو هوندو.
   iv. موجوده بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جون آڇون.

ب. آڇ جي ڪارآمد هجڻ جو مدو 90 ڏينهن آهي.

ت. درخواست سان گڏ آڇ جي ڪل رقم جو 5% سوڻي رقم ايگزيڪيوٽو انجنيئر، SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي نالي تي، ۽ ٽينڊر في 5,000 روپيا (پنج هزار) پي آرڊر جي شڪل ۾ وائيس چانسلر SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي نالي تي ڪوريئر ذريعي موڪلڻ لازمي آهي.

ث. فرم جي صورت ۾، پارٽنرز جي لسٽ/پارٽنرشپ ڊيڊ، جنهن ۾ ڊائريڪٽر/پروپرائيٽر يا ٻين لاڳاپيل ماڻهن جا مڪمل تفصيل هجن. گڏوگڏ پاور آف اٽارني يا واحد مالڪ هجڻ جي صورت ۾ ايفيڊيوٽ تي اهڙو بيان حلفي فراهم ڪيو وڃي.

پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به هڪ يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي، ۽ آڇ يا پروپوزل جي منظوريءَ کان پهريان ڪنهن به وقت آڇ جي عمل کي رول نمبر 25 تحت رد ڪري سگهي ٿي.

(ايگزيڪيوٽو انجنيئر)
SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو
مين ايڊمنسٽريشن بلاڪ، SMBB ميڊيڪل
يونيورسٽي لاڙڪاڻو (آريجا)
فون نمبر: 074-9410911

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1667/2026

حڪومتِ پاڪستان
قومي احتساب بيورو ڪراچي (NAB)

مشتري هوشيار باش

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته نيب پاران ادارتي بدعنوانيءَ جي آگاهي ۽ روڪٿام لاءِ مهم جاري آهي. ان سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ ٽيهه (30) سالن لاءِ عارضي طور ڏنل زمينون، جن جي ليز ختم ٿي چڪي آهي، انهن تي ناجائز قبضو ڪندڙ ماڻهو پنهنجو ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ انهن سرڪاري ملڪيت وارين زمينن کي ٺڳيءَ ذريعي وڪرو ڪري رهيا آهن.

وڌيڪ، عزت مآب سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي سو موٽو ڪيس نمبر 16-K/2011 جي حڪم نامي تاريخ 28-11-2012 مطابق، مٿي ڄاڻايل زمينن بابت ڏنل حڪمن تي عملدرآمد لازمي آهي.

تنهنڪري عوام الناس کي سندن پنهنجي مفاد ۾ اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته اهڙين غيرقانوني زمينن جي خريد و فروخت کان پاسو ڪن ۽ ڪنهن به قسم جي ملڪيت خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ کان اڳ لاڳاپيل سرڪاري اختيارين کان باقاعده تصديق حاصل ڪن. ان سان گڏوگڏ، عزت مآب سپريم ڪورٽ جو مٿي ذڪر ڪيل حڪم پڻ ضرور ڏسي وٺن.

قومي احتساب بيورو (نيب) ڪراچي
جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) بلڊنگ
مين آءِ آءِ چندريگر روڊ، ڪراچي، پوسٽل ڪوڊ: 74200
ٽيليفون: 021-111-622-622 اي ميل: sindh@nab.gov.pk
URAAN PAKISTAN
PID K-3433/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

هيٽ ويو ۽ لوڊشيڊنگ: سنڌ ۾ ٻيٽو عذاب

صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

متحده عرب امارات، اوپيڪ کان الڳ ٿيڻ ڪانپوءِ..!

صفحو 4

اٽليءَ جي شهرن جو سفري داستان!

عبدالله عثمان موراڻي

صفحو 4

اشتياق بيگ

ايران تي ايٽمي حملي جي ڌمڪي!

صفحو 4

سيهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ارڙي جا ڪلور،ڳوٺ سامٽيا ۾ويا سبب 2 ٻارڙيون فوت ٿي ويون

بيماري جا ڪيس وڌي وڃڻ ڪانپوءِ صحت کاتي نوٽيس ورتو،ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪري ارڙي بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويا

سيهڙ ۽ آسپاس جي ڳوٺن سيهڙ اسٽيشن،سيهڙ وليج،سامٽيا،راڄو سيهڙ جلال آباد، سونو خان ڳوٺ ۾ 1044 ٻارڙن کي ٽڪا لڳايا ويا

بيماري ۾ ورتل 570 مريضن کي چيڪ اپ ڪري دوائون ڏنيون ويون،5 شڪي معصوم ٻارڙن جا سيمپل وٺي اسلام آباد ليبارٽري ڏي موڪليا ويا

ڊي سي لاڙڪاڻو ۽ ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو جي حڪم تي هي فري ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي: ڊاڪٽر مختيار چنڙ

سيهڙ اسٽيشن: ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪري ارڙي بچاءَ جا ٽڪا لڳايا پيا وڃن

سيهڙ اسٽيشن(رپورٽ:وقار علي هيسباڻي) سيهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ارڙي جا ڪلور،ڳوٺ سامٽيا ۾ ارڙي ويا بيماري سبب 2 ٻارڙيون فوت ٿي ويون بيماري جا ڪيس وڌي وڃڻ ڪانپوءِ ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪري ارڙي بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويا شڪي ٻارڙن جا سيمپل پڻ ورتا ويا رپورٽ موجب سيهڙ پرسان ارڙي ويا جي ڪري 2 ٻارڙيون فوت ٿيڻ ڪانپوءِ ميڊيا ۾ خبرون اچڻ ڪانپوءِ صحت کاتي نوٽيس ورتو جڏهن ته ڊاڪٽرن جي ٽيم جاويد سامٽيو جي اوطاق تي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر مختيار علي چنڙ ڊاڪٽر عرفان علي شيخ ٽنا □ سانگي ڊاڪٽر مجيب وڌو زين العابدين ۽ ويڪسينيٽر ۽ هيلٿ ورڪرجي ٽيمن حصو ورتو سيهڙ ۽ آسپاس جي ڳوٺن سيهڙ اسٽيشن،سيهڙ وليج،سامٽيا،راڄو سيهڙ جلال آباد، سونو خان ڳوٺ ۾ 1044 ٻارڙن کي ٽڪا لڳايا ويا. ان موقعي تي ڊاڪٽر مختيار چني ۽ ڊاڪٽر عرفان شيخ عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي سي لاڙڪاڻو ۽ ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو جي حڪم تي هي فري ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين ۾ ورتل 570 مريضن کي چيڪ اپ ڪري دوائون ڏنيون ويون آهن ۽ ارڙي جي 5 شڪي معصوم ٻارڙن جا سيمپل وٺي اسلام آباد ليبارٽري ڏي موڪليا ويا آهن

ٽنڊوالهيار ضلعي جي 8 ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪري لائين رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

ايس ايس پي سيد سليم شاهه اٺن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪري لائين رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

بي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايڇ او قربان علي،اي سيڪشن جو اشفاق منگي،نصرپور جو عبدالحفيظ راڄڙ کي معطل ڪيو ويو

سلطان آباد ٿاڻي جو ايس ايڇ او فهيم يوسفزئي،پيارولنڊ ٿاڻي جو ميرل ڪوسو،مشائخ هوتي ٿاڻي جو ايس ايڇ او ممتاز چانڊيو معطل

مسو ٿاڻي جو ايس ايڇ او قربان علي سنجراڻي،سنجرچانگ ٿاڻي جو نور دين ملاح معطل،ڪجهه وڏا منشي به معطل ڪيا ويا

ٽنڊوالهيار (ع ز)ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي سيد سليم شاهه ضلعي جي 8 ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪري لائين رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اٺن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز سميت ڪجهه وڏا منشي به معطل ڪيا ويا.ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه اٺن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪري لائين رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي جڏهن ته اي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايڇ او اشفاق منگي کي معطل ڪري سندس جاءِ تي قمر زمان ملڪ کي مقرر ڪيو ويو. بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او قربان علي کي معطل ڪري سندس جاءِ تي عبدالواحد بلوچ کي مقرر ڪيو. نصرپور ٿاڻي جو ايس ايڇ او عبدالحفيظ راڄڙ معطل سندس جاءِ تي شاهد حسين ميمڻ مقرر. سلطان آباد ٿاڻي جو ايس ايڇ او فهيم يوسفزئي معطل سندس جاءِ تي فهد انور عاربائي مقرر. پيارولنڊ ٿاڻي جو ايس ايڇ او ميرل ڪوسو معطل سندس جاءِ تي عبدالغفور جمالي مقرر. مشائخ هوتي ٿاڻي جو ايس ايڇ او ممتاز چانڊيو معطل سندس جاءِ تي شڪيل احمد مقرر. مسو ٿاڻي جو ايس ايڇ او قربان علي سنجراڻي معطل سندس جاءِ تي سانوڻ خان ڪلهوڙو مقرر. سنجرچانگ ٿاڻي جو ايس ايڇ او نور دين ملاح معطل سندس جاءِ تي رياض احمد بجراڻي کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ايس ايس پي سموريون معطل ٿيل پوليس آفيسرن کي لائين رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

ڏهرڪي شهر ۾ ترقياتي منصوبن لاءِ مختلف ٺيڪيدارن کي ورڪ آرڊر جاري

منصوبن سان شهر ۾ ترقي جو هڪ نئون باب شامل ٿيڻ وارو آهي: ذوالفقار ٽالپر

جيم خانہ ڪلب جي تعمير بعد شهرين کي مثبت ۽ صحتمند سرگرمين جا موقعا ملندا

ڏهرڪي(ن ع)چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي ڊاڪٽر مير ذوالفقار ٽالپر شهر ۾ ترقياتي منصوبن لاءِ مختلف ٺيڪيدارن کي ورڪ آرڊر جاري ڪري ڇڏيا آهن.شهر ۾ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جي شروعات جي سلسلي ۾ چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڊاڪٽر ذوالفقار ٽالپر پبلڪ پارڪ جي چار ديواري، واڪنگ ٽريڪ، جيم خانہ بلڊنگ جي تعمير ۽ ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي جي نئين آفيس جي تعمير لاءِ ٺيڪيدارن عمير سليم ڪ زيد بلڊر ۽ آفاق فاروق گورنمينٽ ڪنٽريڪٽر کي ورڪ آرڊر جاري ڪيا. ٺيڪيدارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو 07 ڏينهن اندر ڪم جي شروعات ڪن ۽ منصوبن کي مقرر مدي اندر مڪمل ڪن.ان موقعي تي ٽائون آفيسر ممتاز چنا، انجنيئر اياز چانڊيو، علي حسن قائمخاني ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي مير ذوالفقار خان ٽالپر ورڪ آرڊر جاري ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شهر ۾ مختلف اسڪيمن تي ترقياتي ڪم جاري آهن جڏهن ته مذڪوره منصوبن جي شروعات سان شهر ۾ ترقي جو هڪ نئون باب شامل ٿيڻ وارو آهي. هن چيو ته شهرين جو ديرينہ مطالبو پبلڪ پارڪ جي چار ديواري ۽ سجاوٽ، گڏوگڏ جيم خانہ ڪلب جي ازسرنو تعمير بعد شهرين کي مثبت ۽ صحتمند سرگرمين جا موقعا ملندا.هن وڌيڪ چيو ته ٽائون ڪميٽي جي نئين آفيس جي تعمير سان آفيسن ۾ واڌ ٿيندي، جنهن سان ملازمن جي پنهنجي آفيسن ۾ موجودگي بهتر ٿيندي ۽ عوام جي مسئلن جي حل ۾ بهتري ايندي

ڏهرڪي: ترقياتي منصوبن لاءِ مختلف ٺيڪيدارن کي ورڪ آرڊر ڏنا پيا وڃن

ڪوٽڙي ۾ عبدالڪريم بلوچ جي ياد ۾علمي، ادبي ۽ ثقافتي سيمينار

پارڪو ۽ علم، ادب ۽ ثقافت کي ميڊيا ذريعي اوسر ڏيندڙ نمايان نالو قرار

سنڌ جي فنڪارن،اديبن ۽ سگهڙن کي پي ٽي وي تي متعارف ڪرايو:نصير مرزا

پاڻ انتهائي شريف النفس،پرهيزگار ۽ سڀن سان محبت ڪندڙ انسان هئا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)علي بابا ٿيٽر گروپ ضلع ڄامشورو پاران ثقافت کاتي جي سهڪار سان ڪلچر سينٽر ڪوٽڙي ۾ منعقد ڪيل علمي ادبي ۽ ثقافتي سيمينار دوران مقررين پنهنجي خطاب ۾ ڪيو جنهن جي صدارت نامور شخصيت، ريڊيو پاڪستان جي سابق اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا ڪئي ۽ خاص مهمانن ۾ آرٽ اينڊ ڪلچر يونيورسٽي جو چانسلر فتاح دائود پوٽو، آڳوڻو پرو وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي سيد فرمان علي شاهه مشهور ڪلاسيڪل راڳي ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي، چيئرمين ڀٽائي آرٽس ڪائونسل رفيق عيساڻي عبدالڪريم بلوچ جو فرزند سينئر پروڊيوسر پي ٽي وي آفتاب بلوچ هئا. آجياڻي تقرير آرگنائيزر دلدار جانوري ڪئي ۽ ڪمپيئر جا فرائض عزيز پٽي ادا ڪيا. جڏهن ته مقررين ۾ ذوالفقار علي هيسباڻي اداڪار شهباز بلوچ، جهانگير سهڙو خدا دوست صديقي، طارق امام جوکيو رشيد شورو ۽ غلام رسول غرق شامل هئا. مقررين وڌيڪ چيو ته بلوچ صاحب نہ رڳو سنڌ جو عاشق هو بلڪہ پاڻ ذاتي طور به انتهائي شريف النفس، پرهيزگار ۽ سڀن سان محبت ڪندڙ انسان هئا.جنهن پنهنجي حياتي ۾ هميشه ٻين لاءِ سوچيو ۽ خدمتون سر انجام ڏنيون جن کي سدائين ياد رکيو ويندو مقررين اهڙي بهترين سيمينار جي انعقاد تي منتظمين کي مبارڪون ڏنيون چيو ته ڪوٽڙي شهر تاريخي ۽ شخصيات جو مرڪز ۽ تقريبات جو گڙهه رهيو آهي ۽ هي پروگرام انهن ۾ هڪ خوبصورت اضافو ثابت ٿيندو. ان کان اڳ معزز مهمانن کي انتظاميا جي ميمبرن ذوالفقار علي زلفي بلوچ، راجا سڪندر علي عزيز پٽي، يوسف باريجو عبدالغني دل، ڪامران علي دل، نجف علي جانوري ۽ ٻين اجرڪن جا روايتي تحفا پيش ڪيا. بعد ۾ موسيقي جي محفل ۾ استاد راڳي خادم حسين سخيراڻي، امجد علي لاشاري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو ۽ سرور سخيراڻي شاهه لطيف جي وائي پيش ڪئي. جڏهن ته مزاحيہ فنڪار قادر بخش مٺو مزاحيہ ٽوٽڪا ٻڌائي حاضرين ۾ مرڪون وکيريون. سيمينار دوران دانيال ڪتاب گهر جي اياز علي ابڙو ۽ احساس پبليڪيشن جي احسان آڪاش طرفان ڪتابن جا اسٽال ۽ عبدالڪريم بلوچ جي يادگيرين جي تصويري نمائش پڻ لڳائي وئي تقريب ۾ مشهور ڪمپيئر ۽ اسڪالر محمود مغل ۽ سيد قطب الحسنين شاهه رفيق احمد جوکيجو ڪائونسلر بابر اقبال بخشيل راهپوٽو ماسٽر غلام حسين مون نرسنگ شانتي منگل پريتم عبدلغني انڙ ذوالفقار هالاڻي رحمت الله ٽيبو رفيق قاضي چاڪر خان شورو نظر محمد لنڊ شفيع محمد سولنگي محمد خان شورو مهتاب بنگش، ذيشان پٽي علي بخش گهرياڻي، مير محمد بلوچ سميت هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخر ۾ حاضرين لاءِ ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو

احمد پور ۾ ڦر دوران شهري جي قتل خلاف وارثن جو احتجاج

لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو،ايس ايس پي انصاف جي خاطري ڪرائي هٽيءَ:وارث

ٿاڻي جا چڪر لڳائي ٿڪجي پيا آهن، پر انصاف ڪٿي به نظر نٿو اچي

خيرپور(ن ر)احمد پور ڀرپاسي جي ڳوٺ وسترو جو رهواسي اسدالله وسترو احتجاج ڪندي چيو آهي ته 25 رمضان المبارڪ تي ڦر دوران سندس ڀاءُ بلاول وسترو کي قتل ڪيو ويو هو .هن چيو ته واقعي کان پوءِ هنن ايس ايس پي آفيس آڏو لاش رکي ڌرڻو هنيو هو جنهن تي ان وقت جي ايس ايس پي سميع الله سومرو انصاف جي خاطري ڪرائي هٽي هئي هن چيو ته واقعي کي گهڻو وقت گذرڻ باوجود اڃا تائين نه جوابدار گرفتار ٿيا آهن ۽ نه ئي جيو فيننسنگ رپورٽ فراهم ڪئي وئي آهي.هن وڌيڪ چيو ته هو ٿاڻي جا چڪر لڳائي ٿڪجي پيا آهن پر انصاف ڪٿي به نظر نٿو اچي.متاثر خاندان ڊي آءِ جي سکر ڊويزن ناصر آفتاب ۽ آءِ جي سنڌ عالم خان اوڊو کان اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري کين سخت سزا ڏني وڃي

وڏيرو ڀاءُ احمد خان 6 هزار اسڪوائر فٽ پلاٽ زبردستي کسڻ چاهي ٿو:هزار خان ٻرڙو

ڊي ايس ايس پي افتخار ٻرڙو جي پليرائي تي ڌمڪيون ڏنيون آهن ته پلاٽ تان هٿ ڪڍ ڪان

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي بلديا ڪالوني جي رهواسي هزار خان ٻرڙو ڪالهہ پنهنجي ڏاڙ سان گڏ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ديهي ۾ رهندڙ وڏو ڀاءُ احمد خان ٻرڙو پنهنجي سالي ڊي ايس ايس پي افتخار ٻرڙو جي پليرائي تي پي مختيار احمد ٻرڙو پاران مونکي ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ نادر خان ٻرڙو کي ٻون ڪيٽر اسپتال پرسان مليل 6 هزار اسڪوائر فٽ پلاٽ اسان زبردستي کسڻ چاهي ٿو ۽ پنج ڏينهن اڳ وڏو ڀاءُ احمد خان گهر اچي سون کان پلاٽ 2لک ريپا... رات هڪ وڳي ڌاري فون ڪيو جنهن تي مون پلاٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن تي ڀاءُ احمد خان منهنجي گهر ۾ گهڙي منهنجي ڏاڙ کي گهران زبردستي ڪڍي ڇڏيو ۽ اسان کي موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون. هن چيو ته منهنجي وڏي ڀاءُ جو سالو ڊي ايس پي افتخار احمد ڌمڪيون ڏنيون آهن ته پلاٽ تان هٿ ڪڍ ٻي صورت نون ڪڍڻ نظر نه ايندي. هن چيو ته اهڙي ماحول جي شڪايت ايس ايس پي حيدرآباد کي ڏني جنهن ماحول جو تپيو ايچ بلديا ٿاڻي تي رکيو آهي

مورو ويجهو گهرن سميت زمين تي مبينہ قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ سٽابو ۾ 9 ايڪڙ 17 گهنٽا زمين آهي،بااثر ماڻهو قبضو ڪرڻ چاهين ٿا:عباس پٽي

ڌمڪيون مليون آهن ته زمين ۽ گهرن ڇڏي نه اچو ٻي صورت سخت نتيجا ڀوڳنا پوندا

مورو(ن ع)مورو ويجهو ڳوٺ ڏتل خان پٽي جي رهواسين جو ڪوٽ سٽابو ۾ گهرن سميت زرعي زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ وارن عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي غلام عباس پٽي، غلام مصطفي معروف علي سڪندر علي غلام حسين محمد يعقوب پٽي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.جن هنن چيو ته اسان جي ڪوٽ سٽابو ۾ 9 ايڪڙ 17 گهنٽا زمين آهي جنهن ۾ گهر پڻ اڏيل آهن جنهن تي مبينا بااثر ڌر جا ماڻهون قبضو ڪرڻ چاهين پيا جن اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن ۽ چوڻ آهي ته زرعي زمين ۽ گهرن ڇڏي نه اچو ٻي صورت سخت نتيجا ڀوڳنا پوندا. هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي زمين تي محرم علي عالماڻي، غلام مرتضي، صفدر علي عالماڻي ۽ ٻيا قبضو ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسان مذڪورا ماڻهن کي ظلم زيادتين کان تنگ اچي زمين وڪرو ڪئي آهي جيڪو پڻ سندس عزيز آهي ۾ هو ڏاڍ ڏيکاري ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪڏهن اسان کي ڪجهه به ٿيو ان جا ذميوار مذڪورا ڌمڪيون ڏيندڙ ماڻهون هوندا.هنن وس وارن کان گهر ڪئي ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي قبضو ڪندڙ ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مورو: گهرن سميت زمين تي مبينہ قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران ميرپور ماٿيلو ۾ کليل ڪچهري

ملازمن پگهارن،پينشن،سروس معاملن ۽ ٻين معاملن بابت درخواستون جمع ڪرايون

کليل ڪچهرين جو مقصد تڪڙو ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ آهي:فضل محمد شيخ

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ محمد سهيل راجپوت جي خاص هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ فضل محمد شيخ پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو ۾کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي. کليل ڪچهري ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون ملازمن پگهارن پينشن سروس معاملن ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت درخواستون جمع ڪرايون ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ خطاب ڪندي چيو ته کليل ڪچهرين منعقد ڪرڻ جو مقصد عوام ۽ سرڪاري ملازمن کي سندن دروازي تي تڪڙو ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته صوبائي محتسب جو ادارو بغير ڪنهن دفتري پيچيدگين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري ادارن جي ذميواري آهي ته اهي عوامي مسئلن جي حل ۾ دير نہ ڪن ۽ جيڪڏهن ڪنهن سان ناانصافي ٿئي ته هو بي ڌڙڪ محتسب جي اداري سان رابطو ڪري سندس چوڻ هو ته سڀني مليل شڪايتن کي ميرٽ ۽ شفافيت جي اصولن مطابق حل ڪيو ويندو جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته درخواستن تي فوري ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي

گهوٽڪي: ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران کليل ڪچهري ۾ مسئلا ٻڌندي

ڪراچي ۾يونيسيف،حڪومت سنڌ ۽ شفا فائونڊيشن جو مشاورتي اجلاس

خسره،روبيلا ۽ پوليو جي خاتمي بابت بامقصد مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو

هر ٻار تائين بروقت ۽ بنا ڪنهن فرق جي حفاظتي ٽيڪا پهچايا وڃن: پريم بهادر

پاليسي سازي سان گڏ مضبوط ۽ مربوط عملدرآمد ضروري آهي:سيده شاهده رحماني

ڪراچي (بيورو رپورٽ)بين الاقوامي اداري يونيسيف،حڪومت سنڌ ۽ شفا فائونڊيشن جي گڏيل سهڪار سان ڪراچي ۾ خسره،روبيلا ۽ پوليو جي خاتمي بابت هڪ اعليٰ سطح جو جامع ۽ بامقصد مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو هن اجلاس ۾ انساني ضرورتن، زميني حقيقتن ۽ سماجي روين کي نظر ۾ رکندي اهڙين مؤثر ۽ جديد حڪمت عملين تي تفصيلي غور ڪيو ويو جن ذريعي ويڪسين مهمن کي وڌيڪ منظم فعال ۽ عوام دوست بڻائي سگهجي ته جيئن هر ٻار تائين بروقت ۽ بنا ڪنهن فرق جي حفاظتي ٽيڪا پهچايا وڃن هن اهم اجلاس ۾ يونيسف پاڪستان جي ڪنٽري نمائندي چيف فنانشل آفيسر پريم بهادر سنڌ ٽيم ليڊ جارج ڊپٽي ٽيم ليڊ سنڌ ڊاڪٽر عظيم ڊائريڪٽر شفا فائونڊيشن يونس، سيڪيورٽي هيڊ سنڌ ڪرنل شاهد قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ رومين پارليمينٽري ڪاڪس جي سيڪريٽري جنرل،چيئرمين منگهوپير ڪائون،يوسي چيئرمين سور خان ۽ سيد هلال سعيد رحماني سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي جن پنهنجي تجربي ۽ راءِ سان اجلاس کي انتهائي نتيجا خيز بڻايو اجلاس دوران ان ڳالهہ تي خاص زور ڏنو ويو ته حفاظتي ٽيڪن کي مهم جي صرف طبي سرگرمي نہ پر هڪ گهڻ رخي سماجي عمل طور ڏٺو وڃي، جنهن ۾ عوامي شعور مقامي حالتن ۽ اعتماد سازي کي مرڪزي حيثيت حاصل هجي شرڪت ڪندڙن ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ته موثر ڪميونٽي شموليت، بروقت آگاهي ۽ نچلي سطح تي مضبوط رابطا ڪانسواءِ مطلوبہ هدف حاصل نٿا ڪري سگهجن پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽر سيده شاهده رحماني چيو ته صحت عامہ ۾ پائيدار ۽ اثرائتا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ پاليسي سازي سان گڏ مضبوط ۽ مربوط عملدرآمد ضروري آهي هن زور ڏنو ته يونين ڪائونسلن کي بااختيار بڻائي هڪ مربوط نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ آگاهي رسائي ۽ عوامي اعتماد گڏيل طور اڳتي وڌن.ان موقعي تي چيئرمين منگهوپير ڪائون حاجي نواز بروهي چيو ته ويڪسين مهمن جي ڪاميابي جو دارومدار مقامي سطح تي عوامي اعتماد قائم ڪرڻ ۽ چونڊيل نمائندن جي عملي شموليت تي آهي هن عزم ظاهر ڪيو ته منگهوپير ڪائون ۾ حفاظتي ٽيڪن جي پروگرام کي وڌيڪ اثرائتو منظم ۽ همه گير بڻائڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته ٻارن جي صحت ۽ تحفظ هڪ گڏيل عالمي ذميواري آهي جنهن لاءِ مقامي قيادت، ڪميونٽي شموليت ۽ انساني مرڪز حڪمت عملي ضروري آهي اجلاس جي پڇاڙي تي ان عزم جو اعادو ڪيو ويو ته خسره، روبيلا ۽ پوليو جهڙين بيمارين جي مڪمل خاتمي لاءِ سڀ لاڳاپيل ادارا گڏيل سهڪار مؤثر منصوبابندي ۽ مربوط قدمن ذريعي پنهنجي ڪوشش کي وڌيڪ تيز ڪندا، ته جيئن هڪ صحتمند، محفوظ ۽ مضبوط معاشري جي بنياد وڌي سگهجي

ڪراچي: منگهوپير ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي اجلاس ۾ شريڪ آهي

ڪڪڙ شهر ۾ سوئي گئس لوڊشيڊنگ جو هٿرادو آزار ختم نہ ٿيو

ڪيترن سالن کان سوئي گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ جو آزار برقرار آهي؛شهري

مجبور ٿي اضافي خرچ ڪري ڪاٺيون استعمال ڪري رهيا آهيون، گئس ڏني وڃي

ڪڪڙ (ن ع)ڪڪڙ شهر ۾ هٿرادو سوئي گئس لوڊشيڊنگ جو آزار ختم نہ ٿيڻ تي شهري سخت پريشان احتجاج ڪندي سوئي گئس جي اعليٰ انتظاميا کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين محمد رمضان ٻبن سيد الطاف محسن هاشمي، مولاداد جوکيجو عبدالرزاق نوڌاڻي، ممتاز علي ملاح برڪت علي، احسان ۽ ٻين ڏانهيدي ٻڌايو ته ڪڪڙ شهر ۾ گذريل ڪيترن سالن کان سوئي گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ جو آزار برقرار آهي احتجاج ۽ شڪايتون ڪرڻ باوجود لوڊشيڊنگ جو آزار ختم ناهي ٿي سگهيو جنهن سبب اسان جي زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته گهرن ۾ رڌ پچاءَ وقت سوئي گئس غائب رهي ٿي جنهن ڪري مجبور ٿي اضافي خرچ ڪري ڪاٺيون استعمال ڪري رهيا آهيون جڏهن ته هڪ پاسي ڳرا بل گئس ڪمپني کي ادا ڪري رهيا آهيون ٻئي پاسي هر مهيني هزارين روپيا ڪاٺين تي خرچ ڪري رهيا آهيون اسان کي کهڙي ڏوهہ جي سزا گئس ڪمپني ڏئي رهي آهي احتجاج ڪندڙن سوئي گئس جي جنرل مينيجر ايريا مينيجر ۽ سوئي گئس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڪڙ شهر مان هٿرادو لوڊشيڊنگ جو آزار ختم ڪري رڌ پچاءَ وقت گئس ڏني وڃي

اسسٽنٽ ڪمشنر لانڍي عون عباس نقوي جي مان ۾ تقريب

اينٽي اسٽريٽ ڪرائم فورم خدمتن جي اعتراف ۾تقريب منعقد ڪئي

خدمت کي مقصد بڻايو ۽ مسئلن جي حل لاءِ هميشه اڳيرو رهيو:عثمان الحسن

ڪراچي(بيورو رپورٽ)لانڍي جهڙي گنجان آبادي ۽ مسئلن واري علائقي ۾ خدمت ڪرڻ يقيني طور تي هڪ وڏو چيلنج آهي، ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر لانڍي عون عباس نقوي عوامي خدمت جي جذبي سان هن چيلنج کي چڱيءَ طرح سان پورو ڪيو سندس بدلي ٿيڻ تي پوءِ اينٽي اسٽريٽ ڪرائم فورم پاران سندس خدمتن جي اعتراف ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ کيس شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب جي اڳواڻي اينٽي اسٽريٽ ڪرائم فورم جي چيئرمين جسٽس آف دي پيس ايڊووڪيٽ سيد عثمان الحسن ڪئي، جنهن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عون ... صلاح الدين ايس ايڇ او لانڍي سب ڊويزن محمد حنيف وائيس چيئرمين عمر فاروق قادري، جنرل سيڪريٽري آصف ابراهيم ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري سيد رضوان الحسن وائيس چيئرمين يو سي 6 عمير دراني ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي سڀني مقررين چيو ته عون نہ رڳو لانڍي ۾ انتظامي بهتري آندي پر عوامي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم به کنيا. پاڻي، صفائي، تجاوزات ۽ امن امان جهڙن اهم مسئلن تي سندس ڪوششون هميشه ياد رکيون وينديون عوام سان سندس سڌو رابطو ۽ ميدان ۾ موجودگي هڪ مثالي آفيسر جي سڃاڻپ هئي. تقريب جي آخر ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن عون...

سجاول ضلعي ۾ صحت،تعليم ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف ترقي پسند پارٽي پاران احتجاجي ريلي

ريلي ماموں لاڏو چوڪ کان شروع ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي پبلڪ پارڪ پهتي،جتي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي

مظاهرين پاران هٿن ۾بينر پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي حڪومت ۽ ضلعي انتظاميہ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

سجاول ضلعي اندر منشيات جو ڪاروبار کليل نموني جاري آهي، جيڪو نوجوان نسل لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهيو آهي: اشرف ٿهيم

جيڪڏهن منشيات فروشن خلاف فوري ۽ سخت ڪارروائي نہ ڪئي وئي ته سماج ۾ تباهي وڌندي،اسپتالن ۾ سهولتون ناپيد آهن:ڪريم پليجو

سجاول (رپورٽ:هدايت ڪلتي)سجاول ضلعي ۾صحت،تعليم ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا بعد ۾ پبلڪ پارڪ وٽ ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي ريلي ماموں لاڏو چوڪ کان شروع ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي پبلڪ پارڪ پهتي، جتي پارٽي ڪارڪنن،شهرين سماجي شخصيتن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي حڪومت ۽ ضلعي انتظاميہ خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاجي ريلي کي ايس ٽي پي ضلعي صدر اشرف ٿهيم ڪريم پليجو محمد جمن سنڌي عبدالغني ملاح عبدالواحد خاصخيلي گل حسن رند منظور مڪسي سهيل ابڙو ممتاز لغاري، شهمير سنڌي، دادا سنڌي، پرويز شريف ڪلمتي ۽ قربان علي ميربحر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سجاول ضلعي اندر منشيات جو ڪاروبار کليل نموني جاري آهي، جيڪو نوجوان نسل لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهيو آهي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن منشيات فروشن خلاف فوري ۽ سخت ڪارروائي نہ ڪئي وئي ته سماج ۾ تباهي وڌندي هنن وڌيڪ چيو ته ضلعي جي سرڪاري اسپتالن ۾ بنيادي صحت جون سهولتون ناپيد آهن. جنهن سبب غريب مريض سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن دوائن بسترن ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ سبب ماڻهو نجي اسپتالن جو رخ ڪرڻ تي مجبور آهن جتي کين ڳريون فيسون ادا ڪرڻيون پون ٿيون تعليم بابت ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ڪيترائي سرڪاري اسڪول بند پيل آهن جڏهن ته فعال اسڪولن ۾ استادن ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب تعليم جو نظام سخت متاثر ٿي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته بند اسڪول فوري طور کوليا وڃن ۽ تعليمي نظام کي بهتر بڻايو وڃي مظاهرين هٿرادو مهانگائي تي به سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته روزمرهہ جي استعمال جون شيون عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن. هنن الزام هنيو ته ضلعي انتظاميا ۽ پرائس ڪنٽرول ڪاتو خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن سبب دڪاندار من ماني اگهہ وصول ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن حڪومت ۽ انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته منشيات جي خاتمي، صحت ۽ تعليم جي بهتري، مهانگائي تي ڪنٽرول ۽ ٻين عوامي مسئلن جي حل لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سجاول: صحت،تعليم ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف ترقي پسند پارٽي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ يونيورسٽي دادو ڪيمپس ۾جاپاني حڪومت جي ميڪسٽ اسڪالرشپ بابت تعليمي سيمينار

ترقي يافتہ ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ سان شاگردن جون صلاحيتون وڌن ٿيون ۽ سندن روشن مستقبل لاءِ نوان در کلندا آهن:مرتضيٰ علي شاهه

اسڪالرشپ انڊر گريجوئيٽ، ماسٽرز ۽ پي ايڇ ڊي سطح تائين موقعا فراهم ڪري ٿي،ماهوار وظيفو،مڪمل فيس معافي ۽ سفري خرچ پڻ شامل آهن:انيلا ناز سومرو

سيمينار دوران شاگردن کي اسڪالرشپ جي قسمن، اهليت جي معيار، درخواست ڏيڻ جي طريقيڪار ۽ جاپان ۾ شاگردي زندگي بابت جامع ڄاڻ ڏني

دادو(رپورٽ:ولي محمد لنڊ)سنڌ يونيورسٽي دادو ڪيمپس ۾ جاپاني حڪومت جي اسڪالرشپ ميڪسٽ 2026 بابت هڪ اهم تعليمي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي.سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس دادو ۾ جاپاني حڪومت جي ميڪسٽ 2026 تعليمي اسڪالرشپ هيٺ سيمينار منعقد ٿي گذريو سيمينار جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن بعد حمد، نعت ۽ قومي ترانو پيش ڪيو ويو. اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر سرفراز ملڪ مهمانن کي آجيائو ڏيندي استقباليہ خطاب ڪيو جڏهن ته ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو ڊپٽي ڪمشنر جو گرمجوشي سان آڌرڀاءُ ڪندي کيس اجرڪ ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا. پنهنجي خطاب ۾ ڊپٽي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهه نوجوانن لاءِ عالمي تعليمي موقعن جي اهميت تي زور ڏنو ۽ چيو ته جاپان جهڙي ترقي يافتہ ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ سان شاگردن جون صلاحيتون وڌن ٿيون ۽ سندن روشن مستقبل لاءِ نوان در کلندا آهن. هن چيو ته تعليم ڏانهن کڄندڙ هر قدر ڪاميابي ڏانهن وٺي وڃي ٿو ان موقعي تي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو جاپاني حڪومت جي اسڪالرشپ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته هي اسڪالرشپ انڊر گريجوئيٽ، ماسٽرز ۽ پي ايڇ ڊي سطح تائين تعليم جا بهترين موقعا فراهم ڪري ٿي، جنهن ۾ ماهوار وظيفو مڪمل فيس معافي ۽ سفري خرچ پڻ شامل آهن. سيمينار دوران شاگردن کي اسڪالرشپ جي قسمن، اهليت جي معيار، درخواست ڏيڻ جي طريقيڪار ۽ جاپان ۾ شاگردي زندگي بابت جامع ڄاڻ ڏني وئي. وڏي انگ ۾ شاگردن شرڪت ڪئي جڏهن ته انٽرايڪٽو سوال جواب سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن ڀرپور دلچسپي ورتي ۽ پنهنجا سوال پڇي اطمينان بخش جواب حاصل ڪيا هي سيمينار ڪيمپس جي ڪمپيوٽر ليب ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن جو بنيادي مقصد شاگردن ۾ عالمي تعليمي موقعن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ هو سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ فيڪلٽي ميمبرن ۾ ڊاڪٽر محمد آصف چنه ڊاڪٽر اطهر شر ڊاڪٽر امجد لاشاري، ڊاڪٽر جبار ملاح ڊاڪٽر محمد اشرف ڪلوئي، ڊاڪٽر ڪلثوم پنهوار ميڊم جويريہ ۽ فاطمہ سحر سميت ٻين شعبن جا استاد پڻ شامل هئا سيمينار جي پڇاڙي تي مقررين شاگردن کي اهڙن موقعن مان ڀرپور فائدو وٺڻ جي تلقين ڪئي ته جيئن هو پنهنجي روشن مستقبل جي تعمير سان گڏ ملڪ جي ترقي ۾ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن . ان موقعي تي يادگار طور ڪيمپس جي باغيچي ۾ شجرڪاري پڻ ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهه پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو، ڊاڪٽر سليمان ميمڻ ڊاڪٽر سرفراز ملڪ ۽ ٻين فيڪلٽي ميمبرن پڻ حصو ورتو

سنڌ يونيورسٽيءَ "معرڪہ حق" جي سري هيٺ 7 مئي تي ريلي ڪڍي ويندي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽيءَ پاران "معرڪہ حق" جي سلسلي ۾ جشن ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ بيورو آف اسٽيڪس جي ڊائريڪٽر اجويد احمد پٽي پنهنجي جاري ڪيل پڌرائيءَ ۾ ٻڌايو آهي ته "معرڪہ حق" جي سري هيٺ 7 مئي تي علامہ آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري (زيرو پوائنٽ) کان آرٽس فئڪلٽي بلڊنگ تائين ريلي ڪڍي ويندي، جنهن شيخ اياز آڊيٽوريم ۾ هڪ تقريب پڻ منعقد ڪئي ويندي پڌرائيءَ موجب معرڪہ حق تقريبن ۾ "صدقہ حق" جي عنوان هيٺ ملي نغما ڳائڻ جو مقابلو پڻ منعقد ڪيو ويندو جنهن لاءِ هر شعبي مان 3 شاگردن ۽ شاگردياڻين جا نالا طلب ڪيا ويا آهن

سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد امداد گروپ جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون

سڪرنڊ (س ا)سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ امداد گروپ جي نون چونڊيل آيل عهديدارن کي لنگيون پارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي جيئي پٽو امداد گروپ جي ضلعي صدر غلام علي رند ۽ ضلعي نائب صدر ڪامران عباسي ڳالهائيندي چيو ته ڪوشش آهي ته گروپ کي مضبوط ڪري هتان جي عوام جي خدمت ڪيون چاڪاڻ جو جنهن اعتماد سان دوستن اسان تي ذميواري رکي عهدا ڏنا آهن ان شاءَ الله انهن جي اعتماد تي پورو لهنداسين هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو تعلق پيپلز پارٽي سان آهي ڪجهه سال اڳ مرحوم رئيس امداد حسين راهو تنظيم جو بنياد وڌو هو جنهن کي ٻيهر فعال ڪرڻ جي لاءِ نئين سر تنظيم سازي ڪئي آهي جيڪا پهرين مرحلي ۾ ضلع نوابشاهه سميت چئن تعلقن تائين ڪئي آهي هنن چيو ته تنظيم جي پليٽ فارم تان فلاحي ڪمن کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي جڏهن ته سياست پڻ جاري رهندي ان کان اڳ تنظيم جي خزانچي دانيال خاصخيلي وفد جو آڌر ڀاءُ ڪيو وفد ۾ سينيئر صحافي بشير لاشاري ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ شامل هئا

چوهڙ جمالي ۾ مريد ڪوسو ٿاڻي جي حد ۾ ڦورن رڱ ٻاري ڏنو

چوهڙ جمالي (ن ع) چوهڙ جمالي،سجاول روڊ تي مريد ڪوسو ٿاڻي جي حد ۾ ڦورن رڱ ٻاري ڏنو قلفيون کپائيندڙ احمد خاصخيلي کان جوابدارن روڪ رقم موبائل ۽ رڪشا ڦر ڪري فرار ٿي ويا پوليس ڪوبہ کوڙ نہ ڪاريو پورهيت جو ڦر جي واردات خلاف احتجاج چوهڙ جمالي جو رهواسي پورهيت احمد خاصخيلي مريد ڪوسو ٿاڻي جي حد ۾ رڪشا تي قلفيون کپائڻ ويو ته رستي تي نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي کانئس روڪ رقم موبائل فون ۽ رڪشا ڦر ڪري فرار ٿي ويا مريد ڪوسو پوليس پاران جوابدارن خلاف ڪارروائي نہ ڪرڻ تي متاثر پورهيت احمد خاصخيلي چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي مريد ڪوسو پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو هن جو چوڻ هو ته ٻچن جي پيٽ گذر لاءِ ٻهراڙي جي ڳوٺن ۾ وڃي قلفيون کپائي پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندو آهيان پر ظالم ڦورن مون کان منهنجي ٻچن جو گذر کسي مون سان وڏو ظلم ڪيو آهي هن آئي جي سنڌ ايس ايس پي ...

علي حسن زرداري ۽ مير منور ٽالپر سان درياءَ خان مري جي ملاقات

سياسي صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ سان گڏ عوامي مسئلن تي ڳالهيون

عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو:علي حسن زرداري

پارٽي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عوام کان ڏک سور معلوم ڪري حل ڪيا وڃن

ٽنڊوالهيار (ع ز)صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ويجهي دوست مرحوم رئيس غلام قادر مري جي ڏهرٽي ضلع ڪائونسل وائيس چيئرمين دريا خان مري جي ڪراچي ۾صوبائي وزير علي حسن زرداري ۽ ايم اين اي نوابزاده مير منور ٽالپر سان ڪراچي ۾ الڳ الڳ سندس آفس ۾ اهم ملاقاتون ڪيون وئي. ملاقات ۾ صوبائي وزير علي حسن زرداري ، نواب زاده مير منور ٽالپر درياخان مري جي ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ضلع جي موجوده سياسي صورتحال تي پڻ ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ سان گڏ عوامي مسئلن جي حوالي سان معلومات ورتي صوبائي وزير علي حسن زرداري دريا خان مري جي سموري ڳالهہ ٻڌڻ بعد کين يقين ڏياريو ته عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو اوهان پارٽي جي سرمايہ رئيس غلام قادر مري جي نقشي قدم تي هلندي ضلع ۾ صدر پاڪستان آصف علي زرداري ، پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وژن تي عمل ڪيو ۽ پارٽي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عوام سان رابطو تيز ڪري سندن ڏک سور جلد حل ڪيا وڃن پارٽي قيادت توهان سان سهڪار ڪندي

ٽنڊوالهيار: علي حسن زرداري ۽ مير منور ٽالپر سان درياءَ خان مري ملاقات ڪري رهيو آهي

شاهپورجهانيان ۾چلهه جي چڻنگ مان اوچتو ٻن گهرن کي باهه لڳي وئي

لکمير ۽ نياز علي سولنگي جا گهر مڪمل سڙي رک ٿي ويا،پورهيت خاندان دربدر

متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل،جيڪي سهائتا جا منتظر بڻيل آهن

مزدوري ڪري ٻچڙن جو گذر سفر ڪندا آهيون،مشڪلاتن ۾ اچي ويا آهيون:پورهيت

مورو: شاهپورجهانيان ۾چلهه چڻنگ مان اوچتو لڳل باهه سبب سڙي گهر

مورو(ن ع)شاهپورجهانيان ۾ سرڪاري اسپتال پرسان قومي شاهراهه تي گهر جي رڌ پچاءَ دوران چلهه جي چڻنگ مان اوچتو ٻن گهرن کي باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ سبب مسڪين پورهيت لکمير سولنگي ۽ نياز علي سولنگي جو گهر مڪمل سڙي رک ٿي وين باهه جي نتيجي ۾ گهر جو سمورو سامان اناج، هنڌ ڪٿون ڇت ۽ روزمرهه استعمال جون شيون به سڙي مٽيءَ جو ڍير ٿي ويون سڙيل ويل سامان جي ماليت لکين روپيا ٻڌائي وڃي ٿي متاثر پورهيت لکمير سولنگي ٻڌايو ته هو مزدوري ڪري پنهنجي ٻچڙن جو گذر سفر ڪندو آهي پر هن حادثي ڪانپوءِ هو سخت مشڪلاتن ۾ اچي ويو آهي.هن چيو ته مانيءَ جي پچائڻ دوران چلهه مان اڏيل چڻنگ گهرن ۾ پيل سمورو سامان ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو اسين غريب ماڻهو آهيون ڏهاڙي ڪمائي گهر جو چلهه ٻاريندا آهيون هن سنڌ سرڪار ۽ سرنديءَ وارن کي واهر جي اپيل ڪئي آهي جڏهن ته متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن جيڪي سهائتا جا منتظر بڻيل آهن

خيرپور اينٽي ڪرپشن ڪاتو سپر ڪرپشن ڪاتو بڻجي چڪو آهي:غلام حسين فاتح

40 سرڪاري محڪمن کان هر مهيني لکين روپيا اگاڙي ڪئي پئي وڃي:شاهنواز ڪلهوڙو

ٽي ارب روپين جا ٽينڊر ٿيا آهن پر گرائونڊ تي ڪٿي به ڪم ٿيل نظر نه آيو:احسان الله پنهور

خيرپور(ن ر)خيرپور شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح ميراڻي شاهنواز ڪلهوڙي ، ايڊووڪيٽ احسان الله پنهور ۽ ٻين چيو آهي ته خيرپور اينٽي ڪرپشن ڪاتو سپر ڪرپشن بڻجي چڪو آهي.خيرپور جي40محڪمن کان هرمهيني لکين روپيا اگاڙي ڪئي پئي وڃي ۽ پبلڪ هيلٿ رڳي پور ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ٿي آهي جنهن ۾ گذريل ٽن سالن دوران ٽي ارب روپين جا ٽينڊر ٿيا آهن پر گرائونڊ تي ڪٿي به ڪم ٿيل نظر نه آيو هنن چيو ته اينٽي ڪرپشن ڪاتو پبلڪ هيلٿ کان مهيني ۾ لکين روپيا وٺي ٿو ۽ اينٽي ڪرپشن پبلڪ هيلٿ ڪاتي سميت سڄي ضلعي ۾ آفيسرن کي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي هنن چيو ته اينٽي ڪرپشن ڪاتي جي خلاف وڏيون شڪايتون آهي هنن چيو ته ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن خيرپورڙو راشي ۽ ڪرپٽ آهي چيئرمين اينٽي ڪرپشن کي هن راشيءَ خلاف ايڪشن وٺڻ کپي نه ته ٻي صورت ۾ خيرپور جا شهري احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا

خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي،جعلي ڪرنسي هلائيندڙ ٻه جوابدار گرفتار

شهزادو ڄامڙو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي وٽان30 هزار جي جعلي ڪرنسي برآمد

جوابدار جعلي ڪرنسي جو ڪاروبار ڪندا هئا،وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي: ايس ايس پي

خيرپور(ن ر)خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، جعلي ڪرنسي هلائيندڙ ٻه جوابدار گرفتار،خيرپور پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي جعلي ڪرنسي هلائيندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان 30 هزار روپين جي جعلي ... جا جعلي نوٽ هٿ آيا آهن گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ شهزادو ڄامڙو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي شامل آهن پوليس موجب جوابدارن خلاف جعلي ڪرنسي هلائڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي امير سعود مگسي ...

ٿاڻي بولاخان ۾ڦورن پاران موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦرڻ،متاثر نوجوانن جو احتجاج

ٿاڻو بولاخان (ن ع)ٿاڻي بولاخان جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول لڳ گذريل رات هڪ وڳي ڌاري پير برهان شاهه ولد پير معصوم شاهه ۽ سندس دوست دانش علي کان موٽر سائيڪل سوار ٻن نامعلوم ڦورن پاران پسٽل جي زور تي ٻي موبائل فون ، روڪ رقم ۽ ڊرائيونگ لائسنس ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر نوجوانن جو احتجاج ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي ڪوهستان جي پرامن ماحول خراب ڪندڙن کي واڪو ڪيو وڃي ۽ کين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

ٿاڻي بولاخان: ڦورن پاران موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر احتجاج ڪندي

امن آباد پرسان هڪ مهيني کان مبينہ گم ٿيل ريٽائرڊ فوجي جو پتو نہ پيو،وارثن پاران ڳڻتي ظاهر

بدو قمبراڻي(ن ع)بدو قمبراڻي امن آباد پرسان ڳوٺ جاڻي خان جروار واسي ريٽائرڊ فوجي علي حسن جروار جي مبينا گمشدگي کي هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي، جنهن تي سندس وارثن پاران ڳڻتي ظاهر ڪندي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي،علي حسن جروار جي وڏي ڀاءُ سماجي اڳواڻ دولهہ درياخان جروار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنهن به پرامن شهري کي بنا قانوني ڪارروائي جي گم ڪرڻ آئين ۽ قانون جي خلاف ورزي آهي، جنهن سان سماج ۾ بي اعتمادي پيدا ٿئي ٿي هن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن سندس ڀاءُ ڪنهن به ڪيس ۾ گهربل آهي ته کيس قانوني طريقي سان گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي سندس والدہ الهجاڻي جروان گهرواري راسطي جروار ۽ ٻارن پڻ ميڊيا اڳيان اپيل ڪئي ته علي حسن جروار کي جلد بازياب ڪيو وڃي چاڪاڻ ته ڏکي عرصي کان بي خبري سبب سڄو خاندان ذهني اذيت ۾ مبتلا آهي وارثن پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد بينچ انساني حقن جي ادارن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي نوجوان کي جلد بازياب ڪرايو وڃي

ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقي صوبوديرو جي چونڊ عبدالمجيد پنهور جي نگراني ۾ٿي گذري

خيرپور(ذ ر)ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقي صوبوديرو جي چونڊ ريجنل يونين آف جرنلسٽ ضلعي خيرپور جي صدر عبدالمجيد پنهور جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ صدر ڪفايت علي جانوري، سينئر نائب صدر قادر بخش پنهور جونيئر نائب صدر حاجي خان هيسباڻي،جنرل سيڪريٽري آفتاب احمد پنهور،ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ارسلان ڏانوري، جوائنٽ سيڪريٽري عمران راڄپر،خزانچي فاروق انور ڏانوري جڏهن ته ورڪنگ ڪاميٽي ۾ بلاول قريشي ، اشفاق ڏانوري، سليمان ڏاهري ، فقير محمد پنهور ۽ محمد نواز پنهور چونڊيا ويا جڏهن آخر ۾ چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارايا ويا ۽ مٺائي تقسيم ڪئي وئي. ان موقعي تي ضلعي صدر عبدالمجيد پنهور پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ نج صحافين جي تنظيم آهي جتي به صحافين سان زيادتيون ٿينديون اتي ريجنل يونين آف جرنلسٽ پهچندي ۽ هن چيو ته صحافي پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتحاد پيدا ڪن

اڳرٽي يوسي چيئرمين سرڳواسي ڪيٽ سنگهہ جاڳا جي بارس جي ماني ٿي گذري

مٺي (د ر)ٿر جي تاريخي ڳوٺ هريار جي پٽيل ۽ اڳرٽي يوسي چيئرمين سرڳواسي ڪيٽ سنگهہ جاڳا جي بارس جي ماني جي رسم ڳوٺ هريار ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ايم پي اي راڻا هميرسنگهہ سوڍو، نالي وارو ڊاڪٽر جئہ سنگهہ سيسوڏيا، اڳوڻو چيئرمين پرديپ مهراج، صحافين ٽندلال لوهاڻو علي گل رند جي آر جوکيجو...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 30 اپريل 2026ع

هيٽ ويوءَ لوڊشيڊنگ: سنڌ ۾ ٻيٽو عذاب

سنڌ جي وچولي ۽ اُتر وارن علائقن ۾ گرميءَ جي شديد لهر، جنهن کي عام طور تي هيٽ ويو چيو وڃي ٿو پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي موسميات کاتي طرفان جاري ڪيل الرٽ موجب 28 اپريل کان 3 مئي تائين ڄامشورو، دادو، بينظير آباد، ڪشمور، گهوٽڪي، سانگهڙ، خيرپور، نوشهرو فيروز، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر جهڙا ضلعا سخت گرميءَ جي لپيٽ ۾ رهندا هن عرصي دوران گرمي پد معمول کان 4 کان 6 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي، جيڪو عوام لاءِ خطرناڪ صورتحال پيدا ڪري سگهي ٿو.

هيٽ ويو صرف موسمياتي تبديلي ناهي پر اهو انساني صحت، معيشت ۽ سماجي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيندڙ مسئلو آهي. خاص طور تي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن لاءِ اها صورتحال وڌيڪ خطري واري آهي. ڊاڪٽرن ۽ ماهرن بار بار خبردار ڪيو آهي ته اهڙي گرميءَ ۾ پاڻيءَ جو وڌيڪ استعمال، سڌي سج جي روشنيءَ کان بچاءُ ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي معاشري ۾ شعور جي کوٽ سبب ڪيترائي ماڻهو اهڙين هدايتن کي سنجيدگيءَ سان نٿا وٺن، جنهن جو نتيجو بيمارين ۽ موت جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. ٻئي طرف جيڪڏهن اسان ڪراچيءَ جهڙي وڏي شهر جي ڳالهه ڪيون ته اتي جي صورتحال ڪجهه مختلف آهي. جيتوڻيڪ موسميات کاتي موجب اتي في الحال هيٽ ويو جو ڪو خطرو ناهي پر ڏينهن جو گرمي پد 36 ڊگري تائين پهچڻ ۽ هوا ۾ نميءَ جو تناسب 60 سيڪڙو تائين هجڻ سبب گرميءَ جي شدت وڌيڪ محسوس ٿيندي. اهڙي ماحول ۾ ماڻهو گرميءَ کان بچڻ لاءِ وڌيڪ پريشان ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته نمي سان گڏ گرمي انساني جسم لاءِ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ بڻجي ويندي آهي. پر هن سڄي صورتحال ۾ سڀ کان اهم ۽ تڪليف ڏيندڙ پهلو بجليءَ جي ڏکي لوڊشيڊنگ آهي، جيڪا عوام لاءِ ٻيٽو عذاب بڻجي وئي آهي. گرميءَ جي شدت ۾ جڏهن بجليءَ جا ڪيترائي ڪلاڪن جا وقفا ٿين ٿا ته ماڻهن لاءِ گهرن ۾ رهڻ به ڏکيو ٿي پوي ٿو پکا ۽ ايئر ڪنڊيشنر کان سواءِ زندگي ناممڪن لڳڻ لڳي ٿي، خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ جتي بجليءَ جي فراهمي اڳ ئي محدود بڻيل آهي. لوڊشيڊنگ جو مسئلو صرف آرام تائين محدود ناهي پر اهو صحت تي پڻ اثر انداز ٿئي ٿو گرميءَ جي لهر دوران جيڪڏهن ماڻهن کي ٿڌو ماحول نه ملي ته هيٽ اسٽروڪ جهڙيون بيماريون وڌي سگهن ٿيون، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن جان وٺندڙ به ثابت ٿين ٿيون. اسپتالن ۾ اهڙن مريضن جو تعداد وڌي وڃي ٿو جڏهن ته صحت جا وسيلا اڳ ئي محدود آهن. معاشي طور به اها صورتحال انتهائي نقصانڪار آهي. ڪارخانا، دڪان ۽ ننڍا ڪاروبار بجليءَ جي اڻهوند سبب تمام گهڻو متاثر ٿين ٿا، جنهن سان روزگار جا موقعا پڻ گهٽجن ٿا. خاص طور تي اهي ماڻهو جيڪي روزانو مزدوريءَ تي دارومدار رکن ٿا، انهن لاءِ اهي حالتون وڌيڪ ڏکيون ٿي وڃن ٿيون. گرميءَ جي ڪري ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو ۽ لوڊشيڊنگ سبب ڪم جو وقت به گهٽجي وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي ته هو فوري ۽ موثر قدم کڻن. گرميءَ جي لهر بابت عوام ۾ آگاهي مهم هلائي وڃي ته جيئن ماڻهو حفاظتي تدبيرون اختيار ڪن. گڏوگڏ بجليءَ جي فراهميءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن، خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي گرميءَ جي شدت وڌيڪ آهي. ساڳئي وقت ڊگهي مدي وارا حل به ضروري آهن. توانائيءَ جي متبادل ذريعن جهڙوڪ شمسي توانائي (سولر انرجي) کي فروغ ڏيڻ گهرجي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙين حالتن کان بچي سگهجي. سنڌ جهڙي گرم علائقي ۾ سج جي روشني وڏي نعمت آهي، جنهن مان فائدو وٺي توانائيءَ جي کوٽ کي گهٽائي سگهجي ٿو.

بهرحال، اسان سمجهون ٿا ته هيٽ ويو ۽ لوڊشيڊنگ گڏجي ڪري عوام لاءِ هڪ سنگين بحران پيدا ڪري رهيا آهن جيڪڏهن هن مسئلي کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو ويو ته ان جا نتيجا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت، ادارا ۽ عوام گڏجي هن چئلينج کي منهن ڏين، جيئن انساني جانين کي بچائي سگهجي ۽ روزمره زندگيءَ کي معمول تي آڻي سگهجي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

"اَلَستُ بِرَبِڪُم قالُو بَليٰ" جَڏهِين چَيائُون،
مِيثاقان ميهار سين، لَڏيُون مُون لائُون،
سو موتي ڪِيئَن پاهُون، جو مَحفوظا مُحڪم ٿِئو...

انسان جي ڪيفيتن مان پيار ئي اهڙي پوتر ۽ ڪمالي ڪيفيت آهي، جنهن لاءِ لطيف سائين سهڻي جي معرفت ٻڌائي ٿو ته "سهڻي تي جڏهن گهر ڪان، اوڙي پاڙي کان، سرتين جيڏين پاران مٿس آڱريون کڄڻ لڳيون ته "تون بدڪار آهين، ٻي لڇڻي آهين، تڏهن سهڻي ڪين جواب ڏئي پئي ته جڏهن عالمِ ارواح ۾ روحن کان خدا تعاليٰ اقرار پئي ورتو ته ڇا مان توهان جو ربُ ناهيان؟ ان معاهدي (ميثاق) وقت مون ته ميهار سان سيج تي ئي لائون لڏيون شادي ڪري ڇڏي هئي، توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي جو منهنجي پويان پئجي ويا آهيو. اسان جو اهو پيار ته لوح قلم ۾ محفوظ ٿيل آهي، اهو هاڻي ڪڏهن به واپس نه ٿي سگهندو ۽ نه ئي ان کي ڪا روڪ ٽوڪ روڪي سگهندي، جو ته هن اسان جو پيار جو ليک خدا ئي لکيو آهي."

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

گرميءَ يا هِيٽ اسٽروڪ کان پاڻ کي ڪيئن بچائجي؟


عبدالفتاح عباسي

جڏهن گرميءَ جو درجو انساني بدن جي معياري گرميءَ واري درجي، يعني 38 ڊگري سينٽي گريڊ يا 99 ڊگري فارن هائيٽ کان وڌي وڃي ته انهيءَ صورت ۾ اها گرمي انسان لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿي، جنهن جو اثر انساني جسم جي سمورن عضون ۽ سموري سرشتي تي پوي ٿو هيٽ اسٽروڪ ڪيئن ٿئي ٿو. ڪوبه ماڻهو جيڪڏهن لاڳيتو اس ۾ سج جي سامهون رهندو ته ان کي گرمي لڳي سگهي ٿي يا هيٽ اسٽروڪ ٿي سگهي ٿو.

گرمي لڳڻ جو علامتون: گرمي هوندي به پگهر جو نه اچڻ ڄمڙيءَ جو خشڪ ۽ گرم ٿي پوڻ تيز بخار اچڻ مٿي ۾ سور جو پوڻ نبض تيز ٿيڻ دست يا اُلٽيون ٿيڻ يا ٻئي هڪ ئي وقت ٿيڻ نمڪيات جي کوٽ سبب بيهوش ٿيڻ ۽ پيشاب جو گهٽ اچڻ يا مورڳو نه اچڻ نمڪيات جي کوٽ سبب جسم ۾ سوڄ ٿيڻ انساني دماغ جو متاثر ٿيڻ جيڪڏهن ڪو مناسب تدارڪ نه ڪيو ويو ته موت به واقع ٿي سگهي ٿو.

گرميءَ کان بچاءُ: جسم کي ٿڌو رکجي، ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو يا وڌيڪ پيرا وهنجڻ گهرجي. گرميءَ وارن ڏينهن ۾ هلڪي رنگ وارا ۽ سنها ڪپڙا پائجن جن مان هوا جو بهتر ۽ آسانيءَ سان گذر ٿي سگهي. مشروبڪي رکڻ پاڻي يا ليميءَ جو پاڻي لسي ۽ شربت جو گهڻو استعمال ڪرڻ ڪم ڪرڻ يا ٻارن جي راند ڪرڻ لاءِ گرميءَ واري وقت، يعني صبح 11 وڳي کان 4 وڳي تائين ٻاهر اُس ۾ وڃڻ کان پرهيز ڪرڻ ڪوشش ڪجي ته هروقت ڇانوَ وارن هنڌن تي رهجي.

گرمي لڳڻ جي صورت ۾ ڇا ڪجي؟: جيڪڏهن تڪليف گهٽي ناهي ته مريض کي ٿڌيءَ جڳهه تي رکيو وڃي، جسم کي ٿڌي رکڻ لاءِ ٿڌي پاڻي يا برف جو استعمال ڪيو وڃي ۽ ڪپڙا وهنجاريو وڃي، نمڪول يا او آر ايس جو استعمال ڪيو وڃي. نمڪول جي اڻهوند ۾ هڪ چپٽي لوڻ هڪ ٻُڪ کنڊ ليمي واري پاڻيءَ ۾ ملائي استعمال ڪجي.

گهڻي تڪليف جي صورت ۾ مريض کي هڪدم ڪنهن ويجهي اسپتال منتقل ڪيو وڃي. ياد رهي ته اڄڪلهه هنگامي صورتحال آهي، ان ڪري هيٽ اسٽروڪ کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ انساني جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون اهڙي قهر جهڙي گرميءَ ۾ پاڻ کي گرميءَ کان بچائڻ لاءِ هر صورت ۾ گهڻي کان گهڻو پاڻيءَ جو استعمال ڪيو وڃي ۽ هروپرون ٻاهر نه وڃجي. ٿڌا شربت، ليمون پاڻي وايرلو وڃي، گرميءَ جي شدت ۾ خاص ڪري پنهنجي ٻارڙن کي انهيءَ ڳالهه کان منع ڪيو ته اهڙي گرميءَ ۾ بوٽ يا جوراب بجاءِ سينڊل وغيره جو استعمال ڪيو وڃي. هن گرميءَ جي موسم ۾ خاص ڪري پرائمري اسڪولن جي ننڍن ننڍن معصوم ٻارڙن کي ڪلاس وائيز ته گهٽ ۾ گهٽ اسڪول جي مکيه جڳهه تي ٿڌي پيئڻ جي پاڻيءَ جو خاص بندوبست ڪيو وڃي ۽ وس وارن مخير حضرات کي گهرجي ته هو لڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جون سبيلون لڳائڻ لاءِ اسڪولن ۾ پنهنجي طرفان انتظام ڪرايا وڃن اهو عمل ثواب جو سبب پڻ آهي. هن گرميءَ ۾ انساني جانيون بچائڻ لاءِ معاشري جي هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اڄوڪي گرمي ايتري ته خطرناڪ قسم جي آهي، جنهن جو ڪاٿو نٿو ڪري سگهجي. ٻڌايو پيو وڃي ته پاڪستان ۽ انڊيا ۾ هن ڀيري، جيڪا هيٽ اسٽروڪ واري گرميءَ جي شدت آهي، اها ڄڻ ته زندگيءَ ۽ موت جي ٻه واٽي تي اٽڪيل آهي. موجوده گرميءَ جي حالتن مطابق انساني جياپي لاءِ اسان مان هر هڪ کي گرميءَ ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو عملي حصو وندرائڻ (گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ پوکڻ) گهرجي. اهڙي طرح ڪروڙين وڻ لڳي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن ايتري وڏي تعداد ۾ وڻڪاري ٿئي ٿي ته پوءِ ناران، ڪاغان، سوات، ڪوهه مري ۽ اسڪردو وغيره جهڙي خوبصورت ۽ دلفريب موسم اسان وٽ به ٿي سگهي ٿي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته هو انهيءَ سلسلي ۾ وڻ

متحده عرب امارات، اوپيڪ کان الڳ ٿيڻ ڪانپوءِ..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اڄ جي هن جديد دور، يعني 21هين صديءَ ۾ سڄي دنيا جي معيشت جو وڏو دارومدار توانائي تي آهي، خاص ڪري تيل تي. تيل کي ائين سمجهو جيئن ڪنهن گاڏي لاءِ پيٽرول ضروري هوندو آهي، تيئن ئي ملڪن جي معيشت لاءِ تيل تمام اهم آهي. جيڪڏهن تيل جي اگهن ۾ ٿوري به گهٽ وڌ ٿئي ٿي ته ان جو اثر سڌو سنئون دنيا جي پئسي واري نظام، واپار، ڪارخانن ۽ عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ تي پوي ٿو. مثال طور مهانگائي وڌي وڃي ٿي، شيون مهانگيون ٿي وڃن ٿيون ۽ ماڻهن جا خرچ وڌي وڃن ٿا. هاڻي اهڙي صورتحال ۾ جڏهن ايران جي جنگ سبب سڄي دنيا جا ملڪ تيل جي کوٽ يا بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن، تڏهن متحده عرب امارات هڪ اهم فيصلو ڪيو آهي. يو اي اِي اعلان ڪيو آهي ته هو هاڻي اوپيڪ ۽ اوپيڪ پلس جهڙي اتحاد کان الڳ ٿي رهيو آهي. اِهي اتحاد اصل ۾ انهن ملڪن جا گروپ آهن جيڪي گڏجي تيل جي پيداوار ۽ اگهن کي ڪنٽرول ڪن ٿا. يو اي اِي جي هن فيصلي سان تيل جي عالمي مارڪيٽن ۾ وڏي هلچل مچي وئي آهي، هن نئين صورتحال نه رڳو دنيا جي توانائيءَ واري سياست کي لوڏي ڇڏيو آهي پر اِهو به خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ان جا اثر پاڪستان سميت دنيا جي ٻين ملڪن جي معيشت تي به پوندا، جهڙوڪ مهانگائي وڌڻ، واپار متاثر ٿيڻ ۽ عام ماڻهن جي زندگي وڌيڪ ڏکي ٿيڻ. تاريخي طور تي تيل وڪڻندڙ ملڪن جو جيڪو اتحاد آهي، يعني اوپيڪ، اهو 1960ع ۾ ٺاهيو ويو هو جنهن جو بنيادي مقصد دنيا جي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهه برابر رکڻ لاءِ تيل جي پيداوار جي هڪ حد مقرر ڪرڻ هو.

اوپيڪ ۾ ڪجهه وڏا ۽ اهم ملڪ شامل آهن جهڙوڪ: سعودي عرب، ايران، وينزويلا، ڪويت ۽ متحده عرب امارات. پوءِ 2016ع ۾ هن اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻيا ملڪ به شامل ڪيا ويا، جيئن روس، آذربائيجان، قازقستان، ميڪسيڪو، عمان، بحرين ۽ ملائيشيا وغيره انهن سڀني کي گڏ ڪري اوپيڪ پلس ٺاهيو ويو، جيڪو پوءِ عالمي تيل جي سياست جو مرڪز بڻجي ويو. اِهي اوپيڪ ۽ اوپيڪ پلس وارا ملڪ گڏجي دنيا جو 40 سيڪڙو کان به وڌيڪ تيل پيدا ڪن ٿا ۽ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ تيل جا ذخيرا به انهن وٽ آهن اوپيڪ جو هيڊڪوارٽر ويانا ۾ آهي، جيڪو آسٽريا جي گاديءَ جو هنڌ آهي پر غير رسمي طور تي هن اتحاد جي اڳواڻي سعودي عرب وٽ سمجهي ويندي آهي. هاڻي تازو جڏهن يو اي اِي جي توانائي واري وزير کان پڇيو ويو ته ڇا هن فيصلي لاءِ سعودي عرب يا ٻين سائين سان صلاح ڪئي وئي هئي، ته هن صاف چيو ته اهو مڪمل طور يو اي اِي جو پنهنجو فيصلو آهي، ڪنهن سان به مشورو نه ڪيو ويو. اماراتي اختيارين جو چوڻ آهي ته لڳ ڀڳ 60 سالن کانپوءِ اوپيڪ کان الڳ ٿيڻ جو مقصد اِهو آهي ته يو اي اِي پاڻ کي دنيا ۾ هڪ ذميوار، آزاد ۽ ڀروسي جوڳو تيل وڪڻندڙ ملڪ طور مڃرائي. اوپيڪ ۾ رهڻ سبب يو اي اِي کي به ٻين ملڪن وانگر هڪ مقرر ڪيل حد (ڪوٽا) مطابق تيل پيدا ڪرڻو پوندو هو جنهن ڪري هو پنهنجي مرضي سان پيداوار وڌائي نٿو سگهي.

عالمي ميڊيا ۾ ڪجهه اهڙيون خبرون به منظرعام تي آيون آهن ته يو اي اِي گذريل ڪجهه سالن ۾ پنهنجي تيل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. امارات چاهي ٿو ته وڌيڪ تيل پيدا ڪري وڌيڪ پرڏيهي ناڻو ڪمائي. ان لاءِ هن 2027ع تائين روزانو 5 ملين بيرل تيل پيدا ڪرڻ جو هدف به رکي ڇڏيو آهي. پر اوپيڪ جو ڪوٽا سسٽم هنن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻيل هو. هاڻي جڏهن يو اي اي اوپيڪ کان الڳ ٿي ويو آهي ته هاڻي ان تي ڪا به پابندي نه هوندي ۽ هو پنهنجي مرضي سان جيترو چاهي تيل پيدا ڪري سگهندو جيتوڻيڪ يو اي اِي جو سرڪاري موقف اهو آهي ته هن فيصلي سان فوراً اوپيڪ يا اوپيڪ پلس جي ٻين ملڪن تي ڪو وڏو اثر نه پوندو.

عالمي ميڊيا ۾ ڪجهه اهڙيون خبرون به منظرعام تي آيون آهن ته يو اي اِي گذريل ڪجهه سالن ۾ پنهنجي تيل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. امارات چاهي ٿو ته وڌيڪ تيل پيدا ڪري وڌيڪ پرڏيهي ناڻو ڪمائي. ان لاءِ هن 2027ع تائين روزانو 5 ملين بيرل تيل پيدا ڪرڻ جو هدف به رکي ڇڏيو آهي. پر اوپيڪ جو ڪوٽا سسٽم هنن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻيل هو. هاڻي جڏهن يو اي اي اوپيڪ کان الڳ ٿي ويو آهي ته هاڻي ان تي ڪا به پابندي نه هوندي ۽ هو پنهنجي مرضي سان جيترو چاهي تيل پيدا ڪري سگهندو جيتوڻيڪ يو اي اِي جو سرڪاري موقف اهو آهي ته هن فيصلي سان فوراً اوپيڪ يا اوپيڪ پلس جي ٻين ملڪن تي ڪو وڏو اثر نه پوندو، پر منهنجي سمجهه ۾ ڊگهي مدي ۾ هن جا اثر ضرور نڪرندا. نه رڳو عالمي تيل مارڪيٽ متاثر ٿيندي، پر هن علائقي ۾ نيون سياسي ۽ معاشي صف بنديون به تيزيءَ سان ٿينديون.

يو اي اِي کي وچ اوڀر جي مضبوط معيشتن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. هاڻي جڏهن هن اوپيڪ کي الوداع چيو آهي ته تيل جي اگهن ۾ گهڻي غيريقيني صورتحال پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن. جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ امارات وڌيڪ تيل وڪڻڻ شروع ڪندو ته اگهه گهٽجي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن علائقي ۾ ٽڪرار وڌي ويو ته وري اگهه مٿي به وڃي سگهن ٿا. هاڻي يو اي اِي کي اِهو فائدو ملندو ته هُو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي شرطن تي ايشيا ۽ ٻين ملڪن سان سڌا معاهدا ڪري سگهي ٿو بغير ڪنهن پابندي جي. پر هتي هڪ اهم ڳالهه به آهي ته يو اي اِي جي واپار جو وڏو دارومدار آبنائي هرمز تي آهي. هيءَ سامونڊي رستو دنيا لاءِ تمام اهم آهي. جيڪڏهن اهو بند ٿئي ٿو ته تيل ۽ ٻيو سامان کڻڻ وارن جهازن جي سپلاءِ سخت متاثر ٿئي ٿي، جيڪو تازو ڏٺو به ويو آهي. انهن خطرن کي سامهون رکندي يو اي اِي فجيره پورٽ کي هڪ اهم متبادل بندرگاهه طور تيار ڪيو آهي، جيڪو آبنائي هرمز جي حدن کان ٻاهر واقع آهي ابوظهبي فجيره پائيپ لائن ذريعي خليج فارس مان تيل سڌو فجيره تائين پهچايو وڃي ٿو جنهن سان هرمز تي ڀاڙڻ ڪجهه حد تائين گهٽجي وڃي ٿو پر مڪمل طور ختم نٿو ٿئي. ماضي ۾ يو اي اِي جا لاڳاپا سعودي عرب سان تمام ويجها رهيا آهن، جڏهن ته قطر سان ڪجهه ڇڪتاڻ به رهي. پر هاڻي حالتن ۾ تبديلي آئي آهي ۽ گڏيل مفادن سبب امارات ۽ قطر هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيا آهن. قطر جي واپار جو به وڏو حصو آبنائي هرمز مان گذري ٿو، تنهن ڪري ٻنهي سامونڊي رستن جي حفاظت ۽ متبادل واٽن ۾ دلچسپي رکي ٿو. ٻئي پاسي دنيا ۾ اهي به ڳالهيون ٿي رهيون آهن ته ڇا يو اي اِي جو اوپيڪ ڇڏڻ وارو فيصلو ايران سان وڌندڙ تڪرار سبب ٿيو آهي، يا وري سعودي عرب سان ڪنهن ناراضگي جو نتيجو آهي؟ پر هڪ ڳالهه تي سڀ متفق آهن ته هي فيصلو عالمي توانائي جي سياست ۾ هڪ وڏو موڙ آهي. هن فيصلي سان يو اي اِي کي پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ توانائي پاليسي کي پنهنجي مرضي سان هلائڻ ۾ آساني ٿيندي، پر ساڳئي وقت عالمي تيل مارڪيٽ ۾ غيريقيني صورتحال به وڌندي. خاص ڪري ايران ۽ امريڪا جي وچ ۾ تڪرار، هرمز جي ممڪن بندش ۽ خليجي سياست ۾ تبديليون، هن صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهن ٿيون. منهنجي نظر ۾ وچ اوڀر اڳ ئي تڪرارن جو شڪار آهي ۽ هاڻي توانائي جا معاملا وڌيڪ حساس ٿيندا. ٿي سگهي ٿو ته ٻيا ملڪ به يو اي اِي جي واٽ وٺي اوپيڪ کي ڇڏي ڏين. نوان تيل جا رستا ۽ نوان واپاري معاهدا سامهون اچن. جنهن سان عالمي واپار جو سڄو توازن بدلجي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ هيءَ صورتحال هڪ طرف چئلينج آهي ته ٻئي طرف موقعو به. جيڪڏهن اسان وقت سر پنهنجي توانائي پاليسي کي جديد انداز ۾ ترتيب نه ڏنو ته هن علائقي ۾ ٿيندڙ تبديليون اسان جي معيشت کي ڪنهن نئين بحران ۾ وجهي سگهن ٿيون.

اٽليءَ جي شهرن جو سفري داستان!

عبدالله عثمان موراڻي

(حصو چوٿون)

اتي هجڻ منهنجي اندر ۾ هڪ انتهائي ذاتي احساس پيدا ڪيو ان مون کي اشتياق انصاري صاحب جي لکيل سنڌي سفرنامي "خيما ڪاهوڙين" جي ياد ڏياري، جيڪو هڪ اهڙو ڪتاب هو جيڪو مون ڪافي عرصو اڳ پنهنجي ننڍپڻ ۾ پڙهيو هو. تڏهن پومپائي رڳو هڪ خيال هو، لفظن ۾ بيان ٿيل هڪ ڏورانهين جاءِ هئي. پر هاڻي اتي بيهي مون ان پراڻي تاريخي جاءِ سان حقيقت ۾ ملڻ سان هڪ عجيب تڪميل محسوس ڪئي.

سورنٽو ڏانهن سرنگهن جو سفر : پومپائي جي سير کان پوءِ اسان ٿورو شهر ۽ اوسي پاسي جو چڪر لڳائي اسٽيشن ڏانهن واپس ورياسين ۽ سورنٽو ڏانهن ويندڙ ريل ۾ سوار ٿياسين هن ڀيري، سفر ٿورو سولو محسوس ٿيو جيتوڻيڪ شروعات ۾ پيهه هئي پر نيٺ اسان کي ويهڻ لاءِ جايون ملي ويون. ريل ڪجهه سرنگهن مان گذري ۽ هر سرنگهه اڳتي ايندڙ نظارن لاءِ انتظار ۽ تجسس وڌائي رهي هئي انهن سرنگهن مان گذرندي مون کي دادو کان ڪوئٽه تائين بولان ميل جا سفر ياد اچي ويا ۽ انهن ئي خيالن خيالن ۾ اسان سورنٽو پهچي وياسين. آخري اسٽاپ هجڻ ڪري ريل مڪمل خالي ٿي وئي.

اسان جي ايندڙ منزل املفي (Amalfi) هئي جنهن لاءِ اسان کي بس جي ٽڪيٽن جي ضرورت هئي روانگي جو وقت ويجهو اچڻ ڪري اسان تڪڙا تڪڙا هلندا ٽڪيٽ مشينن ڏانهن وڌياسين. پر سفر ۾ قدرت هميشه وانگر پنهنجا ئي منصوبا رکندي آهي.

ٽڪيٽ واري مشين تي هڪ ديسي ماڻهو پنهنجي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هو. ڪنهن به هٻڪ کان سواءِ برهان سنڌس مدد لاءِ اڳتي وڌيو ڪارڊ ذريعي پيسا ڀرڻ جا مسئلا، منجهيل صورتحال، ديرءَ وقت جي گهٽتائي ۽ ان سڀ ۾ وقت لڳو پر نيٺ اهو ماڻهو ڪامياب ٿي ويو ۽ بس ڏانهن ڊوڙيو. پوءِ هڪ ٻي عورت طرفان مدد جي درخواست آئي جيڪا ساڳين ئي ڏکيائين جو شڪار هئي جڏهن سڀ ڪجهه حل ٿي ويو ۽ اسان بس تائين پهتاسين ته اها اڳ ئي مڪمل ستيل هئي اسان ان ديسي همراهه کي به بس ۾ ڏٺو جابلو سامونڊي رستن تي وروڪڙ کائيندڙ ڊگهي سفر لاءِ بيهي هلي سفر ڪو عقلمنديءَ جو ڪم نه پي لڳو، تنهنڪري اسان تڪليف تي صبر کي ترجيح ڏني ۽ فيصلو ڪيو ته هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ ايندڙ بس جو انتظار ڪري ان ۾ ئي هلون.

سورنٽو جي سونهن ۾ ويڙهيل هڪ وقفو : اهو غير متوقع هڪ ڪلاڪ هڪ تحفو بڻجي ويو. سمنڊ جي مٿان جبلن جي گهيري ۾ واقع سورنٽو هڪ اهڙو شهر آهي جيڪو اهي اهڙا نظارا پيش ڪري ٿو جيڪي ڄڻ ته ڪنهن چٽيل تصوير وانگر لڳن ٿا. سوڙهيون گهٽيون، شهر جا خاموش حصا ۽ سامونڊي پٽيءَ جون جهلڪيون پُرسڪون نفاست جو هڪ ماحول پيدا ڪن ٿيون. برهان علي جو روزو هو ۽ هو صبر ۽ تحمل سان ويٺو رهيو پر ان دوران ادا جان ۽ مون ڪجهه ميوا کائڻ لاءِ ڪجهه وقت ڳولي ورتو ۽ خاموشيءَ سان ويهي اسان پنهنجي اوسي پاسي جي ماحول کي پنهنجي اندر اوتيندا رهياسين.

سورنٽو ۾ هڪ نرمي هئي، جيڪا پومپائي جي تاريخي ۽ ڏکوئيندڙ وزن ۽ املفي جي رنگين جهل پهل جي وچ ۾ هڪ سڪون وارو وقفو هو املفي ڪوسٽل روڊ جتي قدرتي جبل فن تعمير ۽ قدرتي حسن گڏوگڏ نظر اچن ٿا ايندڙ بس بلڪل وقت تي پهتي ڊرائيور پنهنجي سگريٽ جو آخري ڪش هڻي ختم ڪندي اندر داخل ٿيو ۽ اسان جي سفر جي شروعات ٿي بس ۾ توقع کان وڌيڪ پيهه هئي.

ڪجهه مسافر هينڊلز کي مضبوطيءَ سان پڪڙي بيهي رهيا، بس اٽليءَ جي انتهائي خوبصورت پر ڏکين رستن مان هڪ تي هلي رهي هئي سورنٽو کان املفي تائين جو رستو رڳو هڪ سفر ناهي پر اهو هڪ مڪمل تجربو آهي جبلن جي ڪنارن سان وڪڙ کائيندي، گهري نيري سمنڊ جو نظارو ڪندي، هيءَ رستو هر موڙ تي حيران ڪندڙ منظر پيش ڪري ٿو رنگين گهر جبلن جي پاسن سان چنبڙيل لڳن ٿا، ٻيڙيون هيٺ پاڻيءَ تي ننڍڙن ٽڪن وانگر نظر اچن ٿيون ۽ سج جي روشني سڄي منظر تي بدلجندڙ انداز ۾ رقص ڪندي نظر اچي ٿي ويسپا موٽر سائيڪلن وارا وڏي اعتماد سان گذري رهيا هئا. مقامي ماڻهو مهارت سان پنهنجون سواريون هلائي رهيا هئا ۽ اسان جهڙا سياح فوٽن ذريعي هر گهڙيءَ کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ ڪوبه ڪيمرا ان سونهن سان حقيقي انصاف نه پيو ڪري سگهي، جيڪا قدرتي سونهن اسان جون اکيون ڏسي رهيون هيون.

جبلن ۽ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ سهڻو شهر املفي : املفي پهچڻ شرط ائين محسوس ٿيو، ڄڻ اسان ڪنهن پوسٽ ڪارڊ جي اندر پير رکيو هجي اوچن جبلن ۽ سمنڊ جي وچ ۾ گهيريل هيءُ شهر زمين جي هڪ سوڙهي پٽيءَ تي موجود آهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي اندر هڪ پوري دنيا جذب ڪيو بيٺي آهي پنهنجي وڏي ۽ ڦڪي رنگ جي ليمن جي پيداوار جي ڪري مشهور، املفي انهن کي انتهائي تخليقي طريقن سان ملهائي ٿو مثال طور اتي جي ڪو مشروب، مٺايون ڪاڏا ۽ آئيس ڪريم به ليمن جي خالي ٿيل کلن ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا.

اسان ان جي سوڙهين گهٽين ۾ گهمياسين هلڪين لاهين چاڙهين تي چڙهياسين ۽ نيٺ سامونڊي ڪناري تي پهتاسين موسم مهربان يعني سج نڪتل هو ۽ ماڻهو واريءَ تي پکڙيل هئا، جيڪي سج جي تپش ۽ سمنڊ مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا.

هر پاسي زندگي هئي سياحن سان ستيل ريسٽورنٽ، ڳالهه ٻولهه سان گونجندڙ ڪيفي ۽ سوکڙين جا دڪان رنگين يادگيريون سجائي ويٺا هئا، جيڪي يقينن گهر کڻي وڃڻ جو انتظار ڪري رهيون هيون هوا ۾ هڪ خاص قسم جو سڪون ۽ هڪ اهڙي توانائي هئي جنهن پنڌ هلڻ کي وڌيڪ هلڪو ۽ خوشگوار بڻائي ڇڏيو هو.

گرجا گهر جي ڏاڪڻين تي سڪون جون گهڙيون : اسان آئيس ڪريم خريد ڪئي ۽ املفي ڪيٿيڊرل (Duomo di Amalfi) ڏانهن وڌياسين پنهنجي شاندار ٻاهرين ڏيک، محرابن ۽ وڏين ڏاڪڻين سان هيءُ ڪيٿيڊرل شهر جي روحاني ۽ تعميراتي مرڪز طور بيٺل آهي اتي ڏاڪڻين تي ويهي پنهنجي آئيس ڪريم مان لطف اندوز ٿيندي اسان اتي دنيا جهان جي ماڻهن کي گذرندي ڏٺو سياح، مقامي ماڻهوءَ ڪنٽينٽ ڪريئيٽرز، جيڪي اتي پنهنجي سوشل ميڊيا لاءِ ريلز (reels) رڪارڊ ڪري رهيا هئا. اها هڪ اهڙي سڪون واري گهڙي هئي، جيڪا هڪ متحرڪ ۽ ٻوڙ ٻڪ واري ڏينهن ۾ اسان کي اتي ملي.

واپسيءَ ۾ ويچار، خطرا ۽ احساس : شام جو لڳ ڀڳ 5 وڳي، اسان کي احساس ٿيو ته هاڻي واپس هلڻ گهرجي. واپسي به ساڳئي ڊگهي رستي سان ڪرڻي هئي واپسيءَ جو سفر به اڳين سفر جهڙو ئي هو يعني ستيل بسون، وڪڙ کائيندڙ رستا ۽ انهن ماڻهن لاءِ ڊگهو انتظار جيڪي بس ۾ پيهه جي ڪري سوار نٿي ٿي سگهيا هڪ هنڌ اسان جو گذر هڪ حادثي وٽان به ٿيو جنهن ۾ هڪ ڪار ۽ موٽرسائيڪل شامل هئا. اهو حادثو تازو ٿيو هو، جيڪو ان ڳالهه جي ياد ڏياري رهيو هو ته اهي رستا ڪيترا ڏکيا ٿي سگهن ٿا تنهن هوندي به اطالوي ڊرائيور پنهنجي مهارت جو شاندار مظاهرو ڪن ٿا، اهي بااعتماد، ماهر ۽ پنهنجي انداز ۾ منفرد طريقي جو استعمال ڪن ٿا. سفر دوران اسان کي خبر پئي ته آئيس ڪريم جي دڪان تي اسان کان وڌيڪ پئسا ورتا ويا هئا. جان انهن سان رابطو ڪيو ۽ سنڌس مهرباني (آئيس ڪريم جي دڪان وارن جي) جو انهن معافي ورتي ۽ پئسا واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو اهو هڪ ننڍڙو سبق هو ته پنهنجي ڪارڊ ذريعي ڪيل ڏيتي ليتيءَ کي هميشه بيهر چيڪ ڪجي ڪڏهن ڪڏهن. روڪ رقم وارو طريقو واقعي به وڌيڪ سادو ۽ سولو هوندو آهي. اسان رات جو لڳ ڀڳ 8:30 وڳي نيپلز واپس پهتاسين. ٿڪل ته هئاسين پر پراميد ۽ مطمئن به هئاسين هڪ ديسي ريسٽورنٽ ڏانهن ويندي، هڪ ناخوشگوار گهڙي پيش آئي مون محسوس ڪيو ته ٻه ماڻهو غيرضروري طور تي اسان جي تمام ويجهو اچي رهيا هئا، ڇهين حس سرگرم ٿي وئي ۽ ڪجهه غلط ٿيڻ جو احساس ڪندي، مان وڏي هوشياريءَ سان ويجهي هڪ دڪان ۾ داخل ٿي ويس ۽ جان ۽ برهان کي به هڪ دم ائين ڪرڻ جو اشارو ڏنم. اهي ماڻهو هٻڪيا ۽ پوءِ هڪ عجيب ڦڪي مرڪ سان اڳتي وڌي ويا. برهان بعد ۾ اسان جي شڪ جي تصديق ڪئي ته اهي شايد سنڌس سفري ٿيلهو ڦُرڻ جي رٿابندي ڪري رهيا هئا، جيڪا هن جي ڳچيءَ ۽ سيني ۾ ويڙهيل هئي برهان وڌيڪ ٻڌايو ته هتي اهو عام آهي اهو واقعو هڪ ياد ڏياري ٿو ته آگاهي ۽ هوشياري تمام ضروري آهي، چاهي اهو يورپ جي ڪنهن ترقي يافته ملڪ جو ڪو خوبصورت شهر ئي ڇو نه هجي.

رات جي ماني تي ڪاڌي کان مٿانهيون ڳالهيون : ريسٽورنٽ ۾ ڪجهه شين اسان جي توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتي، هڪ منفرد نموني سان تيار ڪيل واش بيسن جيڪو هٿ جي ٽونٽيءَ جي بجاءِ پيرن جي پيڊل سان هليو ٿي اهو مون کي تمام ڪارائتو به لڳو هو ته صفائيءَ جي اصولن مطابق به. اٽليءَ ۾ ڪافي جاين تي اسان اهو به نوٽ ڪيو ته ٽوائيليٽ پيپر جي موجودگيءَ جي باوجود، صفائيءَ لاءِ پاڻيءَ جون گينديون نهايت سوچي سمجهي تيار ڪيون ويون آهن اسان اتي ريسٽورنٽ تي ڪم ڪندڙ هڪ ماڻهوءَ سان ملياسين جيڪو تازو ئي اتي پهتو هو، هو پڙهيل لکيل هو پر جدوجهد واري عمل مان گذري رهيو هو هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ بقول سنڌس جي ته ڪيئن نه هو صبح جو 9 وڳي کان وٺي اڌ رات تائين پنهنجي ئي هڪ هم وطن جي هٿان استحصال جو شڪار هو ۽ تمام گهٽ پگهار تي اڻٿڪو ۽ ڊگهو وقت ڪم ڪري رهيو هو سنڌس ڳالهه ۾ ڪيتري سچائي هئي؟ اها رڳو ڪيس ۽ الله کي ئي خبر هوندي پر سنڌس آواز ۾ جيڪو درد هو تنهن کان انڪار نه پيو ڪري سگهجي سفر اڪثر ڪري خوبصورتي ظاهر ڪندو آهي پر اهو انهن تلخ حقيقتن کي به وائکو ڪندو آهي، جيڪي شايد اسان ٻي صورت ۾ ڪڏهن به نه ڏسي سگهون ها. (هلندڙ)

ايران تي ايٽمي حملي جي ڌمڪي!

اشتياق بيگ

گذريل ڏينهن ۾ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران جي تهذيب کي دنيا مان ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيڻ ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ اهو تاثر پيدا ٿيو ته شايد هو ايران خلاف ايٽمي هٿيار استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. هن ڌمڪي نه صرف وچ اوڀر پر پوري دنيا ۾ ڳڻتي جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. ان حوالي سان امريڪا جي خفيه اداري سي آءِ اي جي اڳوڻي آفيسر ليري جانسن هڪ پوڊ ڪاسٽ ۾ انڪشاف ڪيو ته جڏهن امريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ ۾ جهڙي صورتحال هئي، تڏهن ٽرمپ سخت ذهني دٻاءُ ۾ هو. انهيءَ حالت ۾ هو اوچتو وائيٽ هائوس ۾ قائم 'سيچوئيشن روم' ۾ وڃي پهتو، جتي اهم فوجي فيصلا ڪيا ويندا آهن. اتي هن پينٽاگون جي اعليٰ فوجي آفيسرن سان ميٽنگ دوران ايٽمي هٿيارن جا ڪوڊ حاصل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، پر اتي موجود گڏيل فوجي قيادت جي چيئرمين جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڊين ڪين ڪيس صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن چيو ته: 'امريڪا کي ايران کان ڪو به ايٽمي خطرو ناهي، تنهنڪري توهان کي ايٽمي حملو ڪرڻ جو ارادو ڇڏڻ گهرجي.'

اهڙيون به خبرون سامهون آيون آهن ته جڏهن ڊونلڊ ٽرمپ سيچوئيشن روم مان ٻاهر نڪتو ته امريڪا جي وڏن فوجي آفيسرن پاڻ ۾ ويهي اِهو فيصلو ڪيو ته جيترو ٿي سگهي ٽرمپ کي ان سيچوئيشن روم کان پري رکيو وڃي ڇاڪاڻ ته اهو هنڌ تمام حساس فيصلن لاءِ هوندو آهي.' عام طور ماڻهن ۾ اِهو خيال هوندو آهي ته امريڪي صدر فوج جو سڀ کان وڏو سربراهه (ڪمانڊر اِن چيف) هوندو آهي ۽ ان وٽ ايٽمي هٿيارن جا ڪوڊ ۽ 'ايٽمي بٽڻ' دٻائڻ جو مڪمل اختيار هوندو آهي، جنهن کي هُو جڏهن چاهي استعمال ڪري سگهي ٿو پر هن واقعي مان لڳي ٿو ته حقيقت ايتري سادي ناهي. امريڪا ۾ طاقت جو توازن اهڙو آهي جو ايٽمي حملي جهڙو وڏو فيصلو رڳو صدر اڪيلو نٿو ڪري سگهي پر ان ۾ فوج جي اعليٰ قيادت جي به رضا ۽ صلاح شامل هوندي آهي ياد رهي ته ٽرمپ 7 اپريل تي ايران جي تهذيب کي مڪمل طور تباهه ڪرڻ ۽ نسل ڪشي جي ڌمڪي ڏيندي چيو هو ته 'اڄ رات هڪ پوري تهذيب ختم ٿي سگهي ٿي، جيڪا وري ڪڏهن واپس نه اچي سگهندي.' هن گڏوگڏ اِهو به چيو ته امريڪا ايران کي اهڙن هٿيارن سان نقصان پهچائڻ لاءِ تيار آهي، جيڪي اڳ ڪڏهن استعمال نه ڪيا ويا آهن پر جڏهن سڄي دنيا مان هن بيان تي سخت تنقيد ٿي ته پوءِ ٽرمپ کي وضاحت ڏيڻي پئي ته سنڌس ڳالهه جو مطلب ايران تي ايٽمي حملو ڪرڻ نه هو.

ايٽمي هٿيارن جي استعمال جو صرف خيال ئي انسانيت لاءِ خوف، تباهي ۽ وڏي بربادي جي نشاني سمجهيو ويندو آهي امريڪا دنيا جو اهو واحد ملڪ آهي جنهن ٻي عالمي جنگ دوران ايٽمي هٿيار استعمال ڪيا هئا. ان وقت جاپان جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڪيرايا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ هن لک کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. اهو واقعو ايترو خوفناڪ هو جو ان جا اثر اڄ تائين محسوس ڪيا وڃن ٿا، ڪيترائي ماڻهو بيمارين، معذوري ۽ ٻين تڪليفن جو شڪار ٿيا. اهڙي صورتحال ۾، ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران خلاف ايٽمي هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيڻ عالمي امن جي اصولن جي خلاف سمجهي وڃي ٿي. اهڙيون ڳالهيون دنيا ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ ۽ خطري جو سبب بڻجن ٿيون جڏهن ته امريڪي صدر هن وقت سخت ذهني دٻاءُ ۾ نظر اچي رهيو آهي.

چيو پيو وڃي ته ڊونلڊ ٽرمپ کي هاڻي شدت سان اِهو احساس ٿي رهيو آهي ته هُو اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي ناهيل ڄار ۾ ڦاسي ويو آهي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ امريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جي ناڪامي، جنگ جو ڊگهو ٿيڻ امريڪا اندر سنڌس خلاف ٿيندڙ احتجاج، سنڌس مقبوليت ۾ گهٽتائي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ تقريب دوران مٿس ٿيل قاتلاڻو حملو، اِهي سڀ سبب گڏجي ٽرمپ جي ذهني دٻاءُ کي وڌيڪ وڌائي رهيا آهن انهن حالتن ۾ اهو به چيو پيو وڃي ته ٽرمپ کان ڪنهن به غلط فيصلي جي اميد رد نٿي ڪري سگهجي (يعني اهڙو خطرو موجود آهي). جيڪڏهن ايٽمي هٿيارن جا ڪوڊ ۽ بٽڻ دٻائڻ جو مڪمل اختيار صرف ٽرمپ وٽ هجي ها، ته شايد امريڪا هاڻي تائين ايران تي ايٽمي حملو ڪري چڪو هجي ها ۽ اهو ئي خدشو امريڪا جي اعليٰ فوجي قيادت کي به آهي انهيءَ دٻاءُ هيٺ ٽرمپ ڪجهه ڏينهن اڳ امريڪي نيوي جي سربراهه کي به عهدي تان هٽائي ڇڏيو ٽرمپ جي ذهني دٻاءُ جو هڪ وڏو سبب امريڪا جي سينٽر فار اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز جي تازي رپورٽ به ٻڌائي وڃي ٿي ان رپورٽ موجب، ايران تي لڳاتار 7 هفتن تائين حملا ڪرڻ دوران امريڪا پنهنجن جديد ميزائلن خاص ڪري 'پيٽريٽ ميزائل' سميت، تقريباً 50 سيڪڙو ذخيرو استعمال ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ماليت 35 ارب ڊالر کان به وڌيڪ آهي هاڻي صورتحال اِها آهي ته جيڪڏهن امريڪا کي ڪنهن ٻي وڏي طاقت سان جنگ ڪرڻي پوي ته شايد وٽس دفاع لاءِ ڪافي ميزائل موجود نه هجن اهڙي حالت ۾ ٽرمپ جي حڪومت امريڪي پارليامينٽ (United States Congress) کان وڌيڪ دفاعي بجيٽ جي گهُر ڪري رهي آهي.

اڄڪلهه عالمي سياست هڪ انتهائي نازڪ موڙ تي بيٺي آهي، جتي طاقت ڏيکارڻ ۽ سفارتي حڪمت عملي (ڳالهين ۽ سمجهوتن) جي وچ ۾ توازن تيزيءَ سان بگڙندو پيو وڃي اهڙي صورتحال ۾ ايٽمي هٿيارن جي استعمال جي ڌمڪي حالتن کي وڌيڪ خطرناڪ رُخ ڏئي سگهي ٿي هڪ پاسي امريڪا اِهو چوندي نٿي رهيو آهي ته هو ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ قدم کڻي رهيو آهي، پر ٻئي پاسي امريڪي صدر پاڻ ايران خلاف ايٽمي هٿيار استعمال ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هي ٻٽو رويو صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ٿو امريڪا کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ايٽمي هٿيارن جي استعمال جون ڌمڪيون صرف سياسي بيان نه آهن پر اهو انسانيت جي مستقبل سان کيڏڻ جي برابر آهي جيڪڏهن طاقت جي استعمال کي ترجيح ڏني وئي ته ان جا نتيجا نه صرف هن علائقي (وچ اوڀر) لاءِ، پر سڄي دنيا ۽ انسانيت لاءِ به تمام تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا.

اڄوکو ڏينهن ـ 30 اپريل

محمد امين مگسي



اڄ سنڌ جي ناميا ري دانشور، اديب ۽ محقق محمد امين مگسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 30 اپريل 1962ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سوهي مگسيءَ ۾ پيدا ٿيو. سنڌس والد ڪريم بخش مگسي پنهنجي دور جو هڪ وڏو ديني عالم هو. محمد امين مگسي مئٽرڪ تائين ميهڙ ۾ پڙهيو ۽ بي اي ۽ ايم اي جون سنڌون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ننڍي هوندي کان ئي لکڻ جو شوق هئس. سنڌس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. هو سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل هو ۽ عمر جي آخري حصي ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو رابطه سيڪريٽري رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "جوڳيئڙا جهان ۾" ۽ "مگسي قبيلو تاريخ ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾" شامل آهن. هن 2 جنوري 2021ع تي وفات ڪئي. وفات وقت هو پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين ۾ آفيسر هو. سنڌس زندگيءَ ۽ ادبي ڪارنامن تي آزاد انور ڪانڌڙي "دل جي ڌرتيءَ تي ڪيرڙ آهين" نالي سان هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي.

امر لغاري

اڄ مشهور ليکڪ امر لغاريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن 30 اپريل 1965ع تي سانگهڙ تعلقي

سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ "جاڳ"، "لٽ اوراتي دنيا"، "جت سنڌوءَ ۾ سمنڊ وهي ٿو"، "موکي" ۽ "ٿاري جي ڪناري" شامل آهن.

سيد حاجن شاهه بخاري

هيءَ پنهنجي دور جو صوفي بزرگ ۽ قادرالڪلام شاعر هو. هن بزرگ جي ولادت ڳوٺ لونگاڻي شريف تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. سنڌس وڏا اصل ۾ اُچ شريف جا رهواسي هئا. پاڻ نقشبندي فرقي سان لاڳاپيل هو. پاڻ هڪ صوفي بزرگ هجڻ سان گڏ باڪمال شاعر پڻ هو. هن بزرگ 30 اپريل 1908ع تي وفات ڪئي. سنڌس آخري آرامگاهه لونگاڻي شريف آهي، جتي هر سال 25 کان 27 ربيع الاول تائين ميلو لڳندو آهي.

سيد سليمان شاهه سالم

سنڌ جي هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 13 آگسٽ 1918ع تي تعلقي روهڙي ضلعي سکر جي ڳوٺ ڏيرُ ۾ ٿيو. هن ست درجا سنڌيءَ جا ۽ پنج درجا انگريزيءَ جا پڙهيا ۽ روهڙي سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ نوڪري ڪئي. هو نه فقط هڪ پڪو ۽ پختو شاعر هو پر گڏوگڏ ادبي سرگرمين ۾ به سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو. پاڻ "بزم طالب المولىٰ روهڙي" ۽ "بزم لطيف روهڙي" جو صدر رهيو

مختيار انڙ

مختيار انڙ

ڪردار جو جنم 1926ع ڌاري ڳوٺ مير جي لانڍي، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ضلعي ميرپور خاص ۾ مير الهداد خان ٽالپر جي حويليءَ ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور خاص مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪارڪن ۽ عهديدار طور ڪئي. هو هڪ عوام دوست ۽ سنڌ دوست شخصيت جو مالڪ هو.

هميشه هارين جي حقن ۽ غريب عوام جي ڀلي لاءِ آواز اٿاريندو رهيو. هن جا مولانا ڀاشاني، شيخ مجيب الرحمان، حيدربخش جتوئي، سائين جي ايم سيد، خان عبدالغفار خان، رسول بخش پليجي، فاضل راهو ۽ ٻين سنڌ دوست اڳواڻن سان ويجها لاڳاپا رهيا. هن ايوب خان ۽ ضياءُ الحق جي مارشل لا خلاف جدوجهد ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1970ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جڏهن پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت 1973ع ۾ بلوچن

سي ارجن



اڄ هندستان جي مشهور سنگيتڪار ۽ موسيقيءَ جي ڊائريڪٽر سي ارجن جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سُرن جي دنيا جي هن انمول سفير جو پورو نالو ارجن پرمانند چندناڻي هو. سنڌس جنم پهرين سيپٽمبر 1933ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر ٻڙودا ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو. هن موسيقيءَ ۽ سنگيت جي تربيت پنهنجي پيءُ پرمانند کان حاصل ڪئي. هندستاني فلم انڊسٽريءَ ۾ بلو سي رانيءَ جي اسسٽنٽ طور پنهنجو سفر شروع ڪيائين ۽ اڳتي هلي هندستان جو هڪ ڪامياب ميوزڪ ڊائريڪٽر بڻجي ويو. هن هندستان ۾ ٺهندڙ پهرين سنڌي فلم "اباڻا" جي موسيقي ترتيب ڏني. ان کان علاوه "جهولي لال"، "شال ڌيئر نه ڄمن"، "هو جمالو"، "رات هڪ طوفان جي"، "سنڌوءَ جي ڪناري" ۽ ٻين سنڌي فلمن جي ميوزڪ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين. سنڌيءَ کان علاوه هندي، گجراتي ۽ هرياڻا جي ٻولين ۾ ٺهيل ڪيترين ئي فلمن ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين. هن 30 اپريل 1992ع تي هن جهان مان موڪلايو.

جمال فقير خاصخيلي

اڄ سانگهڙ ضلعي جي مشهور سماجي شخصيت مرحوم جمال فقير خاصخيليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. جمال فقير پيرپاڳاري جو سچو

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس
ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج ٽنڊو الهيار
(روبرو مس حميرا شوڪت)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات وزيران ڌيءُ سڪيلڻو زال محمد بلاول ذات ملاح رهاڻڪ ڳوٺ محمد يوسف ملاح تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار(1) بي بي آصف (2) بي بي عليشا معرفت پلينٽف مسمات وزيران ٻئي مائنر .پلينٽف... بخلاف ... محمد بلاول ولد محمد پنهل ذات ملاح رهاڻڪ ڳوٺ محمد يوسف ملاح تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات صغران زال امير بخش ڌيءُ نور محمد رهاڻڪ بلوچ پاڙو نزد ريلوي اسٽيشن (اي سيڪشن) ٽنڊو الهيار .پلينٽف... بخلاف.امير بخش ولد لڪاڻو رهاڻڪ بلوچ پاڙو نزد ريلوي اسٽيشن (اي سيڪشن) ٽنڊو الهيار 03062874655 ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 48 سال 2026
مسمات افشان زال مشهود انور بروهي ڌيءُ عبدالنبي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو .پلينٽف... بخلاف مشهود انور ولد عبدالرشيد بروهي وينل مين روڊ ٻائي پاس گل ميڊيڪل سينٽر ويجهو ڳهڙو پير درڙ تعلقو درڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ خرچ ۽ ڏاج جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪ)
فيملي سوٽ نمبر 126 سال 2026
مسمات ڪرينو ڌيءُ محمد حسن رهاڻڪ فقير جي ڪوهي ديهه 26 داد تعلقو نوابشاهه .پلينٽف... بخلاف رضا محمد ولد سومرو سولنگي رهاڻڪ ڳوٺ سارنگ ڏاهري تعلقو نوابشاهه 03061247042 ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 29 سال 2026
مسمات طاهره ڪنول ۽ ٻيا رهاڻڪ محلا ڪلهوڙو ڳوٺ نزد ماءُ جي اسپتال حيدرآباد .اپليڪينٽ... بخلاف (1) برانچ مينيجر اين بي پي مارڪيٽ برانچ حيدرآباد (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... اپونٽس
نالي مٿين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي پرويز احمد ڪلهوڙو ولد محمد رحيم شناختي ڪارڊ نمبر 4130310630443 وفات جي تاريخ 24-06-2025 تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XII حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 523 سال 2026
مسمات اقصيٰ ظهور ڌيءُ ظهور .پلينٽف... بخلاف عبدالباسط ولد عبدالرزاق انصاري رهاڻڪ گهرنمبر C/12-904 نزد ٽمبر مارڪيٽ حيدرآباد سيڪنڊ ايڊريس عبدالباسط ڪيشئير الفلاح بينڪ هالا ناڪه برانچ حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ ڊاور اماونٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج XII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج I ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات شمشاد ڌيءُ غلام اڪبر ذات شيخ رهاڻڪ نزد ايجوڪيٽر اسڪول فيز 2 سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي ڄامشورو .پلينٽف... بخلاف ساجد حسين قاضي ولد محمد بخش ذات قاضي رهاڻڪ قاضي پاڙو نزد پرائمري اسڪول گنبت ضلعو خيرپورميرس ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج I ڄامشورو

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي شهزاد علي ولد الهورايو رهاڻڪ ڳوٺ دوست محمد سانگي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي الهورايو ولد محمد رمضان تاريخ 31-12-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 243،242،246 اراضي حصي موجب ديهه برهامڻ ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) شهزاد علي (پٽ) (2) شاهزيب سانگي (پٽ) (3) مسمات ثناء (ڌي) (4) مسمات شاهيد عرفان (ڌي) (5) مسمات انم (ڌي) (6) مسمات صنم عمران (ڌي) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا قائد ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار
هر عام وخاص ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ته آئون نالي دين محمد لانگهائي ولد احمد خان وينل ڳوٺ ٽنڊوڄام بخاري پاڙو وارڊ نمبر 3 جيئن ته منهنجو پٽ نالي مدد علي ولد دين محمد لانگهائي جيڪو غلط ماڻهن جي سنگت صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي اسان جي چوڻ ۾ ناهي ڪافي سمجهائڻ جي باوجود سمجهي نٿو اڄ کانپوءِ مدد علي ولد دين محمد لانگهائي سان لاتعلقي ٿو ڪريان. منهنجو هاڻي ڪو به واسطو ناهي. پاڻ ڪنهن سان ڪا ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو به سرڪاري غير سرڪاري ماڻهو سائنس ڪابه ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو غير قانوني ڪم ڪندو ته ان سان منهنجو واسطو نه آهي ان جو خود ئي پاڻ ذميدار هوندو هي بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سرڪار اچي سگهي
دين محمد لانگهائي ولد احمد خان وينل ڳوٺ ٽنڊوڄام بخاري پاڙو وارڊ نمبر 3

نالي ۽ ولديت جي درستي
جيئن ته منهنجي ڌيءُ جي تعليمي سرٽيفڪيٽن ۾ غلطي سان نالو مريم ۽ پيءُ جو نالو فضل حسين لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري نالو مريم فضل مري ۽ پيءُ جو نالو فضل حسين مري لکيو ۽ پڙهيو وڃي ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي
فضل حسين مري ٽنڊوآدم

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي رحيم بخش ولد ميهر خان هنگورو وينل ڳوٺ ميهر خان هنگورو تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي ميهر خان ولد محمد صالح جيڪو تاريخ 17-11-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڪر ڪي ٽپو نويت مري تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) رحيم بخش (پٽ) (2) محمد خان (پٽ) (3) رسول بخش (پٽ) (4) نبي بخش (پٽ) (5) غلام رسول (پٽ) (6) لال خاتون (ڌي) (7) شهناز (ڌي) (8) حاڪمزادي درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس گهرواري/ والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) محمد قاسم ولد محمد ابراهيم (2) محمد عمر ولد محمد يوسف هنگورو جن ڳوٺ ميهرخان هنگورو ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي سهيل احمد ولد محمد صديق ڪنري رهاڻڪ ڳوٺ پنيوڪري اوڏيرو لعل تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي محمد صديق ولد محمد عثمان ڪنري تاريخ 30-08-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه اوڏيرو لعل ٽپو اوڏيرو لعل تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات امينه (بيواه) (2) سهيل احمد (پٽ) (3) سبير احمد (پٽ) (4) صدام حسين (پٽ) (5) مسمات ارم زال عرفان (ڌي) (6) انعم بانو (ڌي) (7) اقراء (ڌي) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس والد / والده/ ڏاڏو/ ڏاڏي فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) عبدالواحد ولد خدا بخش سومرو (2) غلام محمد ولد محمد صديق ميمڻ جن ڳوٺ اوڏيرولعل ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي زبير احمد ولد محمد جمن سمون وينل ڳوٺ جام سمون تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي محمد جمن ولد عبدالله سمون تاريخ 2025-04-04 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ناجپور جاگير ٽپو اي شاهپور تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) زبير احمد سمون (پٽ) (2) عبدالله (پٽ) (3) عبيدالله (پٽ) (4) مسمات لال (ڌي) (5) مسمات زبيده (ڌي) (6) مسمات جنت (ڌي) (7) مسمات حور (بيواه) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس والد / والده/ ڏاڏو/ ڏاڏي فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) عبدالحفيظ ولد شمس الدين (2) سهيل احمد ولد عبدالرحمان سمون جن ڳوٺ جام سمون ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي علي گل ولد هدايت الله سومرو وينل اوڏيرولعل اسٽيشن تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس ڀاءُ نالي منظور سومرو ولد هدايت الله سومرو جيڪو ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ PST هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 11-04-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات ياسمين سومرو (بيواه) (2) فيصل منظور (پٽ) (3) مريم منظور (ڌي) (4) عريبه منظور (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي (1) فرحان علي ولد محمد انور سومرو (2) محسن علي ولد غلام صديق سومرو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
هن اشتهار ذريعي اطلاع ڏجي ٿو ته اسان هر هڪ نالي (1) فريحا وقار (2) نصر الزمان (3) رمين وقار (4) ماهين وقار سڀ وينل شادمان ٽائون ڪراچي مرحوم وقار الزمان خان جا قانوني وارث هڪ جنرل پاور آف آٽارني (ناقابل منسوخ) سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي وينل محمود آباد ڪراچي ايسٽ جي نالي تي جاري ڪئي آهي بابت زرعي زمين سروي نمبر 205-204-203-202-201 ٽوٽل اراضي 210 ايڪڙ واقع ديهه ٽڪ مڪان ٽپو ڪلوڪهر تعلقو ٿانو بولا خان ضلعو ڄامشورو جيڪڏهن ڪنهن به مذڪوره جنرل پاور آف آٽارني بابت ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ڊپٽي سي آفيس ڄامشورو وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قبول نه ڪيو ويندو
(1) فريحا وقار (2) نصر الزمان (3) رمين وقار (4) ماهين وقار

عام اطلاع
عوام الناس کي آگاهه ٿو ڪجي ته مرحوم ثريا ڌيءُ سلطان جي زير زمين جائيداد جي سلسلي ۾ فوتي کاتي جي منتقلي جي لاءِ مختيارڪار ابراهيم حيدري ۾ درخواست زير غور آهي جائيداد جي تفصيل سروي نمبر 68 رقبو 06 ايڪڙ 24 گهنٽا ديهه لانڍهي تعلقو ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي اراضي زرعي زمين مرحوم جي قانوني وارثن جو حصو 10 گهنٽا درخواستگذار نجيب الدين پٽ نصير الدين شناختي ڪارڊ نمبر 6110118690231 هي درخواست بين مرحوم جي قانوني وارثن جي طرفان نامزد مختيارڪار آفيس ۾ فوتي کاتو مڪمل ڪرائي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مذڪوره جائيداد يا ان جي انتقالي تي ڪو به قانوني حقيقي اعتراض آهي ته مختيارڪار آفيس ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي ۾ تحريري اعتراض جمع ڪرائي سگهي ٿو هن اشتهار جي اشاعت کان ستن ڏينهن جي اندر اعتراض قابل قبول هوندو اعتراض نه ملڻ جي صورت ۾ مقرر وقت بعد درخواست کي قانون مطابق اڪلايو ويندو

****

عوام الناس کي آگاهه ٿو ڪجي ته مرحوم امين الدين ولد سلطان جي زير زمين جائيداد جي سلسلي ۾ فوتي کاتي جي منتقلي جي لاءِ مختيارڪار ابراهيم حيدري ۾ درخواست زير غور آهي جائيداد جي تفصيل سروي نمبر 68 رقبو 06 ايڪڙ 24 گهنٽا ديهه لانڍهي تعلقو ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي اراضي زرعي زمين مرحوم جي قانوني وارثن جو حصو 10 گهنٽا درخواستگذار بابر امين پٽ محمد امين شناختي ڪارڊ نمبر 6110118690231 هي درخواست بين مرحوم جي قانوني وارثن جي طرفان نامزد مختيارڪار آفيس ۾ فوتي کاتو مڪمل ڪرائي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مذڪوره جائيداد يا ان جي انتقالي تي ڪوبه قانوني حقيقي اعتراض آهي ته مختيارڪار آفيس ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي ۾ تحريري اعتراض جمع ڪرائي سگهي ٿو هن اشتهار جي اشاعت کان ستن ڏينهن جي اندر اعتراض قابل قبول هوندو اعتراض نه ملڻ جي صورت ۾ مقرر وقت بعد درخواست کي قانون مطابق اڪلايو ويندو

****

عوام الناس کي آگاهه ٿو ڪجي ته مرحوم زبيده ڌيءُ سلطان جي زير زمين جائيداد جي سلسلي ۾ فوتي کاتي جي منتقلي جي لاءِ مختيارڪار ابراهيم حيدري ۾ درخواست زير غور آهي جائيداد جي تفصيل سروي نمبر 68 رقبو 06 ايڪڙ 24 گهنٽا ديهه لانڍهي تعلقو ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي اراضي زرعي زمين مرحوم جي قانوني وارثن جو حصو 10 گهنٽا درخواستگذار محمد حامد ولد محمد احمد شناختي ڪارڊ نمبر 611019031221 هي درخواست بين مرحوم جي قانوني وارثن جي طرفان نامزد مختيارڪار آفيس ۾ فوتي کاتو مڪمل ڪرائي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مذڪوره جائيداد يا ان جي انتقالي تي ڪو به قانوني حقيقي اعتراض آهي ته مختيارڪار آفيس ابراهيم حيدري ضلعو ملير ڪراچي ۾ تحريري اعتراض جمع ڪرائي سگهي ٿو هن اشتهار جي اشاعت کان ستن ڏينهن جي اندر اعتراض قابل قبول هوندو اعتراض نه ملڻ جي صورت ۾ مقرر وقت بعد درخواست کي قانون مطابق اڪلايو ويندو

بقايا 1 — زين شاهه
شهرين سان ملاقاتون ڪيون ان موقعي تي ڪارڪنن طرفان ڪرمين غوثين تنگوائي ۽ ڪنڊ ڪوٽ ۾ سنڌن پرتپاڪ استقبال ڪيو ويو ڪنڊڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي اڳواڻ نظير احمد سومرو جي والده جي لاڏاڻي تي سنڌس ڳوٺ رسول آباد پهتو جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد زين شاهه چيو ته ملڪ جي مجموعي سياسي معاشي ۽ سماجي صورتحال تي تفصيلي خيال ظاهر ڪيو هن چيو ته پاڪستان هن وقت سخت بحرانن جو شڪار آهي مهانگائي بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ عوام جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪومتي پاليسين جي ناڪامي سبب عام ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ عوام جو اعتماد به گهٽجي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ کي درپيش مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن پاڻي جي کوٽ، امن امان جي خراب صورتحال، تعليم ۽ صحت جي شعبي جي زبون حالي جهڙن مسئلن تي فوري ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي هن زور ڀريو ته سنڌ جي وسيلن تي پهرين حق سنڌ جي عوام جو آهي ۽ ان حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر سطح تي جدوجهد ڪئي ويندي. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي سربراهه نوجوانن کي خاص طور مخاطب ڪندي چيو ته هو وقت جي گهرج کي سمجهن ۽ اڳتي وڌي پارٽي ۾ شامل ٿين هن چيو ته نوجوان ڪنهن به قوم جي اصل طاقت هوندا آهن ۽ انهن جي ذريعي ئي سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهجي ٿي هن چيو ته جيڪڏهن نوجوان متحد ٿي وڃن ته سنڌ کي درپيش مسئلن جو حل ڪڍي سگهجي ٿو ۽ هڪ روشن مستقبل جو بنياد رکي سگهجي ٿو. هن اهو به چيو ته سنڌ يونائيٽڊ پارٽي عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد تي يقين رکي ٿي ۽ پارٽي هر فورم تي سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪندي رهندي هن چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجن حقن لاءِ منظم ٿي ميدان ۾ اچن ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي بهتر مستقبل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. دوري دوران پارٽي جي مقامي اڳواڻن به خطاب ڪيو ۽ رابطا مهم کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جو عزم ظاهر ڪيو ان موقعي تي ڪارڪنن جي وڏي انگ موجود هئي، جن پارٽي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي اهو عزم ورجايو ته هو سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جو پيغام گهر گهر پهچائيندا. آخر ۾ سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي بقا، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل جدوجهد انتهائي ضروري آهي ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي هن مشن کي هر حال ۾ جاري رکندي. تنگوائي ۾ سنڌ يونائيٽڊ جي صدر سائين زين شاهه تنگوائي پهتو جتي ضلعي صدر زريت بجارائي ۽ تعلقي تنگوائي جي صدر رحمدل لاشاري استقبال ڪيو ۽ گل نچاور ڪيا ايس يو پي جي صدر سائين زين شاهه عوامي رابطا مهم جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي ۽ آصف زرداري صدارت وفاقي حڪومت ايوز سنڌ جا سڀ وسيلا لکي ڏئي ٿو پنجاب جو وزير اعلي افغا ح ڪري ٿو سنڌ حڪومت اڳجهاڻي پٽي ڊيڪاري پنجاب چولستان وڃي ماڻهن کي آگاهي ڏيارايان ته هي الائقو شعور ونڊڻ جو علائقو آهي 1938 ع ۾ مسلم ليگ کي هتان جي امين ڪوسو شڪست ڏني هتان جي ماڻهن کي قبيلائي جهيڙن ۾ ڦاسائي ويڙهيو ويو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته 18 ترميم اجان ڏاڻين ناهي آهي ترميم جو مقصد ۾ مڪاني ادارن بابت آهي جيڪو بنو مقامي نظام آهي جيڪڏهن اندو ته اسان مقابلي لاءِ تيار آهيون

بقايا 2 — سامان تقسيم
لڪواڻيون ڪيليون ۽ انهي سان گڏ هر گهر کي 15-15 ڏينهن جو مڪمل کاڌي پيتي جو سامان پيئڻ جي پاڻي جا ڊلا، بسترا، ڪولر ۽ ٻيون سامان ڏنو آهي اسان جي ڪوشش آهي ته اجان وڌيڪ اسان متاثرين کي سولر پليٽون ڇونڙن لاءِ در ۽ ڪٽون فراهم ڪيون هي اسان صرف واپارين جي گروپ ۾ هڪ ميسيج عيوض ايترو ڪجهه ڪيو آهي واپاري ڀائرن جا ٿورائتا آهيون جن متاثرين جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ملايو آهي اسان شڪرگذار آهيون

بقايا 3 — رقم ڦري ويا
سڄاڻل هٿياربندن مستري وزير علي سولنگي کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي سنڌس جي دانهن رڙين تي هٿياربند ڪيس کي ڇڏي فرار ٿي ويا، جڏهن ته ڪنهن به واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 4 — احتجاج
ڪمرن جي سخت ضرورت آهي جڏهن ته شاگردياڻين جو چوڻ آهي ته هو سٺي تعليم حاصل ڪري پنهنجو مستقبل سنوارڻ چاهين ٿيون ۽ سهوليتن جي کوٽ سندن رستي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي استادن ۽ شاگردياڻين ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح تعليمي اختيارين ۽ صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول ۾ ڪلاس رومز ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 5 — احتجاجي مظاهرو
ناهن ۽ هنن سمورين قانوني گهرجن مطابق مختيارڪار روينيو ماتلي مان سيل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري پنهنجي دڪانن ۽ گهرن جي تعمير لاءِ پلاٽ خريد ڪيا آهن سيل سرٽيفڪيٽ جاري ٿيا آهن. هنن چيو آهي ته گذريل 40 سالن کان انهن دڪانن ۾ ڪاروبار ڪري رهيا آهن سندن ملڪيت سرڪار وٽ داخلا به رڪيل آهي ته پوءِ هن وقت انهن پلاٽن کي سرڪاري ملڪيت ڄاڻائي ڪين بي روزگار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي جن جا سمورا ثبوت اسان وٽ ۽ ماتلي روينيو کاتي وٽ موجود آهن انهن چيو ته هم 40 سالن کان ان دڪانن ۾ ڪاروبار ڪندا رهيا آهن دڪاندارن ماتلي جي روينيو مختيارڪار تي الزام هڻندي چيو ته هو هر پرو ڪين حراسان ڪري رهيو آهي دڪاندارن پاران پاڻ سان ٿيندڙ ناانصافي ۽ بي واجبي خلاف دانهيندي انصاف جي گهر ڪئي ويئي.

بقايا 6 — احتجاج
آهي ۾ ميرپورماٿيلو پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري جيڪا اسان سان زيادتي آهي هنن مطالبو ڪيو آهي ته جيڪڏهن ٻن ڏينهن اندر قاتل گرفتار نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 7 — گرفتار
200 عدد مائو گٽڪو هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ٻي پاسي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد پيپل ڪالوني ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي بن چئن ممتاز شيخ ۽ مهتاب شيخ کي وڏي مقدار ۾ منشيات سميت گرفتار ڪري بي سيڪشن ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان موقعي تي ايس ايڇ او رومين سميت گل لغاري ميڊيا کي ٻڌايو ته ايس ايس پي جون سخت هدايتون آهن ڪنهن به منشيات فروش کي بخش نه ڪبو هي منشيات فروش انسانيت جا دشمن آهن جيڪي نوجوان نسل کي اڏوهي وانگر کائي رهيا آهن اسان جون منشيات فروش خلاف ڪارروايون جاري آهن منشيات فروش بازاچن ٻي صورت ۾ سنڌن خلاف سخت قدم کنيا ويندا

بقايا 8 — ڪاميابي
پاسي پ پ پ اميدوار ذوالقرنين ڪوڪر جي ڪاميابي بعد پ پ پ ڪارڪنن ۽ جيالن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي

بقايا 9 — احتجاج
هن چيو ته راڻيپور جو قديمي ۽ تاريخي عيسولاڪو قبرستان هزارا سال پراڻو آهي جنهن ۾ مختلف برادرين جا پيارا دفن ٿيل آهن روينيو عملي جي ملي ڀڳت سان قبرستان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن کي ڪير به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته وڻ وڍڻ وارن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو جمعيت علماءِ اسلام تعلقي سوڀوديرو جي امير مولانا نورمحمد ميمڻ ،قاري لعل محمدعباسي، عبدالواحد بروهي آغا عبد محمد پٺاڻ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عيسو لاڪو قبرستان مان غير قانوني وڻ ڪٽيا ويا آهن اهو وڏو ڏوهه آهي ۽ جيڪڏهن قبرستان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته احتجاج ڪيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ مختلف برادرين جي معززين سان رابطا مهم شروع ڪئي آهي شهرجي قبرستان جي حفاظت ڪئي ويندي هنن چيو وڻن جي وارڊن جو نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 10 — ايس پي کي اپيل

۾ به خلل پئجي رهيو آهي مسجد انتظاميا ضلعي انتظاميا کي هڪ تحريري خط موڪليو آهي جنهن ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته هي غير قانوني ڪم ڪافي عرصي کان جاري آهي ۽ هڪ بااثر شخص منشيات فروشن جي سرپرستي ڪري رهيو آهي خوف ۽ هراس جي ڪري انتظاميا هن وائيٽ ڪالر مجرم جو نالو ۾ وٺڻ کان قاصر آهي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هي سڀ غير قانوني ڪاروبار ٽئون ٽنڊ پوليس اسٽيشن جي ويجهو ٿي رهيو آهي. ۽ اهو لڳي ٿو ته بااثر شخص ايترو طاقتور آهي جو پوليس به سنڌس سامهون بيوس نظر اچي ٿي هن وڌيڪ چيو ته اهو سمجهه کان ٻاهر آهي ته ڪو به سنڌس خلاف آواز اٿارڻ جي همت نٿو ڪري ٽئون ٽنڊ جي رهواسين ايس ايس پي سکر ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته گرائونڊ ۾ قائم منشيات جي اڏن کي ختم ڪيو وڃي ساڳئي وقت، گرائونڊ ۾ غير قانوني پارڪنگ قائم ڪري گاڏين جي مالڪن کان روزانو لکين رپيا ڇهه هزار رپيا پئي جي صورت ۾ ورتا پيا وڃن سوال اهو آهي ته هي پئسا ڪنهن کي ڏنا پيا وڃن؟

بقايا 11 — سيڙاڪو پينا پيش
ذريعي اوسر ڏينڊڙ نمايان نالو قرار ڏيندي چيو آهي ته هن پنهنجي ايامڪاري ۾ سنڌ جي فنڪارن اديبن ۽ سگهڙن کي سنڌن حياتي ۾ مڃتا ڏيندي ڪين پي ٽي وي تي متعارف ڪرايو جنهن کي اڄ به دلين ۾ ياد رکيو پيو وڃي اهڙن جذبن اظهار علي بابا ميڊيا گروپ ضلع ڄامشورو پاران ثقافت کاتي جي سهڪار سان ڪلچر سينٽر ڪوٽڙي ۾ منعقد ڪيل علمي ادبي ۽ ثقافتي سيمينار دوران مقررين پنهنجي خطاب ۾ ڪيو جنهن جي صدارت نامور شخصيت ريڊيو پاڪستان جي سابق اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا ڪئي ۽ خاص مهمانن ۾ آرٽ اينڊ ڪلچر يونيورسٽي جو چانسلر فتاح دائود پوٽو اڳوڻو پرو وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي سيد فرمان علي شاهه مشهور ڪلاسيڪل راڳي ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي، چيرمين ڀٽائي آرٽس ڪائونسل رفيق عيسائي عبدالڪريم بلوچ جو فرزند سينئر پروڊيوسر پي ٽي وي آفتاب بلوچ هئا. آچيائي تقرير آرگنائيزر دلدار جانوري ڪئي ۽ ڪمپيئر جا فرائض عزيز پٽي ادا ڪيا جڏهن ته مقررين ۾ ذوالفقار علي هيسباڻي اداڪار شهباز بلوچ، جهانگير سهڙي خدا دوست صديقي، طارق امام جوڻيجو رشيد شورو غلام رسول غرق شامل هئا. مقررين وڌيڪ چيو ته بلوچ صاحب نه رڳو سنڌ جو عاشق هو بلڪ پاڻ ذاتي طور به انتهائي شريف النفس پرهيزگار ۽ سهڻن سان محبت ڪندڙ انسان هئا. جنهن پنهنجي حياتي ۾ هميشه ٻين لاءِ سوچيو ۽ خدمتون سر انجام ڏنيون جن کي سدائين ياد رکيو ويندو مقررين اهڙي بهترين سيمينار جي انعقاد تي منتظمين کي مبارڪون ڏيندي چيو ته ڪوٽڙي شهر تاريخي ۽ شخصيات جو مرڪز ۽ تقريبات جو گڙهه رهيو آهي ۽ هي پروگرام انهن ۾ هڪ خوبصورت اضافو ٿيندو ان کان اڳ معزز مهمانن کي انتظاميا جي ميمبرن ذوالفقار علي ذلفي بلوچ، راجا سڪندر علي، عزيز پٽي يوسف باريجو عبدالغني دل ڪامران علي دل نجف علي جانوري ۽ ٻين اجرڪن جا روايتي تحفا پيش ڪيا بعد ۾ موسيقي جي محفل ۾ استاد راڳي خادم حسين سخيراڻي امجد علي لاشاري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو ۽ سرور سخيراڻي شاهه لطيف جي وائي پيش ڪئي جڏهن ته مزاحيه فنڪار قادر بخش مٺو مزاحيه ٽوٽڪا ٻڌائي حاضرين ۾ مرڪون وکيريون سيمينار دوران دانيال ڪتاب گهر جي اياز علي ابڙو ۽ احساس پبليڪيشن جي احسان آڪاش طرفان ڪتابن جا اسٽال ۽ عبدالڪريم بلوچ جي يادگيرين جي تصويري نمائش پڻ لڳائي وئي تقريب ۾ مشهور ڪمپيئر ۽ اسڪالر محمود مغل ۽ سيد قطب الحسنين شاهه رفيق احمد جوڻيجو ڪائونسلر بابر اقبال بخشيل راهپوٽو ماسٽر غلام حسين مون نرسنگ شانت منگل پريتم عبدالغني انڙ ذوالفقار هالان رحمت الله قيبس رفيق قاضي چاڪر خان شورو نظر محمد لنڊ، شفيع محمد سولنگي، محمد خان شورو مهتاب بنگش ذيشان پٽي، علي بخش گهرياڻي، مير محمد بلوچ سميت هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ حاضرين لاءِ ريفريشمنٽ جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 12 — استاد ۽ شاگرد گهر
ٽيڪنيڪل ڪاليج جا استاد لکين روپيا تنخواهون ۽ مراعات وٺن باوجود فرضن ۾ غفلت ڪري رهيا آهن جنهن سبب شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي استادن جي غير حاضري سبب شاگردن جي اسڪول ۽ ڪاليج آمد ۽ رفت گهٽجي وئي آهي ٻار تعليم جي زيور کان محروم آهن سرڪاري تعليمي ادارن ۾ تعليم جو معيار بهتر نه هجڻ سبب شهري مجبور ٿي ڪري پنهنجن ٻارڙن کي پرائيويٽ اسڪولن ڏانهن موڪلڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

بقايا 13 — احتجاج
نه ٿي ڏني وڃي ، جنهن ڪري ڪيترائي شاگرد بس ۾ بيٺل ۽ لٽڪيل صورت ۾ سفر ڪرڻ تي مجبور آهن جڏهن ته ڪجهه شاگرد پيٽرول مهانگو هجڻ ڪري گهرا ڪرايا پري لوپ لائين ذريعي سفر ڪرڻ تي مجبور آهن هنن مطالبو ڪيو ته اسان جا ٽرانسپورٽ جا بنيادي مسئلا فل فور حل ڪيا وڃن ، ٻئي طرف شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ آفيسر سيد امجد علي شاهه ،فرحان لطيف ابڙو ،فدا حسين ميتلو مظاهرين سان ڳالهيون ڪري سندن جائز مسئلا 48 ڪلاڪن اندر حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ، جنهن بعد مين گيٽ کولي ڏنو ويو. ۽ يونيورسٽي جو تعليمي سلسلو بحال ڪيو ويو ، ان موقعي تي ٽرانسپورٽ آفيسر سيد امجد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪينگري تعلقي سميت احمدپور روٽس تي يونيورسٽي جون گهربل بس پوائنٽون موجود آهن ،شاگردن جون شڪايتون آهن ته آئوٽ سائيڊر ماڻهون ۽ پاس آئوٽ شاگرد اسان جي سيٽن تي سفر ڪري رهيا آهن جن جو تعلق مقامي اڪثريت رکندڙ هڪ ٿئي قوم سان آهي جن خدشن بابت جاچ جي روشني ۾ شاگردن جا جائز مسئلا وائيس چانسلر اڳ رکنداسين ۽ يقيني طور حل ڪرائينداسين

بقايا 14 — طلحه احمد فاروقي
جنهن جو مقصد معذور ماڻهن کي روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ۽ معاشري ۾ شموليت کي هٿي ڏيڻ آهي. جنهن ۾ مختلف نجي ۽ سرڪاري ادارا شرڪت ڪئي ۽ معذور ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ اسٽال پڻ لڳايا ويا جنهن جو افتتاح صوبائي سيڪريٽري اسپيشل ايجوڪيشن طلحه احمد فاروقي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو ڪيو بعد ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي سيڪريٽري اسپيشل ايجوڪيشن طلحه احمد فاروقي چيو ته پروگرام جو بنيادي مقصد معذور ماڻهن کي اهڙين ڪمپنين سان ڳنڍڻ آهي. جيڪي انهن لاءِ مناسب ۽ شموليت تي ٻڌل روزگار فراهم ڪن ٿيون جيئن هو معاشي طور خودمختيار بڻجي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته اسپيشل ماڻهن کي قانوني ۽ ٻيا بنيادي حق فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي ۾ پرائيويٽ ادارن ۾ اسپيشل ڪوٽا تي عملدرآمد گهٽ ڪرايو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته اسپيشل ايجوڪيشن کاتي پاران هر ڊويزن ۾ اهڙا جاب فيئر پروگرام منعقد ڪيا پيا وڃن هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران سماجي تنظيم جي تعاون سان حيدرآباد ۾ ڊائون سنڊروم جو ادارو قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته 10 کان وڌيڪ آٽيزم جا ادارا ڪم ڪري رهيا آهن تقريب کي خطاب ڪندي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو چيو ته خصوصي ماڻهو اسان جي معاشري جو اهم حصو آهن جن کي ڪارآمد شهري بڻائڻ سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اسپيشل ايجوڪيشن کاتي پاران اسپيشل ماڻهن لاءِ هي پليٽ فارم مهيا ڪرڻ بهترين عمل آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران خصوصي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ 5 سيڪڙو ڪوٽا تي عملدرآمد ڪرايو پيو وڃي جنهن تحت ڊويزن جي مختلف کاتن ۾ خصوصي ماڻهن کي ميرٽ جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون ويون آهن ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اسپيشل ماڻهن پاران تيار ڪيل شين کي پروموٽ ڪرڻ ۽ سنڌن شيون رکڻ لاءِ ڊسپلي سينٽر قائم ڪيو ويندو تقريب ۾ ٻڌايو ويو ته هن پروگرام ۾ 5 سو کان وڌيڪ اسپيشل ماڻهن کان سي ويون ورتيون ويون آهن جڏهن ته سي ويون نه آڻيندڙ ۾ 2 سو کان وڌيڪ ماڻهن جي انٽري ڪئي وئي آهي جيڪي نجي ادارن ۾ نوڪري لاءِ موڪليون وينديون تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ساراهه جاويد، ڪنيڪٽ هير جي سي اي او عظيم ذنجي، SPDPAجي ڊائريڪٽر جنرل غلام فاروق لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر دائم خان ريجنل ڊائريڪٽر اسپيشل ايجوڪيشن نثار احمد بروهي، ري سي سليم رضا سمون پ پ پ ضلع صدر محمد سالم زرداري، انچارج زرداري هائوس مير محمد سيال، راشد چانڊيو نادرا انچارج رفيق احمد بلي ڊپٽي ڊائريڪٽر پاڪستان بيت المال شهزاد جسڪاڻي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد يوسف مجيداڻي پرنسپل عبدالرحيم ڪاتوري، صدر اين ڊي ايف عابد لاشاري سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماهرن ڪمپنين جا نمائندا ۽ روزگار ڳوليندڙ معذور ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي منتظمين جو چوڻ آهي ته هي فيئر معذور ماڻهن لاءِ نه صرف روزگار جا موقعا پيدا ڪندو پر انهن کي سماج جو ڪارائتو حصو بڻجڻ ۾ پڻ مدد ڏيندو.

بقايا 15 — احتجاجي مظاهرو
لٽ ڏئي ظلم ڪيو آهي هنن چيو ته اسان ترجي معززين کي پڻ زميندار جي ظلم جبر جي دانهن ڏني مگر زميندار ڪنهن جي به نه ٻڌي هن چيو هاريي زمين تي ڪو نقصان ٿيو ته ذميوار زميندار ۽ ان پٽ هوندو ان موقعي هارين هاريو جو حق ڏيو ناجائزي ظلم بند ڪيو هاريي جو حساب ڏيو ظلم بند ڪيو انصاف ڏيو جا نعرا هنيا

بقايا 16 — احتجاج
۽ ارشد عرف ارشو مڱڻيجو ٻئي پٽ غلام حيدر عرف حيدرو مڱڻيجو پسٽل ۽ لٺين سان شهري اڳواڻ سينئير صحافي فاروق علي مڱڻيجو جي ڀاءُ جميل احمد ۽ ڀائيجو ارسلان احمد مڱڻيجو تي حملو ڪري ڪين ڌڪ هڻي ۽ موٽمار ڌمڪيون ڏئي جوابدار کي ڇڏائي فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او سيڪارجا نظير احمد پيو ترت ڪارروائي ڪندي جوابدارن جو پيڇو ڪيو مگر هو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ان حوالي سان شهري اڳواڻ سينئير صحافي فاروق علي مڱڻيجو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي ٺري ميرواهه ۽ ايس ايڇ او سيڪارجا کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي چوري ۾ ملوث ۽ حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 17 — هڪ ڄڻو قتل
مگسي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 18 — واپرائڻ تي مجبور
ٿي رهيا آهن جنهن جو وزير اعلا سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ۽ مٽياري ضلعي جا چونڊيل نمائندا فوري نوٽيس وٺي ڳوٺ ۾ لڳل آرو پلانٽ چالو ڪرائي اسان کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي مهيا ڪن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 19 — ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو
موقع تي ئي ضايع ڪيو ويو ڪارروائي دوران فوڊ سيفٽي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ هوٽل مالڪن تي ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا ذريعن موجب هي آپريشن خيرپور جي مختلف تعلقن ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ لاڳاپيل هوٽل مالڪن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي ته هو معياري ۽ محفوظ کاڌي پيتي جون شيون استعمال ڪن فوڊ اٿارٽي عملدارن خبردار ڪيو آهي ته ايندڙ ڀڃڪڙي جي صورت ۾ وڌيڪ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 20 — اڪائونٽ آفيسر
رڪاوٽون هرگز برداشت نه ڪيون وينديون جڏهن ته عوام کي بروقت رليف فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي. غلام سرور چاچڙ چارج سنڀاليندي ئي اعلان ڪيو هو ته عوامي مسئلن جي فوري حل کي يقيني بڻائڻ لاءِ روزانو منجهند 12 وڳي کان 1 وڳي تائين کليل ڪچهري منعقد ڪئي ويندي جتي صرف جائز مسئلا رکندڙ ماڻهن کي ترجيحي بنيادن تي ٻڌو ۽ حل ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪرپٽري آفيس ۾ شفافيت ۽ ميرٽ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. هن ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس جي عملي کي سختي سان هدايت ڪئي ته عوام سان سٺي اخلاق سان پيش اچن سندن مسئلا غور سان ٻڌن ۽ مڪمل دستاويز هجڻ جي صورت ۾ فوري ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته مان پاڻ سمورن معاملن تي گهري نظر رکي رهيو آهيان ڪنهن به قسم جي سستي غفلت يا بدانتظامي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ذميوارن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪئي ويندي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر وڌيڪ واضح ڪيو ته کليل ڪچهري جو هڪ ڪلاڪ مقرر ڪرڻ جو اهو مطلب هرگز ناهي ته ان کان پوءِ ايندڙ سائلين کي نظرانداز ڪيو ويندو منهنجي آفيس جا دروازا عوام لاءِ هميشه کليل آهن جيڪو به جائز مسئلو کڻي ايندو ان کي هر ممڪن سهولت ۽ فوري رليف فراهم ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿي ته هفتي ۾ هڪ ڏينهن مڪمل طور عوامي مسئلا ٻڌڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويندو ته جيئن شفافيت، جوابدهي ۽ عوامي خدمت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي.

بقايا 21 — لاڏاڻو ڪري ويو
شخصيتن ۽ مختلف مذهبي ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه ۾ شيعه رابطا ڪائونسل جي ضلعي جنرل سيڪريٽري چوڙي سيد محمد مطهر زيدي، علامه سيد مستجاب حيدر عابدي، رئيس حيدن اصغر عباس نقوي، سيد شڪيل ريحان زيدي، علي عظمت بلوچ، سيد شهباز شاهه ڪاشف حسين سميت ٻيا به ڪيترائي ماڻهو شريڪ ٿيا مرحوم جي وارثن سيد ضياءُ عباس نقوي ۽ سيد اصغر عباس نقوي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 22 — گهر سڙي رک
ڪينگرن پاران وسائي ضابطو آندو ويو ۽ متاثرين کلي آسمان هيٺ ويٺا آهن باه متاثرين سرڪار کان مطالبو ڪيو آهي ته اسانجي ٿيل نقصان جو ترت ازالو ڪيو وڃي

بقايا 23 — احتجاجي ريلي
روزگار ۽ مثبت سرگرمين جي ضرورت آهي نه ڪي شراب خانا. ان موقعي تي شاگردن ۽ استادن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي وائن شاپ جو منصوبو ختم ڪيو وڃي، چو ته اهڙا قدم نوجوان نسل جي تباهي جو سبب بڻجي سگهن ٿا. مظاهرين جو نعرو هو: "گولاڙچي کي وائن شاپ نه، تعليم کپي" شاگردن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن جائز مطالبو نه مڃيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو.

بقايا 24 — جاڳرتا سيمينار
چيو ته عورتن ۾ سروائيڪل ڪينسر (ٻچيداني جو ڪينسر) ٿيڻ جا وڏا امڪان هجن ٿا جنهن کان بچڻ جو واحد حل انهن کي ننڍي ڄمار(9 سالن جي عمر) ۾ ئي بچاءُ جا ٽڪا لڳرائڻ آهي.هن والدين ۽ شاگردياڻين جي استادن کي اپيل ڪئي ته اهي اسان جي ڌيئرن کي انهي مرض کان بچائڻ لاءِ صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميه سان ڀرپور سهڪار ڪن ته جيئن انهن جو مستقبل محفوظ بنائي سگهجي.هن چيو ته گهر ۾ ڪو به ٻار جيڪڏهن بيمار هوندو ته سمورو ڪٽنب پريشان ٿيندو ان لاءِ ضروري آهي ته بيماري کان اڳ ان جو بچاءُ ڪجي، هن ڪيمر ورڪ واري قدمن کي ساراهيندي چيو ته جيڪڏهن سمورا گڏجي هڪوڙي پليٽ فارم تي ڪم ڪن ته سمورا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا.هن انسداد پوليو مهمن ۾ ڀرپور ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙن جي ساراهه ڪئي.ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي آچيائو پيش ڪندي عالمي هفتي جي افاديت تي روشني وڌي هن ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته صحت کاتي پاران انسداد پوليو مهم کان علاوه هر سال اپريل جي مهيني ۾ 24 اپريل کان 30 اپريل تائين هڪ هفتو ملهايو ويندو آهي جنهن دوران نه صرف ٻارن کي پر ڳورهاڙين عورتن کي 13 مختلف بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا لڳايا ويندا آهن .ان موقعي تي ڳالهائيندي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ انسداد پوليو مهم جي صحت کاتي جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر پرت ڪمار سوٽي ٿرپارڪر ۾ ڪڻ هفتي جي هفتي جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي مختلف غير سرڪاري تنظيمن جو گڏيل سهڪار حاصل آهي جن جي گڏيل ڪوشش سان اميد آهي ته اسان پنهنجو مقرر ڪيل حدف حاصل ڪري ۾ ڪامياب ٿي وينداسين هن چيو ته حفاظتي ٽڪا ٻارن کي 13 مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ جو مفت ۽ سڀ کان اثرائتو طريقو آهي هن چيو ته اهي بيماريون اوچتو ظاهر ٿي ڪڏهن معذوري ته ڪڏهن ڪڏهن موت جو ڪارڻ به بڻجي سگهن ٿيون پر حفاظتي ٽڪن ذريعي اهڙين بيمارين کي مڪمل طور روڪي سگهجي ٿو بعد ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا.

بقايا 25 — ڊي سي
موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان چيو ته ضلعي سکر جي مياني ۾ سيمپل نيگيٽو آيو آهي اها تمام وڏي ڪاميابي آهي آن لاءِ اسان تي اجان به وڌيڪ ذميداري اچي وڃي ٿي ته آن کي برقرار رکون ڊي سي سکر وڌيڪ ٻڌايو ته پوليو جي خاتمي واري مهم 18 کان 21 مئي 2026 تائين هلائي ويندي ۽ پوليو خلاف مهم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي مڪمل اختيار ڏنا پيا وڃن.

بقايا 26 — مکي ايشو لال
سڏايو ويو.اجلاس دوران ڪارڪنن ٻڌايو ته سکر ڪائون ڪميٽي جي صدر جنرل سيڪريٽري ۽ انفارميشن سيڪريٽري جي چونڊ جلد ڪئي ويندي.

بقايا 27 — تياريون مڪمل
سيڪيورٽي، صفائي، بجلي ۽ ميڊيڪل سميت جامع انتظام مزار جي مرمت ۽ سينگار جاري تفصيلن مطابق روهڙي جي سرزمين هڪ ڀيرو ٻيهر روحانيت، محبت ۽ صوفيائي روايتن سان مهڪي اٿندي جتي عظيم صوفي بزرگ حضرت قادر بخش بيدل جي مزار تي 158هون سالانو عرس مبارڪ 2 کان 4 مئي 2026 (مطابق 1447 هجري) تائين عقيدت ۽ احترام سان سرڪاري سطح تي ملهايو ويندو

بقايا 28 — نوشهروفيروز
پروگرام ۾ حامله عورتن ۽ کير پياريندڙ عورتن لاءِ هڪ امدادي پيڪيج مقرر ڪيو ويو آهي هن پيڪيج دوران انهن رجسٽرڊ عورتن کي ڪل 41,000 رپيا امداد فراهم ڪئي ويندي

بقايا 29 — ڊي سي گهوٽڪي
ڪيون وڃن ته جيئن هو بغير ڪنهن مشڪل جي پنهنجون ذميواريون ادا ڪري سگهن.

بقايا 30 — قتل
پياري قتل ڪري ڇڏيو جوابدار کي شاهپور ڊرهو پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. وارثن موجب گهر اندر بسترن جي پيٽي ۾ بند ڪري جوابدار وچي پاڻ شراب پيتي اسانکي شڪ ٿيو ڪائنس پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ مجيبو پوءِ مار ڪيڻ بعد مجيبو.. پوءِ اسان گهر وياسين جتي بسترن جي پيٽي ۾ ٻارڙو پيل مليو آهي جوابدار نشي ۾ ڌت مليو آهي ٽينگر سان بدفعلي ڪري ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ بعد لاش کي بسترن جي پيٽي ۾ پوري ڇڏيو

بقايا 31 — احتجاج
ننگرپارڪر تي درخواست ڏني آهي اسان سان انصاف نه ٿيو ته خوني جهيڙي جا امڪان آهن جنهن ۾ ٻنهي ڌرين کي نقصان ٿيندو

بقايا 32 — سزا ٻڌائي ڇڏي
رهي ڪجهه وقت پهرين جوابدار پاران جو پنهنجي سئوٽ سان معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو هو جوابدار کهاڙي جو وار ڪري روشن ڪولهي جي ٻانهن ڀڃي ڇڏي هئي فريادي روشن ڪولهي ننگرپارڪر ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪرائي هئي جنهن ۾ فريادي پاران ڪيس جي پيروي وڪيل خالد خاصخيلي ڪئي جوابدار پاران وڪيل چندر ڪولهي وڪالت ڪئي

بقايا 33 — سزا ٻڌائي ڇڏي
فرياد تي تلهار ٿاڻي تي گناهه نمبر 36/2024 قلم 324 تحت داخل ڪيو ويو هو هن ڪيس جي جاچ اي ايس آئي انور علي ڳاهو ڪئي پوليس چئين جوابدارن کي گرفتار ڪري جيل روانو ڪيو هو جڏهن ته جوابدار اصغر جوڻيجو ضمانت تي آزاد هو سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين محمد طاهر عباسي پاران جوابدارن تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سڀني جوابدارن کي ست ست سال بامشقت قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي جوابدار اصغر ضمانت تي آزاد هو جنهن کي عدالتي ڪارروائي دوران ئي پوليس حراست ۾ وٺي جيل روانو ڪري ڇڏيو جڏهن ته باقي جوابدار اڳ ئي جيل ڪسٽڊي هئا

بقايا 34 — انصاف جو مطالبو
ڪندا آهن منع ڪرڻ تان منهنجي خلاف ميڊيا ٽرائل شروع ڪري ڇڏيو اٿن ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. مير آصف ڏالير چيو ته ملدسي پوليس ڪارروائي بعد گلشير خاصخيلي جو پٽ ٺري ۾ گرفتار ٿيڻ بعد مجرجي منهنجي خلاف ڪوڙا الزام هڻي سوشل ميڊيا تي بدنام ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي. ۽ مون کي فون تي ۽ واسطيدارن ذريعي مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن.هن چيو ته مون ڳوٺ جي نوجوانن کي تباهه ٿيندي ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو. هاڻي جوابدار گلشير خاصخيلي پنهنجي ساٿين سان گڏجي منهنجي ڪردار ڪشي ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي خاندان کي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته مان ضلعي انتظاميا ۽ ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد کان مطالبو ٿو ڪريان ته مون کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ جوابدار کي گرفتار ڪري قانون مطابق ڪارروائي ڪئي وڃي. جيڪڏهن مون کي ڪجهه ٿيو ته ان جو ذميوار گلشير خاصخيلي هوندو، هوڏانهن رابطي ڪرڻ تي ملدسي پوليس انچارج مصير خاصخيلي موجب ته ڪچي شراب جي ڪارخاني تي ڇاپو هڪ جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻين خلاف ڪارروائي جاري آهي

بقايا 35 — نشين جو احتجاج
احتجاج ڪندي چيو ته درگاهه سيد امام علي شاهه بخاري ۽ عارب شهيد قبرستان سان وڏو ظلم آهي ۽ صبحان جانوري ۽ مجيد جانوري درگاهه قبرستان ۽ قبرستان جي زمين سان ناجائز نموني ۾ وڻ ڪٽي وڪرو ڪري رهيا آهن جيڪو وڏو ظلم آهي راڏڻ ٿاڻي تي ان جو اطلاع ڏنو آهي ۽ پوليس ڪڪ پڇي بيٺو ناهي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته راڏڻ ۽ آس پاس جي سڀني جا وڏا هن قبرستان ۾ رکيل آهن ۽ ڪو به ايڪشن نه ٿو ڪئي منهنجي اعليٰ انتظاميه ڊي سي ايس ايس پي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ کي اپيل آهي ته خدارا نوٽيس وٺي قبرستان جي مالڪي ڪري وڻن جو قتل عام بند ڪيو وڃي

بقايا 36 — سڃاڻپ
ڪيو ويو آهي.۽ ٻيو جوابدار رحيم بخش بروهي جيڪو پوليس اهلڪار ٻڌايو وڃي پيو ۽ ٽنڊوآدم تعلقي ٿاڻي تي تعينات آهي.ان جي به سڃاڻپ ٿي وئي آهي ۽ سنڌس گهيرو پڻ تنگ آهي. ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي.هوڏانهن اها به ڄاڻ ملي آهي ته هي 2 ڄڻا نه پر ٽي ڄڻا هئا.

بقايا 37 — ٻڌي
مطابق حل ڪيو ويو ۽ حل ڪيو ويو ٻڌي

دوران ايجنسي جي معزز وفاقي محتسب جي لڳن ۽ هدايتن کان پڻ آگاهه ڪيو ويو جنهن ۾ سرڪاري خدمتن جي ادارن ۾ فوري سروس پهچائڻ شفافيت ۽ جوابدهي تي زور ڏنو ويو ايس ايس جي سي جي نمائندن جن بنڌ ۾ شرڪت ڪئي انهن ۾ جناب شڪيل احمد عباسي، مئنيجر بلنگ، ۽ جناب محمد نواز مگسي سپرنٽينڊنٽ (قانوني) شامل هئا. جن معاملن کي واضح ڪرڻ ۽ شڪايتن جي حل کي آسان بڻائڻ ۾ مدد ڪئي بڻائي معبت ٽوٽ تي ختم ٿي عام ماڻهن لاءِ موثر شڪايتن جي ازالي ۽ بهتر خدمت جي معيار کي يقيني بڻائڻ جي عزم جي تصديق ڪئي وئي

بقايا 38 — سزا ٻڌائي ڇڏي
ڪيو ويو هو جنهن تي عدالت واجد شاهه کي بري ڪري ڇڏيو امداد شاهه کي ڦاسي ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جڏهن ته ساڳي عدالت ڀيڻ کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار جاويد بروهي کي عمر قيد ۽ 5 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار معان اقبال بروهي جي فرياد تي سلطان آباد ٿاڻي تي 2024ع ۾ سنڌس ڀيڻ اپيلا بروهي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن تي عدالت فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي ساڳي عدالت 3 ڪلو چرس رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي غلام محمد عرف بابو مگسي کي 10 سال قيد 4 لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار تي 2 مهينا اڳ بيارولنڊ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالتي فيصلي بعد ٽنهي جوابدارن کي جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 39 — اين سي داخل
(ماڊل 2024) نامعلوم چورن چابي ذريعي ڪاهي فرار ٿي ويا. واقعي بعد متاثر ڌر پاران سيڪارجا ٿاڻي تي نامعلوم جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي وئي آهي پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي ۽ چورن جي تلاش جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جلد ئي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ويندي

بقايا 40 — خاطري ڪرائي
۾ ڪي ڏينهن بند رهڻ واري مسئلي تي تحفظات جو اظهار ڪيو شاگردن اسسٽنٽ ڪمشنر کي آگاهه ڪيو ته لائبريري جي هفتي ۾ ٻي ڏينهن بندش سبب سنڌن تعليمي سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن.

بقايا 41 — رهڻ جي ڦرلٽ
ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڊرگر ننگر ڪالوني مان ڏينهن ڏٺي 4 هٿيار بند تعليم کاتي جي اڳوڻي سپروائيزر محمد هاشم ملوڪاڻي جي گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي نياڻين جي ڏاج لاءِ رکيل 12 تولا سونا زيور ۽ ساڍا ٽي لک روپيا روڪ ڦري فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع بي سيڪشن ٿاڻي تي پڻ ڏنو ويو آهي واضح رهي ته ٽنڊو آدم ۾ ڏوهي ڪارروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري شهري سخت پريشان آهن رهواسين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏوهي ڪاروائن تي ڪنٽرول ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 42 — 25 ڄڻا بازياب
ڪرايل ماڻهن کي ٽنڊوالهيار جي عدالت ۾ پيش ڪيو جتان ڪين آزادي ڏني پنهنجي زندگي پاڻ جيئڻ جو حق ڏنو ويو ياد رهي ته شريمتي گلي زال پاريو ڪيچي پاران مذڪوره زميندار خلاف ٽنڊوالهيار جي عدالت ۾ درخواست ڏني وئي جنهن بعد عدالتي حڪم تي 25 ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويو

بقايا 43 — لاش هٿ
قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.ذريعن وٽان معلوم ٿيو ته نوري آباد M9موٽر وي تان مليل لاش خورشيد ڪالوني واسي منصور حسين ولد شمس الدين جو ٻڌايو پيو وڃي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ٻئي پاسي ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي پاور هائوس وٽان نامعلوم پيرسن جو لاش هٿ آيو جنهن جي به سڃاڻپ نه ٿي سگهي

بقايا 44 — رولڙي جو شڪار
آفيس جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيون ڪيترائي پيرا ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود هن وقت تائين ڪونه مختيارڪار مقرر نه ٿي سگهيو آهي هنن مطالبو ڪندي چيو آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي مختيارڪار ميرپور ماٿيلو مقرر ڪيو وڃي

بقايا 45 — دوائون ڏنيون ويون
بابا راڄڪمار چيو ته اوڊيرولال ويلفيئر ٽنڊوآدم جي مسلسل 330 هين ڪئمپ آهي هن نفسانفسي ۽ مهنگائي جي دور ۾ اسان جو مقصد آهي ته اسان غريب ماڻهن کي صحت جي حوالي سان وڌ کان وڌ فائدو رسايون

ڊائريڪٽوريٽ جنرل
ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ سنڌ ڪراچي
بنگلو نمبر D-46، بلاڪ-1، التمش جنرل اسپتال جي ويجهو، ڪلفٽن، ڪراچي
فون نمبر: 99250924، اي ميل آءِ ڊي: dgexcise@excise.gos.pk
نمبر: DG-2(3)Acctt-2026/Procurement/2733 ڪراچي، تاريخ: 28 اپريل 2026
"بدعنوانيءَ کان پاڪ"
ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (N.I.T)
تصحيح
حوالو: ٽينڊر نوٽيس (N.I.T) نمبر: DG-2(3)Acctt-2026/Procurement/2245، تاريخ 06 اپريل 2026. جيڪو سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2017) تحت يونيفارم ۽ حفاظتي ڪپڙن جي حاصلات بابت آهي.
سمورن لاڳاپيل واڪ ڏيندڙن جي ڄاڻ لاءِ اطلاع ڏجي ٿو ته ڪجهه ناگزير حالتن جي ڪري، ٽينڊر / واڪ دستاويز آچ کولڻ جي مقرر تاريخ يعني 27 اپريل 2026 تائين E-PADS پورٽل تي اپ لوڊ نه ٿي سگهيا هئا.
ان ڪري، واڪ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي نئين تاريخ هيٺينءَ ريت هوندي:
الف. واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: 19 مئي 2026 منجهند 01:00 وڳي تائين.
ب. واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: 19 مئي 2026 منجهند 02:00 وڳي.
ٽينڊر نوٽيس جا ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا برقرار رهندا.
(شبانه پرويز)
ڊائريڪٽر (ADMN/MVR)، ڪراچي /
چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ
سنڌ ڪراچي
I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1640/2026

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو
اي ميل: xenphedmirpurmathelo@yahoo.com
No. TC/G-148/692 of 2026 "بدعنوانيءَ کان پاڪ" M. Mathelo Dtd.23/04/2026
تصحيح
هن آفيس جي NIT نمبر: TC/G-148/ 676 تاريخ: 20-04-2026، جيڪو مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو ان تحت طلب ڪيل ڪمن لاءِ آڇون / ٽينڊر وصول ڪرڻ ۽ کولڻ جون تاريخون هيٺئينءَ ريت ٻيهر مقرر ڪيون وڃن ٿيون:
01. آڇون وصول ڪرڻ جي تاريخ 12-05-2026 صبح 10:30 وڳي ۽ آڇون کولڻ جي تاريخ ساڳئي ڏينهن 12-05-2026، 11:00 PM وڳي هوندي.
ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا برقرار رهندا.
(ABHEMENO)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن،
گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو
I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1641/2026

بيڊ مشق وڻن جي نيلامي جو نوٽيس
PPHI SINDH
پي پي ايڇ آءِ بدين پي ايٽ ماتلي جي بنيادي صحت مرڪز علي محمد مهيري جي بلڊنگ مان وڻن جي نيلامي لاءِ واڪن جون آڇون گهرائجن ٿيون
نيلامي جو هنڌ ۽ تاريخ بنيادي صحت مرڪز علي محمد مهيري 13 مئي 2026 اربع صبح 11 بجه
وڌيڪ رابطي لاءِ پي پي ايڇ آءِ بدين پي ايٽ ماتلي
03012410663/03332729474

اسپيشل جج، اينٽي ڪرپشن (پراونشل)، ڪراچي جي عدالت ۾
بئريڪ نمبر 13، سنڌ سيڪريٽريٽ نمبر 4-4، ڪورٽ روڊ، ڪراچي فون: 021_99203193
اسپيشل ڪيس نمبر: 19/2025
سرڪار .... بمقابله .... آصف علي ويناني ۽ ٻيا
زير قلم: 34/405/409/420/467 PPC سان گڏ سيڪشن (2) 5 اينٽي ڪرپشن ايڪٽ- II آف 1947.
FIR نمبر: 03/2025، ACE ايسٽ، ڪراچي.
جوابدار جي حاضري لاءِ گهربل پڌرنامو (اشتهار)
(ڏسو سيڪشن 87 Cr.P.C)
جڏهن ته منهنجي آڏو شڪايت ڪئي وئي آهي ته جوابدار نسيم الحق ملڪ، اڳوڻي ڊپٽي رجسٽرار، ڪوآپريٽو سوسائٽيز ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت، ڪراچي، اهڙا ڏوهه ڪيا آهن جيڪي تعزيراتِ پاڪستان جي سيڪشن 34/405/409/420/467 ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ 1947 جي سيڪشن (2) 5 تحت سزا جوڳا آهن (FIR نمبر 03/2025، ACE ايسٽ، ڪراچي). ۽
جڏهن ته وارنٽ جي تعميل جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جوابدار نٿو ملي ۽ مون کي پڪي خاطري ٿي وئي آهي ته جوابدار لڪي ويو آهي يا وارنٽ جي تعميل کان بچڻ لاءِ پاڻ کي لڪائي رهيو آهي.
تنهنڪري هي پڌرنامو جاري ڪيو وڃي ٿو ته جوابدار نسيم الحق ملڪ کي حڪم ڏجي ٿو ته هو مذڪوره شڪايت جو جواب ڏيڻ لاءِ هن عدالت ۾ تاريخ 04-05-2026 تي صبح 08:30 وڳي پيش ٿئي.
اڄ تاريخ 16 اپريل 2026 تي منهنجي دستخط ۽ عدالت جي مهر سان جاري ڪيو ويو.
اسپيشل جج، اينٽي ڪرپشن ڪورٽ (پراونشل)، ڪراچي.
I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1671/2026

پاڪستان هن وقت سخت بحرانن جو شڪار آهي، مهانگائي، بيروزگاري عوامي زندگي ڏکي ڪئي آهي: زين شاهه

سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ، امن امان جي خراب صورتحال، تعليم ۽ صحت جي شعبي جي زبون حالي جهڙن مسئلن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

سنڌ جي وسيلن تي پهريون حق سنڌ جي عوام جو آهي ۽ ان حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر سطح تي جدوجهد ڪئي ويندي

ايس يو پي سربراهه زين شاهه جو ڪنڊڪوٽ جو دورو، نظير احمد سومرو جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سربراهه سيد زين شاهه ضلع ڪشمور جي علائقي ڪنڊ ڪوٽ، تنگواڻي جو دورو ڪيو جتي هن جاري رابطا مهم جي سلسلي ۾ پارٽي ڪارڪنن معزز ماڻهن ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ واپاري ايسوسيئيشن پاران گڙنهيار ٻاهه متاثرين ۾ امدادي سامان تقسيم

32 متاثر خاندانن کي چونڊي جو مڪمل سامان ۽ 15 ڏينهن جو راشن فراهم ڪيو ويو

متاثرين لاءِ سولر پليٽون، دري ۽ ڪٽون به فراهم ڪيون وينديون: اڳواڻ

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ واپاري ايسوسيئيشن پاران گڙنهيار جي ٻاهه متاثرين ۾ 32 خاندانن ۾ في گهر کي هڪ هڪ چونڊي جو مڪمل سامان 15 ڏينهن جو راشن،پاڻي جا دلا،ڪولر،ڪليون،پٽيون ۽ ٻيو سامان ورهايو،واپاري صدر ڪلديپ پاروائي ۽ محسن لنجو جي اڳواڻي ۾ وفد ڳوٺ پهچي ٻاهه متاثرين جي مدد ڪئي،اڳواڻن چيو ته اسان واپاري ايسوسيئيشن جي طرفان واپارين کان چندو گڏ ڪري گڙنهيار ٻاهه متاثرين 32 خاندانن ۾ هر هڪ کي هڪ هڪ چونڊي جو مڪمل سامان ڏنهن ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڻي پور پرسان هٿياربندن پنڊر معذورن کان روڪ رقم ڦري ويا

راڻيپور (ن ع) راڻي پور جي ڳوٺ علي آباد وساڻ جي سامهون قومي شاهراهه تان اڻ سڃاتل هٿياربندن پينو فقير معذور غلام مصطفي سولنگي کان 2100 سو رپيا روڪ هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ٻئي طرف شاهه جي مشين ويجهو اڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: واپاري ايسوسيئيشن پاران ٻاهه جي متاثرين ۾ گهرو سامان ۽ چونرا ڏاهڻ لاءِ سامان ڏنو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار: ضلعي ڪائونسل لاءِ نامزد پ پ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب

ذوالقرنين ڪوڪر يوسي ڪوڪر تي بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو، نوٽيفڪيشن جاري

يوسي ڪوڪر تي ضلعي ڪائونسل ميمبر جي اير پتافي استعيفا ڏيڻ بعد سيٽ خالي ٿي هئي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي يوسي ڪوڪر تي ضلعي ڪائونسل لاءِ نامزد پيپلز پارٽي جو اميدوار بنا مقابلي ڪامياب، اليڪشن ڪميشن پاران ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري خبر موجب ٽنڊوالهيار جي يوسي ڪوڪر تي ضلعي ڪائونسل جي خالي ٿيل سيٽ تي پ پ پ اميدوار ذوالقرنين ڪوڪر بنا مقابلي ضلعي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي ويو جڏهن ته اليڪشن ڪميشن پاران پ پ اميدوار جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي ياد رهي ته يوسي ڪوڪر تي ضلعي ڪائونسل ميمبر جي ايم پتافي پاران استعيفا ڏيڻ بعد سيٽ خالي ٿي هئي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار وومين پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، 3 ڄڻا گرفتار

ٽنڊو الهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي سخت هدايتن بعد ايس ايڇ او وومين سمينہ گل لغاري وڏي منشي توصيف اعجاز آرائين پوليس نفري سان گڏ مشائخ هوٽي ڦاٽي جي حد ۾ ڪارروائي ڪندي هڪ ڄڻي حميد سري کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار وٽان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ مسجد عثمانيه جي سامهون منشيات جي اڏن کي بند ڪرڻ لاءِ انتظاميا پاران ايس ايس پي کي اپيل

سکر (اسٽاف رپورٽر) مسجد عثمانيه ٺٺوڙ بند سکر جي انتظاميا ايس ايس پي سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته مسجد جي سامهون پوليس جي ميدان ۾ وکرو ٿيندڙ منشيات جوا ۽ برف جي اڏن کي بند ڪيو وڃي انهن غير قانوني سرگرمين جي ڪري مسجد جي تقدس کي پامال ڪيو پيو وڃي ۽ عبادت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

راڻيپور جي تاريخي ۽ قديمي قبرستان تي قبضي خلاف رهواسين جو احتجاج

مظاهرين غازي امداد لاڙڪ، ڊاڪٽر نذير ڪوڪر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

عيسو لاڪو قبرستان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته احتجاج ڪيو ويندو

راڻي پور(ن ع) راڻيپور تحفظ عيسو لاڪو قبرستان ڪاميٽي ۽ جي پاران راڻيپور جي تاريخي ۽ قديمي عيسولاڪو قبرستان تي قبضو ڪرڻ جي سازش ۽ وڻن جي واڍي خلاف غازي امداد لاڙڪ، ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، شاهنواز وساڻ، نماڻوسرڪي، محسن پيلان خان واطئي، قديرسنڌي، بهادر لاڙڪ جي اڳواڻي ۾ تڪين ڏينهن اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس آڏو سخت گرمي ۽ تتهه اس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي قبرستان بچايو اسسٽنٽ ڪمشنر هٽايو وڻ وڍيندڙن کي گرفتار ڪريو جا زوردار نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ناميارين شخصيت عبدالڪريم بلوچ جي ياد ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙاڪو پيٽا پيش

بلوچ صاحب ميڊيا جي دنيا ۾ هڪ نمايان نالو هو، جنهن پي ٽي وي تي ڪيترائي فنڪار متعارف ڪرايا: نصير مرزا

هن پنهنجي حياتي ۾ هميشه ٻين لاءِ سوچيو ۽ خدمتون سرانجام ڏنيون، جن کي سدائين ياد رکيو ويندو

علمي بابا ٿيڊيا گروپ پاران منعقد ٿيل تقريب ۾ فنڪارن سروڪيريا، علمي ادبي شخصيتن جي شرڪت

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) سنڌ جي ساڃاهه وندن طرفان جڳ مشهور شخصيت ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي اڳوڻي ڊائريڪٽر عبدالڪريم بلوچ کي سنڌ جو همدرد، وڏو پارکو ۽ علم ادب ۽ ثقافت کي ميڊيا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: عبدالڪريم بلوچ يادگار سيمينار ۾ نصير مرزا، سيد فرمان علي شاهه، ذوالفقار قريشي، رفيق عيساڻي ۽ ٻيا شريڪ آهن

اسپيشل ماڻهن کي بنيادي حق فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي: طحه احمد فاروقي

سنڌ حڪومت پاران 5 سيڪٽر ڪوٽا تي عملدرآمد ڪرايو پيو وڃي: ڊي سي نوابشاهه

اسپيشل ايجوڪيشن کاتي پاران هر ورزن ۾ اهڙا جاب فيئر پروگرام منعقد ڪيا پيا وڃن

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺي)شهيد بينظيرآباد ۾ معذور ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ ڪيريئر فيئر منعقد سيڪريٽري اسپيشل ايجوڪيشن طحه احمد فاروقي، ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي سنڌ حڪومت اسپيشل ايجوڪيشن جي سهڪار سان سنڌ پرسنز وٿ ڊس ايبيليٽيز پروٽيڪشن اٿارٽي (SPDPA) ۽ ڪنيڪٽ هير اداري پاران "ACCESS ABILITY CAREERS 2026" جي عنوان سان نواب شاهه جي مقامي هال ۾ هڪ اهم ڪيريئر فيئر منعقد ڪيو ويو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سيلارجا جي صحافي فاروق مگنيجو پاران پاڻ تي حملو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سيلارجا (ن ع) سيلارجا ويجهو ڳوٺ ميرخان مگنيجو ۾ شهري اڳواڻ سينئير صحافي فاروق علي مگنيجو جي پراڻي گهر سان ڏينهن ڏٺي جو سولر پليٽ چوري ڪندي، جوابدار ڪاشف عرف ڪاشو ولد غلام حيدر عرف حيدرو مگنيجو موقعي تي پليٽ سميت پڪڙجي پيو جنهن جي خبر پوڻ تي سندس پائرن اخلاق عرف اخلو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

قبوسعيد خان: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

شهدادپور ۾ هارين جو بااثر زميندار جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين امام بخش، حنيف وسيم باگڙائي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بااثر ٽن سالن کان رهيل بچت جا پيسا گهرڻ تان مجرمي بي دخل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ڳوٺ چنو خان ٻراڙيو جي هاريو ڪندڙ هارين امام بخش باگڙائي حنيف باگڙائي وسيم باگڙائي احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته زميندار چامر سڪن بن ٽن سالن کان حساب ڪتاب نه ٿو ڪري بچت جا پيسا گهرڻ تان مجرمي اسان کي زمين تان بي دخل ڪري چڏيو ۽ ٻاهران ٻين ڏاڍين جا ماڻهو گهرائي هاريو پيو ڪرائي هنن چيو ته هاريو ڪسيندڙ زميندار ڏمڪيون ۽ دابا ڏئي پريشان ڪري رهيو هنن ٻڌايو ته اڳ زمين عالمگير وٽ هئي ته هن هاريو نه ڇڏايو مذڪوره زميندار اسان ٻچن جي پيٽ تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور فوڊ اٿارٽي پاران مختلف هوٽلن تي ڇاپا، غير معياري تيل هٿ ڪري ضايع، ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ فوڊ اٿارٽي طرفان غير معياري ۽ مضر صحت تيل جي استعمال خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو جنهن دوران مختلف هوٽلن تي ڇاپا هنيا ويا اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فوڊ اعجاز علي گوپانگ جي اڳواڻي ۾ ٿيل ڪارروائين دوران ڪيترن ئي هوٽلن مان استعمال ٿيندڙ غير معياري تيل هٿ ڪري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: هاري سائين حساب ڪتاب نه ڏيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

چيلهار پرسان اوچتو باهه لڳڻ سبب 6 ڄڻن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ ڪيجراڙو ڪوسا ۾ ٻهاول، شاهنواز رحيم، جنگو ۽ ٻين جي گهرن کي باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب ٻڪريون موٽرسائيڪل جيپ روڪ رقم ۽ ضروري ڪاغذات پڻ سڙي خاڪ

چيلهار (ن ع) چيلهار پرسان ڳوٺ ڪيجراڙو ڪوسا ۾ منجهند ڌاري اوچتو رئيس ٻهاول خان ڪوسو جي پاڙي ۾ باهه لڳي پئي جنهن ۾ رئيس ٻهاول خان،شاهنواز ڪوسو محمدرحيم ڪوسو،رسول بخش ڪوسو،جنگو خان ڪوسو ، ممتاز ڪوسو سميت ٻين جا گهر سڙي رک جو ڍير بنجي ويا ۽ گهرن ۾ پيل سمورو سامان پڻ سڙي خاڪ ٿي ويو ان سان گڏ گهرن ۾ ٻڌل ٻڪريون هڪ موٽرسائيڪل هڪ پوٺوهار جيپ لائسنس وارا هٿيار روڪ رقم ۽ ضروري ڪاغذات وغيره پڻ سڙي ويا جڏهن ته باهه کي فائربرگيڊ چيلهار ۽ لوڪل پاڻي جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر

خيرپور (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر خيرپور غلام سرور چاچڙ چيو آهي ته ٽريزري نظام کي وڌيڪ موثر شفاف ۽ عوام دوست بڻايو ويندو ته جيئن عوام جو اعتماد بحال ٿئي ۽ کين بنا دير سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن واضح ڪيو ته سرڪاري معاملن ۾ دير ۽ غير ضروري

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ پرائيويٽ اسڪولز طرفان وائن شاپ خلاف احتجاجي ريلي

قائم ٿيندڙ وائن شاپ خلاف شاگردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

گولاڙچي هڪ علمي ۽ پرامن شهر آهي جتي ڪنهن به شراب خاني جي ضرورت ناهي:مظاهرين

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي ۾ قائم ٿيندڙ وائن شاپ خلاف مختلف پرائيويٽ اسڪولن جي شاگردن پاران احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو ڪيو ويو، ريلي ۾ جامعه محمديه، اسڪول آف ايڪسيلنس حرمين ڪاليج، شاهه عبداللطيف هاءِ اسڪول سميت ٻين تعليمي ادارن جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، شاگرد هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شهر جي مختلف رستن تان مارچ ڪندا رهيا، جڏهن ته وائن شاپ خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. مظاهرين جو چوڻ هو ته گولاڙچي هڪ علمي ۽ پرامن شهر آهي جتي نوجوان نسل کي تعليم

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور جو سماجي ۽ مذهبي اڳواڻ سيد محمد عباس نقوي لاڏاڻو ڪري ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻ سيد محمد عباس نقوي ولد سيد الطاف حسين نقوي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وياهرحوم جي نماز جنازه انجمن حيدري امام بارگاهه خيرپور ۾ مولانا غلام شبير حيدري جي امامت هيٺ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر جي معزز

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ ٽڪا لڳائڻ جي عالمي هفتي جي حوالي سان جاڳرتا سيمينار

عورتن ۾ سروائيڪل ڪينسر "ٻچيداني جو ڪينسر" ٿيڻ جا وڏا امڪان هجن ٿا:ڊي سي

جنهن کان بچڻ جو واحد حل انهن کي 9 سالن جي عمر ۾ ئي ٻچڻ جا ٽڪا لڳرائڻ آهي

مٺي (ڊ-ر) ٽڪا لڳائڻ جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ صحت کاتي ٿرپارڪر پاران مختلف غير سرڪاري تنظيمن جي سهڪار سان اڄ مٺي جي مقامي هوٽل ۾ جاڳرتا سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو ته پوري دنيا ۾ هر سال لکن هفتي جو هفتو ملهايو وڃي ٿو جنهن جو مقصد ٻارن،ڳورهاڙين عورتن سميت نياڻين کي مختلف بيمارين کان بچائڻ آهي،هن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ موٽرسائيڪل تي شخص ٻڪر کڻي وڃي رهيو آهي

سکر ضلعي ۾ پوليو مهم جي خاتمي دوران ڪنهن به ڪوتاهي کي هرگز قبول نه ڪيو ويندو: ڊي سي

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي سکر ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم نيشنل اميونائيزيشن ڊيز (SNIDs) جو اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ مئي ۾ شروع ٿيندڙ پوليو جي خاتمي واري مهم جي تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو الهيار: ناحق باندي بڻايل هاري بازيابي بعد ڪاٺي ٻاهران بيٺل آهن

بدين: گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول صديق ڪنيار جون شاگرديائيون ڪلاسن جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

بدين گرلز هاءِ اسڪول ۾ ڪلاس رومن جي کوٽ خلاف شاگرديائين جو احتجاج

اسڪول ۾ پنج ڪلاسز جي شاگرديائين کي ٽن ڪلاسز ۾ ضم ڪري پڙهايو پيو وڃي:مظاهرين

هڪ ئي ڪمري ۾ ٻه ڪلاسز هجڻ ڪري پڙهائي سخت متاثر ٿي رهي آهي نوٽيس ورتو وڃي

بدين (ڊ ر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول صديق ڪنيار محلي بدين جي شاگرديائين ڪلاس رومن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن چيو ته اسڪول ۾ پنج ڪلاسز جي شاگرديائين کي ٽن ڪلاسز ۾ ضم ڪري پڙهايو پيو وڃي جنهن جي ڪري شاگرديائين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هڪ ئي ڪمري ۾ ٻه ڪلاسز هجڻ ڪري پڙهائي سخت متاثر ٿي رهي آهي. پرنسپال امبر پڙهڙي ۽ عورت استاد سڪل شاهه جو چوڻ آهي ڪلاس رومز جي کوٽ سبب تعليم جو معيار متاثر ٿي رهيو آهي، وڌيڪ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ماتلي ۾ ٽوتڪاٽي چوڪ جي دڪاندارن جو احتجاجي مظاهرو

40 سالن کان ڪاروبار باوجود دڪان خالي ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي:مظاهرين

سيل سرٽيفڪيٽ ۽ قانوني دستاويز موجود آهن انصاف ڪيو وڃي

ماتلي (ن ع) ماتلي شهر جي ٽوتڪاٽي چوڪ جي 30 کان مٿي دڪانن جي مالڪن پريس ۾ پاڻ سان ٿيندڙ ناانصافي جون داڻهون ڪيون آهن . دڪاندار اڳواڻ بلال تاج ڪمبوهه ۽ ٻين جو چوڻ هو پرامن واپاري آهن وڏن سنڌن دڪانن جا سمورا حق ۽ واسطا موجود آهن ان جي باوجود اسان جي دڪانن کي سرڪاري ملڪيت ڄاڻائي خالي ڪرائڻ لاءِ زور وڌو پيو وڃي جيڪا سراسر ناانصافي آهي .انهن چيو ته انهن دڪانن مان 400 سو خاندانن جي روزگار جو معاملو آهي جنهن جي بنياد تي سنڌن گهرن ۾ چلهه ٻري ٿي هتن چيو ته هو مافيا

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ قتل ٿي ويل انجهان بوزدار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

وارثن ياسر بوزدار، دادن ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال آڏو احتجاج ڪيو

ڪيس داخل هجڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو جي شاهه فيصل ڪالوني جي رهواسڻ مبينه قتل ٿي ويل مسمات انجهان بوزدار جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سندس وارثن پاران ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ياسر بوزدار دادن بوزدار ۽ ٻين چيو ته هڪ هفتو اڳ اسان جي ڀيڻ انجهان بوزدار کي سهري احمد بوزدار پٽن سان ملي سخت تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو هو جيڪا علاج دوران فوت ٿي وئي هئي جنهن جو قتل ڪيس ميرپورماٿيلو پوليس ٿاڻي تي داخل ٿيل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سکر: شهري منشيات جي وڪري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو سول جج پاران ڪاليج ۽ اسڪول جو دورو، استاد ۽ شاگرد گم

سول جج خالد ستار سومرو ڪاليج پهتو ته نه ڪلاسن ۾ شاگرد هئا نه ئي استاد

افسوس استاد لکين رپيا پگهار ۽ مراعات وٺن باوجود فرضن ۾ غفلت ڪري رهيا آهن: سول جج

ميرپور ماٿيلو (ن ع) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تي فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو گرڊيل ڏينهن اوچتو موٽو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪيو ته دوري دوران ڪلاس 6 ,C,D,E,F,B ۽ ڪلاس فرسٽ ايئر انٽر ڪلاس E,F 7 ڪلاس ڏهين D سميت ڪنهن به ڪلاس ۾ ڪوبه شاگرد موجود نه هو ۽ نه ئي پرنسپال سميت ڪو استاد موجود هيو اهڙي قسم جو اطلاع ملڻ بعد پرنسپال موٽو ٽيڪنيڪل ڪاليج پهتو ته فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو پرنسپال کي چند پٽيندي چيو ته افسوس جو مقام آهي جو موٽو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن جو بنيادي سهولتن لاءِ احتجاج

شاگردن فخرالدين مهيسر،صداقت شر،مجيب بلوچ ،عبيد ناريجو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فيس ادا ڪرڻ باوجود ٽرانسپورٽ بس پوائنٽ جي سهولت نه ٿي ڏني وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگردن يونيورسٽي جي مين گيٽ کي تالابندي ڪري ٽرانسپورٽ جي بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو، مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ شاگردن ۾ فخرالدين مهيسر ،صداقت شر ،مجيب بلوچ ،عبيد ناريجو ۽ ٻيا شامل هئا ، مظاهري دوران شاگردن ۽ يونيورسٽي جي سيڪيورٽي عملي ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي مظاهرين چيو ته ڪيترا ڀيرا شڪايت ڪرڻ باوجود ڪنگري تعلقي ۽ احمدپور جي شاگردن کي ٽرانسپورٽ فيس ادا ڪرڻ باوجود ٽرانسپورٽ بس پوائنٽ جي سهولت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: بدامني ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

قبوسعيدخان لڳ زمين جي مالڪي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، ٻه زخمي

ڳوٺ علي دوست مگسي ۾ جهيڙي دوران ٽي ڄڻا غلام رسول، خان محمد ممتاز علي زخمي ٿيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي خان محمد مگسي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

قبوسعيدخان (ن ع) قبوسعيدخان ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ علي دوست مگسي ۾ زمين جي مالڪي تان مگسي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي دوران ڪهاڙين ۽ لٺين جو آزاڌاڻو استعمال ڪيو ويو جهيڙي جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ هڪ ڌر جو غلام رسول پٽ فقير الله ڏنو آدماڻي مگسي سخت زخمي ٿيو جنهن کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو ابتدائي طبي امداد بعد ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو ٻئي ڌر جا خان محمد مگسي ۽ ممتاز علي مگسي پڻ سخت زخمي ٿيا، جن مان خان محمد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

اڏيرو لال لڳ آرو پلانٽ ناڪاره بڻيل، ڳوٺاڻا کارو پاڻي واپرائڻ تي مجبور

خراب پاڻي واپرائڻ سبب معصوم ٻار عورتون ڪاري سائي ڇمڙي جي بيمارين ۾ مبتلا

شڪايتن باوجود ڪنهن به نوٽيس ناهي ورتو چونڊيل نمائندا مسئلو حل ڪرائين: ڳوٺاڻا

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ چنيسر خاصخيلي جو آروپلانٽ گذريل 2 سالن کان ناڪاره ڳوٺاڻن جو ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي مٽياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي اعجاز خاصخيلي عظيم خاصخيلي قادر خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته ڳوٺ ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان آروپلانٽ تهيل آهي پر پبلڪ هيلٿ کاتي مٽياري ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي نااهلي سبب بند پيل آهي ۽ اسان ڳوٺاڻا جر جو خراب پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهيون جنهن سبب اسان جا معصوم ٻار گيسٽرو خارش ڪاري سائي جهڙن موذي مرضن ۾ مبتلا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گرمي وڌڻ بعد نوجوان لسي پي رهيا آهن

سکر ۾ حضرت قادر بخش بيدل جو عرس مبارڪ 2 مئي کان شروع ٿيندو تياريون مڪمل

سکر/روهڙي (بيورو رپورٽ) درگاهه حضرت قادر بخش بيدل تي 158هون سالانو عرس 2 مئي کان شروع ٿيندو عرس جون ٽن ڏينهن جي روحاني تقريبون سيڪي بندوبست سرڪاري سطح تي مڪمل ڪيا ويندا، افتتاحي تقريب ۾ چادر چاڙهي ويندي، 4 مئي تي ضلع ڀر ۾ عام موڪل هوندي، زائرين جي سهولت لاءِ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر ٽائون جي صدر، جنرل سيڪريٽري ۽ انفارميشن سيڪريٽري جي چونڊ جلد ڪئي ويندي: مکي ايشور لال

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڊسٽرڪٽ ميناري وِنگ جو هنگامي اجلاس ڪوئنس روڊ وائيٽ هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن جي زير صدارت مکي ايشور لال اجلاس ٿيو هلايس جنهن ۾ ضلعي ڀر مان عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس وچي ڪمار ڄگواڻي جي هدايتن تي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت ضلعي ۾ حاملا ۽ کير پيارينديڙ عورتن لاءِ هڪ امدادي پيڪيج متعارف ڪرايو پيو آهي: ڊي سي نوشهروفيروز

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي صدارت ۾ سنڌ حڪومت جي سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي پاران مامتا پروگرام جي سلسلي ۾ ضلعي ڪوارڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس سنڌس آفيس ۾ منعقد ٿيو ان موقعي تي هن چيو ته سنڌ حڪومت ضلعي ۾ غذائي ڪوٽ جو شڪار حامله عورتن جي تحفظ ۽ انهن جي ٻارن جي صحت جي بهتري لاءِ هڪ پروگرام شروع ڪري رهي آهي هن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ضلعي ۾ شديد گرمي کي نظر ۾ رکندي پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪيو وڃي: ڊي سي گهوٽڪي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ پوليو مهم بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راؤ آفتاب، سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ پوليو پروگرام سان لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پوليو ورڪرن جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ چو ته هو گهر گهر وڃي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارين ٿا، تنهن ڪري پوليو ورڪرن کي ضروري سهولتون فراهم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ دل ڏڪائيندڙ واقعو: 8 ورهين جي نينگر کي شراب پيارڻ بعد قتل

الهڏنو ساند ۽ جوابدار محمد ساند پاڙي فياض کي گهر اندر شراب پياري گهٽا ڏئي قتل ڪيو

جوابدار نشي جي حالت ۾ ڏوهه قبول ڪيو، لاش بسترن جي پيٽي مان هٿ آيو: وارث

شاهپور دربور پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار محمد ساند کي گرفتار ڪري ورتو

مٽياري (ڊ ر) الهڏنو ساند ۽ جوابدار 8 ورهين جي نينگر کي شراب پيارڻ بعد منهن ۾ ڌڪ هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي. عثمان ساند جي 8 سالن جي پوٽي فياض پٽ اياز کي محمد ساند گهٽا ڏئي شراب

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مٽياري: فوتي ٻارڙي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ننگرپارڪر ۾ سرڪاري زمين تي قبضي، مال جا گس بند ڪرڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ رڻمل سر تلاءُ جي رهواسين پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

طيب ۽ سائينداد ڪاڙڪ زمين تي قبضا ڪري مال جا گس بند ڪري ڇڏيا آهن:مظاهرين

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ رڻمل سر تلاءُ جي رهواسين ڪاڙڪ برادري جي محمد رمضان، محبوب علي جلال ثناءالله محمد رحيم عبدالرحيم ڪاڙڪ ۽ ٻين پريس ڪلب ننگرپارڪر آڏو احتجاج ڪندي چيو ته طيب ۽ سائينداد ڪاڙڪ اسان جي ڳوٺ آڏو سرڪاري زمين تي قبضا ڪري مال جا گس، پيهڻ جي پاڻي جا تلاءُ ڏانهن ويندڙ گس بند ڪري ڇڏيا آهن هنن چيو ته اسان وٽ پيهڻ جي پاڻي جو ذريعو تلاءُ آهي تلاءُ جي آس پاس قبضا ڪري اسان جا رستا بند ڪيا ويا آهن هنن چيو ته اسان پوليس ٿاڻي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر عدالت جهيڙي جي ڪيس ۾ جوابدار کي ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ننگرپارڪر (ن ع) سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ سڪندر علي چانڊيو ننگرپارڪر جي عدالت ڪيس نمبر 07/2026 ۾ جوابدار لڇيت ڪولهي ڳوٺ سٽو تي ڪيس ثابت ٿيڻ تي 4,80000 جو ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي بروقت ڏنڊ نه ڀرڻ جي صورت ۾ جوابدار لڇيت ڪولهي کي ميرپورخاص جيل ڏانهن موڪلي ڇڏيو ياد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين عدالت جهيڙي جي ڪيس ۾ ست جوابدارن کي 7-7 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بدين (ڊ ر) تلهار ٿاڻي جي حد ۾ پلاٽ جي مالڪي جي تڪرار تان جوابدارن هر هڪ محمد موسيٰ علي ڏنو علي اڪبر اصغر ۽ حاجي ذات جا سيٺي جوٺيجا جن محمد عرس جوٺيجو وارن جي ڌر جي پنجن ماڻهن کي شديد زخمي ڪيو هو جنهن جو اهڙو اهڙو فرياد محمد عرس جوٺيجو جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ايگريڪلچر ملازمن جو جائز حقن جي حاصلات لاءِ احتجاجي مظاهرو

ملازمن محمد پناهه مهر،مير محمد مهر،آفتاب احمد،پرويز پٺاڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سينيارٽي ۽ قابليت جي بنياد تي پروموشن ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر(بيورو رپورٽ) ايگريڪلچر انجنيئرنگ ورڪشاپ اپر سنڌ جي ملازمن پاران پروموشن،ٽائم اسڪيل، ۽ ٻين جائز حقن کان محروم رکڻ خلاف ورڪشاپ جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ملازمن شرڪت ڪئي،مظاهري دوران ملازمن پنهنجي مطالبن جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ان موقعي تي يونين اڳواڻن محمد پناهه مهر،مير محمد مهر،آفتاب احمد،پرويز پٺاڻ،محمد صالح ساريو،خطاب ڪندي چيو ته هو گذريل

شهدادپور ۾ اڳوڻي يو سي چيئرمين آصف ٽالپر جو منشيات فروشن جي ڌمڪين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) ڪچي شراب وڪرو ڪرڻ تان منهنجي خلاف ڪردار ڪشي پروپيگنڊه ڪئي پئي وڃي اهڙيون ڳالهيون شهدادپور لڳ ڳوٺ مهرعلي ٽالپور نيڪ مرد ۽ اڳوڻي يو سي چيئرمين آصف ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيون هن چيو ته گلشير خاصخيلي وارا ڪچو شراب وڪرو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شهدادپور سمس اسپتال ۾ عورتن کي حراسان ڪندڙ جوابدارن جي سڃاڻپ

سي سي ٽي وي فوٽيج ذريعي جوابدارن جي شاهد ملڪ ۽ رحيم بخش بروهي طور ٿي

شاهد ملڪ کي گرفتار ڪيو آهي ٻين کي پڻ جلد گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

شهدادپور (ن ع) شهدادپور سمس اسپتال ۾ عورتن جي وارڊ ۾ داخل ٿيندڙ ۽ عورت اسٽاف کي حراسان ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث 2 جوابدارن جي سڃاڻپ سي سي ٽي وي فوٽيج ذريعي ٿي وئي،بڌايووڃي پيو ته هڪ جوابدار جو نالو شاهد ملڪ آهي،جيڪو شهر جي سهڻي سائي واري علائقي جو ٻڌايو وڃي پيو،ڪي اسپتال جي ملازمين پاران ڪيل احتجاج ۽ ڊائريڪٽر سمس ڊاڪٽر شيراحمد جمالي جي ذاتي ڪوشش ۽ ميڊيا رپورٽس بعد شاهد ملڪ گرفتار

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

راڌڻ پرسان ڳوٺ فقيرپور ۾ درگاهه تان وڻن جو قتل عام خلاف گادي نشين جو احتجاج

راڌڻ (ن ع)راڌڻ پرسان ڳوٺ فقيرپور ۾ درگاهه سيد عارف شاهه بخاري ۽ سيد امام علي شاهه بخاري جي درگاهه مان وڻن جو قتل عام بند نه ٿي سگهيو ان موقعي تي درگاهه سيد امام علي شاهه بخاري جو گادينشين سيد امداد علي شاهه بخاري عارب شهيد قبرستان ۽ قبرستان جي زمين مان وڻن جي واڍي خلاف سخت

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ هندو عورتن تي پاڙيسرين پاران مبينه حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

مندر ناهڻ تان رنجيت ۽ بابو مستري حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو: دهريا جوڳي

عورت کي ڳچي ۾ رڳو وجهي گهيليو ويو جنهن سبب هو زخمي ٿي پئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي سيشن ڪورٽ ويجهو سيال پاڙي جي رهواسي هندو برادري جي عورتن پاڙيسرين پاران مبينا حملي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيوان موقعي تي دهريا جوڳي الزام هنيو ته مندر ناهڻ جي مامري تان رنجيت ۽ بابو مستري اسان مٿان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو جڏهن ته اسان جي هڪ عورت کي ڳچي ۾ رڳو وجهي گهيليو ويو جنهن سبب هو زخمي ٿي پئي. هنن چيو ته حد جي پوليس ڇاڻايل پي پٽ جوابدارن خلاف ڪيس داخل نٿي ڪري. هنن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

نصيرآباد: پلاٽ جي تڪرار تان ڦاٽي ۾ ٿيل جهيڙي جو ڏيک، ٻئي طرف زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

وفاقي محتسب جي ريجنل آفيس سکر ۾ سوئي سدرن گيس خلاف شڪايتن جي ٻڌڻي

ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه سيڻي داخل شڪايتن کي تفصيل سان ٻڌو

ايس ايس جي سي جي نمائندن معاملن کي واضح ڪرڻ ۽ شڪايتن جي حل ۾ مدد ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ريجن ۾ سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ (ايس ايس جي سي) خلاف داخل شڪايتن جي حوالي سان هڪ ٻڌڻي اڄ وفاقي محتسب جي ريجنل آفيس سکر ۾ منعقد ڪئي وئي ڪارروائي جي صدارت سيد محمود علي شاهه ريجنل هيڊ ڪئي سيڻي شڪايت ڪندڙ فورم جي سامهون پيش ٿيا ۽ انهن جي شڪايتن کي تفصيل سان ٻڌو ويو شڪايتون بنيادي طور تي بدانتظامي سان لاڳاپيل مڪمل طور تي جانچيو ويو مناسب غور ڪيو ويو ته شڪايت ڪندڙن پاران اٿاريل مسئلن کي لاڳو ٿيل قاعدن ۽ ضابطن جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سيلارجا اڳوڻي چيئرمين حاجي غلام مصطفي لنڊ جي در تان موٽرسائيڪل چور کاهي ويا، اين سي داخل

سيلارجا(ن ع) محلا عثمان آباد سيلارجا جي رهواسي اڳوڻي چيئرمين موجوده ڪائونسلر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي صدر حاجي غلام مصطفي لنڊ جي گهر جي در تي بيٺل سي ڊي موٽرسائيڪل

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار عدالت ٽن مختلف ڪيسن ۾ جوابدارن کي سزا ٻڌائي ڇڏي

قتل ڪيس ۾ امداد شاهه کي ڦاسي ۽ ڏهه لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي

ٻيڻ جي قتل ڪيس ۾ جاويد بروهي کي عمر قيد ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا

چرس ڪيس ۾ غلام محمد مگسي کي 10 سال قيد ۽ چار لک رپيا ڏنڊ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي عدالت ٽن ڌار ڌار ڪيسن ۾ هڪ جوابدار کي ڦاسي ٻي کي عمر قيد ۽ ٽي جوابدار کي 10 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، جوابدارن جيل منتقل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج محمد عباس سيال جي عدالت ٽن ڌار ڌار ڪيسن ۾ جوابدار امداد شاهه کي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڦاسي ۽ ڏهه لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار امداد شاهه ۽ واجد شاهه تي 2022ع ۾ نصرپور ٿاڻي تي سائين داد لاشاري جي فرياد تي مقتول امجد لاشاري کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: مقامي ڪاليج ۾ شاگرديائين کي ڊگريون ڏنيون پيون وڃن

ٽنڊوآدم ۾ شاگردن جو لائبريري بند رهڻ خلاف احتجاج، اي سي ملاقات ڪري مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

ٽنڊوآدم(ن ع) ٽنڊوآدم جي شاهه عبداللطيف ميونسپل لائبريري ۾ چتايتي جي امتحانن جي تياري ڪرڻ سميت، ڪاليج ۽ اسڪولن جي شاگردن ۽ واندڪائي جي وقت مطالعي لاءِ ايندڙ شهرين نويد علي ملوڪاڻي جي اڳواڻي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي سان ملاقات ڪري لائبريري هفتي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: شاهه عبداللطيف ميونسپل لائبريري کي هفتي ۾ 3 ڏينهن بند رکڻ خلاف شاگرد اسسٽنٽ ڪمشنر سان ڳالهائي رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ هٿياربندن جي گهر تي ڪاهه، پاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جي ڦرلٽ

ڊوگر نگر ڪالوني واسي هاشم ملوڪاڻي جي گهر ۾ 4 هٿياربندن داخل ٿي پاتين کي يرغمال بڻايو

هٿياربند نياڻين جي ڏاج لاءِ رکيل 12 تولا سونا زيور ۽ ساڍا ٽي لک روپيا روڪ ڦري فرار ٿي ويا

رهواسين پاران اعليٰ عملدارن کان ڏوهي ڪاروائين تي ڪنٽرول ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم اندر بدامنيءِ ۾ ڦاپو ته آئي ڦورو ڏينهن ڏئي تعليم کاتي جي اڳوڻي سپروائيزر هاشم ملوڪاڻي جي گهر مان 12 تولا سونا زيور ۽ ساڍا ٽي لک روڪ ڦري ويا رپورٽ موجب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ ٻن مهينن کان مختيارڪار رونيو جي سيٽ خالي، ماڻهن جا ڪم رولڙي جو شڪار

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ضلعي انتظاميا جي نااهلي سبب گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ گذريل ٻن مهينن کان مختيار ڪار رونيو جي سيٽ خالي پيل آهي جنهن سبب سوين ماڻهن جا جائز ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مختيارڪار مقرر نه ٿيڻ سبب گذريل ٻن مهينن کان اسان

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار عدالتي حڪم تي پوليس ڪارروائي،ٻارڙن سميت 25 ڄڻا بازياب

پيارولنڊ پوليس زميندار دُرجان لاشاري جي زرعي زمين تي ڇاپو هڻي باندي بازياب ڪرايا

بازياب ٿيلن ۾ هيرو، پرڪاش، پاڳتي، ڌرمشي، ڏنو، دليپ، چيتن، ۽ ٻيا شامل

ٽنڊوالهيار / عثمان شاهه هڙپي (نمائندن وٽان) ٽنڊوالهيار جي فسٽ ايڊيشنل سيشن جج محمد عباس سيال جي حڪم تي پيارولنڊ پوليس زميندار دُرجان لاشاري جي زرعي زمين تي ڇاپو هڻي ناحق باندي بڻيل 25 ڄڻن کي بازياب ڪرائي ورتو جڏهن ته بازياب ٿيلن ۾ هيرو . پرڪاش . پاڳتي . ڌرمشي . ڏنو . دليپ . چيتن . رميش . ٽارا ٻائي . سمينہ . چندر . رامچند . گنڏي . شگنا سميت مرد عورتون ۽ ٻارڙا 25 ڄڻا شامل آهن پيارولنڊ پوليس سمورن بازياب

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۽ لوٽي ڪوٽ پرسان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، جاچ شروع

ايئر نائين موٽر وي تان خورشيد ڪالوني واسي منصور حسين ولد شمس الدين جو لاش مليو

سائيٽ واري علائقي پاور هائوس وٽان پيرسن جو لاش هٿ آيو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد ڪالوني واسي منصور حسين ولد شمس الدين جو لوٽي ڪوٽ مان لاش هٿ آيو جڏهن ته ڪوٽڙي سائيٽ جي پاور هائوس واري علائقي مان نامعلوم پيرسن جو پڻ لاش هٿ آيو جامشورو لوٽي ڪوٽ پوليس کي ايئر نائن موٽروي تان هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي پوليس موجب لاش وٽان هڪ رهائشي سرٽيفڪيٽ پڻ مليو آهي، جنهن جي بنياد تي سڃاڻپ جي ڪوشش جاري آهي.پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته لاش کي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ڪوٽڙي ۽ نوري آباد مان مليل اڻ سڃاتل ماڻهن جا لاش

اڏيرو لعل ويلفيئر پاران 330 هين مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي، مفت چيڪ بعد دوائون ڏنيون ويون

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرو لعل ويلفيئر پاران 330 هين مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ اوڏيرولال لولج ۾ لڳائي وئي سماجي اڳواڻ بابا راجڪمار پاران افتتاح ڪيو ويو ڪئمپ ۾ دل شگر بلڊ پريشر ٻارن ڏندن هڏين چمڙي، ڪاري سائي سميت دماغ بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر شرڪت ڪندي مريضن جو چيڪ اپ ڪري مفت دوائون ڏنيون ان موقعي تي سماجي اڳواڻ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڦليلي واهه جي ڪناري تي روڊ جو ڪم ٿي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.